مقصود العارفین



مخدوم عارفی

نیاز همایونی

www.maktabah.org



www.maktabah.org

www.maktabah.org

مقصود العارفين

"رسالو شيخ مغل ڀين"

(فارسيءَ جو سنڌي ترجمو)

مخدوم عاري

ترجمو ۽ ترتيب

نياز همايوني

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

يونيورسٽي آف سنڌ

ڄام شورو

1989ع

www.maktabah.org

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 146

پهريون ايڊيشن: صفر 1410هـ/سيپٽمبر 1989ع
ڪاپي رائيٽ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سڀ حق محفوظ

عبدالقادر جوٽيجي، ڊئريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، جام شوري، ضلعي دادو، سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

سهڻي پرنٽرس، الهندي ڪچي، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

100/00

ملهه: 00.00 رپيا

Institute of Sindhology,
University Of Sind, Jamshoro.

ISBN 669-405-031-6

MUQSOOD - UL - AARFEEN
"RASALO SHAIKH MUGHAL BHEEN"
(Sayings and Biography of Shaikh Mughal Bheen)
By
MUKHDUM AARI
Translation from Persian into Sindhi By
NIAZ HOMAYUNI

Publishers
Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro,
District Dadu. Sindh, Pakistan.

Printers
Sohni Printers, West Kacha, Hyderabad, Sindh.
First Edition: September 1989.

100/-0

Price per copy Rs. 50.00

www.maktabah.org

فهرست

عنوان		صفحو
پبلشر پاران	ڊڪٽر سندالاجي	
مهاڳ	نياز همايوني (مترجم)	1-12
شيخ مغل ٻينءَ جو احوال		14-23
خانداني شجرو		24-26
طريقت جو شجرو		27-28
باب پهريون		
بربحر ۽ ناسوت جي سير ساوڪ جو بيان		29-100
باب ٻيون		
حضرت شيخ محي الدين عبدالقادر جيلانيءَ جي ملاقات		101-110
باب ٽيون		
شريعت جي بيان ۾		111-119
باب چوٿون		
طريقت جي بيان ۾		120-128
باب پنجون		
حقيقت جي بيان ۾		129-133
باب ڇهون		
معرفت جي بيان ۾		134-143
باب ستون		
حضرت شيخ مغل ٻينءَ جي وطن ڏانهن واپسي ۽ شهادت جي باري ۾		144-154
پڇاڙي		155
تعليقات	نياز همايوني (مترجم)	159-194
پلنامو		195-199

www.maktabah.org

صفحہ	عنوان
1-12	پیش لفظ
13-14	(مضمون) ایک مطالعہ
15-22	شیخ مغل میرٹھ کے حالات
23-24	خاندانی شجرہ
25-26	شیخ محمد اکرام کی تصانیف
27-28	باب پہلا
29-100	شیخ کے ہم عصر شعراء کے حالات
101-110	باب دوم
111-118	شیخ کی غزل گوئی
119-120	باب سوم
121-128	شیخ کی مثنویات
129-133	باب چہارم
134-143	شیخ کی رباعیات
144-154	باب پنجم
155	شیخ کی قصیدہ گوئی
156-159	(مضمون) ایک مطالعہ
160-195	کتابیات

www.maktabah.org

پبلشرس طرفان

سنڌ جو علمي ۽ ادبي ذخيرو گھڻي پاڻي ۾ ٻولين ۾ قلمبند ٿيل آهي، جنهن اڃا تائين ڇپائيءَ جو منهن به نه ڏٺو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي هميشه اها کوشش رهي آهي ته سنڌ جي باري ۾ جيڪا به معلومات ٻولين ۾ قلمبند ٿيل آهي، اُها سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپائي. انهيءَ سلسلي ۾ هن اداري، هن کان اڳ، ٻين ڪتابن کان سواءِ، ادراڪي جو فارسي ڪتاب 'بيگلار نامو' ڇپائي وقت جي دز ڇڙهيل تاريخ جي هڪ باب کي نروار ڪيو آهي. هي ڪتاب مقصود العارفين "رسالو شيخ مغل ٻين" به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اهو ڪتاب اصل ۾ شيخ سلامت (شيخ مغل ٻين) جي هڪ خليفي مخدوم عاري (سنه1224 هجري برابر 1809ع) فارسيءَ ۾ قلمبند ڪيو هو، جنهن جو سنڌي زبان جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر ۽ فارسي زبان جي ڄاڻو محترم نياز همايوني صاحب نه رڳو سنڌي ترجمو ڪيو آهي پر اصل مواد جي تحقيق ڪري، تعليقات لکي، تصحيح پڻ ڪئي اٿس. سڀ کان وڏي گاله اها آهي ته همايوني صاحب اهو سمورو پيار جو پورهيو ڪيو آهي، جنهن جو هن صاحب، سنڌ الاجيءَ کي قومي ادارو سمجهي ڪانئس ڪو اجورو به نه ورتو آهي. ان وڏ لاءِ ادارو سندس بي حد ٿورائتو آهي ۽ کيس داد ٿو ڏي.

اُميد آهي ته اِن موضوع ۾ دلچسپي رکندڙ سڄڻ لاءِ هي ڪتاب ڪارائتو ثابت ٿيندو.

چام شورو سنڌ.
12 جولاءِ 1989ع

ڊائريڪٽر

www.maktabah.org

شيخ مغل پين

اکين ڏٺين ڪراتن جو ڏڻي ۽ هاڪارو بزرگ هو. دنيا جي آڻ ڳڻي آبادي سندس مريد هئي. هن پلاري جي مزار ديري واري علائقي کان ستن، اٺن ڪوهن جي پنڌ تي، آپرندي پاسي هنڌين ماڳين مشهور آهي.

"تحفة الڪرام"
ميرعلي شير قانع
1181 هـ

www.maktabah.org

مٿاڪ

سنڌ جو علمي ادبي ذخيرو گهڻي ڀاڱي عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ قلمبند ٿيل آهي، جنهن مان ڪيترا شاهڪار سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي وڃي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. پر اڄا به سنڌي علم ادب جي واڌاري لاءِ ضروري آهي ته سنڌ بابت هر موضوع تي لکيل ڌارين ٻولين جا جيڪي به ڪتاب اسان وٽ انفرادي توڙي اجتماعي طور موجود آهن تن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کپي ته خاص ڪري فارسيءَ جا ڪتاب جيڪي سوين سال اڳ جا لکيل آهن تن جو سنڌي ترجمو ان ڪري لازمي سمجهيو ويڃي جو اڄ اها فارسي ڪانءِ رهي آهي جيڪا صديون اڳ هٿي يا خود ايران، افغانستان ۾ لکي پڙهي ويندي هٿي. ان ڪان سواءِ اهي ماڻهو جيڪي پراڻي دور جي فارسي ڪان واقف آهن تن جي به هوريان ڏاڏيان پڇاڻي ٿيندي پئي وڃي. خدا باقين کي حياتي ڏي، ليڪن جڏهن ميدان خالي ٿيو ته اهو سڄو علمي، ادبي ذخيرو به ائين نابود ٿي ويندو.

مون کي حقيقت ۾ هن ڪتاب جي موضوع سان ڪا دلچسپي ڪانءِ هٿي، تڏهن به مٿي چاڙيل ڪارڻ جي ڪري اهو بار سرتي کنيم. هونءَ به تصوف آڳاڻي زماني کان اسان جي ڏيهه ۾ هڪ مسلڪ جي انداز سان رائج رهندو ٿو اچي ۽ اسان کنهن نه کنهن نموني ان سان لاڳاپو رکون ٿا.

www.maktabah.org

اسان ان جي گهٽ وڌائن سان اتفاق يا اختلاف رکندي انهيءَ موجب هن جي تائيد يا ترديد ڪري سگهون ٿا ۽ ائين سمائين ٿيندو به رهيو آهي، تڏهن به ان جو احترام واجبي تصور ٿا ڪريون، جو ته مخدوم بلال ۽ شاهه لطيف وغيرهه به انهيءَ مسلڪ جا هئا. پئي پاسي انهيءَ قسم جي ڪابه گهالهه اسان لاءِ تڏهن عيب جوگي ليکي سگهجي ٿي جڏهن اسان اکيون ٻوٽي ڪنهن اهڙي مسلڪ جي اشاعت ڪرڻ لڳون جنهن سان اختلاف يا ترديد جو ڪو سوال ئي پيدا نه ٿيندو هجي ۽ ان جا پوئلڳ پٽسي جي زور تي سياڻن سڃڻ کان پنهنجي تبليغ جو ڪم وٺندا رهن!

شيخ مغل پينءَ جو هي رسالو جنهن عجيب ۽ ڏند ڪٽائي انداز ۾ قلمبند ٿيل آهي، تنهن کي پڙهندي افسوس ۽ حيرت کان سواءِ رهي نٿو سگهجي ته هيترين صدين اڳ جو لکيل هي رسالو جيڪو ڪيترين غلطين سان پريو پيو آهي تنهن جي هيل تائين ڇو ڪين ڪا سار سنيال لڌي وئي، جنهن جي آڏار تي آن جي چند ڇاڻ ڪري، منجهائنس غلط روايتن کي ريڙي، صحيح حقيقتن بحال رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها ته جيڪر رسالي جو سڄو پرم رهجي اچي ها. مگر ائين پيو محسوس ٿئي ته هي رسالو عام ڏند ڪٽائن ۽ روايتن جي بنياد تي ترتيب ڏئي شيخ مغل پينءَ جي نالي منسوب ڪيو ويو آهي.

هن رسالي ۾ پيش ڪيل روايتون ڪٿي اهڙو رخ اختيار ڪن ٿيون جو هڪ روايت ٻن هنڌن تي ٻن بزرگن جي نالي آيل ٿي ڏسجي. مون جڏن جو تڏن هن رسالي جو ترجمو ترتيب ڏئي پنهنجي سر تان بار لاٿو آهي. منهنجي ذميداري به ايستائين ٿي هئي. مون کي ايتري فرصت نه ملي سگهي تنهن ڪري پنهنجي محنت صرف مختصر تعليمات تائين محدود رکڻي پيم. حقيقت ۾ ٿيڻ ائين ڪپندو هو ته هن رسالي ۾ آيل سيني

www.maktabah.org

نقلن، نظيرن، سان گڏ ماڻهن توڙي ماڳن جي پوري تحقيقات ڪري انهن جو سڄو بيان تفصيل سان هتي پيش ڪيو وڃي ها. پر ائين ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو ڇو ته ان مان ڪتاب جي ضخامت ايتري قدر وڌي وڃڻ جو انديشو هو جو اصل مواد ئي منقود ٿيڻ جهڙو محسوس ٿئي ها. انهيءَ مصلحت ئي ايتري تائين اڪتفا ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

رسالي جا پويان پنج باب جيڪي شريعت جي بيان کان شروع ٿي شيخ مغل ٻينءَ جي وطن واپس ورڻ جي احوال تي ختم ٿين ٿا، مواد ۽ مضمون جي لحاظ کان ڇڪي اهميت وارا آهن. ايتري تائين جو انهن کي پڙهندي ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي جڏ اهيئي پنج باب (شيخ مغل ٻينءَ جي واپسي واري احوال جي گهڻ وڌائي کان سواءِ) خود شيخ مغل ٻينءَ جا ترتيب ڏنل آهن. باقي جيڪي ڪجهه آهي سو ڪنهن ٻي پلاري جو پال ٿي سگهي ٿو.

مٿي چاڻايل پنجن بابن مان خاص ڪري ڇٽن بابن ۾ شريعت ۽ طريقت، حقيقت ۽ معرفت بابت جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي سو بيشڪ تصوف جي فضيلت تي دلالت ڪري ٿو. ان جي سٽين سڌي افاديت، هدايت ۽ رهنمائي سان تعلق رکي ٿي.

تاريخ جي مطالعي موجب تصوف هڪ عظيم مسلڪ آهي جنهن پنهنجي تحريڪ وسيلي انسان ذات جون عظيم خدمتون سر انجام ڏنيون آهن. خاص ڪري جڏهن مذهبي ماحول ۾ ظاهر پرست عالمن جو بيجا دخل ۽ اثر رسوخ زندگي ۽ معاشري جي هر معاملي ۽ مسئلي تي حاوي ٿيڻ لڳو، تڏهن تصوف جي تحريڪ انسان ذات جي ٻڌندڙ ٻيڙي وڃي ڪناري تائين رسائي ڇڏي.

اهو عالم ڏسي وقت جي آمر ۽ جابر هستين ذاتي اختيار ۽ اقتدار جي بقاءَ ۽ بچاءَ خاطر ظاهر پرست عالمن جي

www.maktabah.org

سرفرازي ڪرڻ سان گڏ ڪن موقعي پرست صوفين جي سرپرستي پڻ شروع ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ صوفي تحريڪ ته بي جان ٿي چڪي پر خود صوفي مسلڪ به صحيح سلامت نه رهي سگهيو. دنيا ۾ سياست واقعي چڱي شيءِ آهي، ان جي ڄاڻ مان ئي انسان سڃاڻ ٿئي ٿو. پر بدقسمتي سان اها سياست جڏهن ڪوڙ تي ڪمر ڪشي ٿي بيهي ته سچ سوريءَ تي ٿو چڙهي ۽ پوءِ ڪيئي ڪلور ٽيڻ لڳا، جن مان وڏي ۾ وڏو ڪلور ماڻهن جي هڪ بي کان فراريت يعني ياڄ آهي. اها ياڄ هر ڪنهن کي چاڪيءَ جي ڏاند وانگر پنهنجي چڪر تائين محدود رکي هر چڱائي کان پراهون ڪري ٿي ڇڏي.

چڱائي کان پري ٽيڻ ڪري بچڻائي زور وڌي ٿي جنهن جي آري ۾ اچي انسانن کي اخلاقي تباهين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. آخرڪار ان مان اول معاشرتي پوءِ اقتصادي زوال جي ابتدا ٽيڻ لڳي ٿي. تصوف جي مسلڪ توڙي تحريڪ جو اصل اصول ۽ عقيدو اهوئي هو ته تنزل پذير معاشري ۾ مريضن واري زندگي گذارڻ واري انسان کي هدايت ۽ رهنمائي وسيلي صحتمند زندگي گذارڻ ڏي رجوع ڪجي، ڇا لاءِ ته صحيح زندگي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي انسان صحيح اقدار اختيار ڪرڻ جهڙو ٿي پهريان خود شناس پوءِ خدا شناس ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ هيٺيان وسيلا وضع ڪيا ويا:

1- سير سلوڪ، 2- شريعت، 3- طريقت، 4- حقيقت، 5- معرفت. اهي مرحلا هر ڪنهن پوئلڳ کي ترتيب وار طئ ڪري انهن خدا جي وارثن (ولين) جي صف ۾ داخل ٽيڻو پوي ٿو جن لاءِ چيو ويو آهي ته: انهن جي ذات هر ڪنهن خوف ۽ حزن کان مٿي آهي.(1) تصوف ۾ سير سلوڪ جو بنيادي

(1) إلاّ إن اولياء الله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون. قرآن
"خدا جي ولين کي ڪوبه ڀپ ڏاءُ ۽ مونجهارو ڪونه آهي."

www.maktabah.org

مقصد حيات ۽ ڪائنات جو مشاهدو آهي، جنهن مان انسان سچ کي پرکي ڪوڙ کي پڌرو ڪري سگهي ٿو. ڇو ته ڪوڙ سميٽي خرابين ۽ ڪوتاهين جي پاڙ آهي.

شريعت: فطري قانون جي پيروي جو نالو آهي. جيستائين فرد ڪنهن قانون جو (جيڪو سندس ڏي پلائي لاءِ ٻڌايو ويو هجي) پابند نه آهي تيستائين هو اجتماعي زندگي جي خوبين کان بهره ور ٿي نٿو سگهي.

طريقت: ان جي ذريعي اخلاقي قدرن ۾ اعتماد رکي معاشرتي ذميدارين نيائڻ جو حوصلو پيدا ٿئي ٿو. ان جي رهنمائي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن رهبر جي ضرورت پوي ٿي.

حقيقت: ڪنهن رهبر جي رهبري جي نتيجي ۾ انسان حقيقت شناس ٿي هر گهاڻ کي پرکي پروڙي پاڻ کي سچار ۽ سڌير ٻڌائي ٿو.

معرفت: هن درجي تائين پهچڻ کان پوءِ انسان کي خود شناسيءَ واري وات سان خداشناس ٿيڻ جو شرف حاصل ٿئي ٿو.

شيخ مغل پينءَ جي لفظن ۾: شريعت ونڊ، طريقت ڏاري، حقيقت پن ۽ معرفت ميوي وانگر آهي- ۽ ان جي آبياري سير سلوڪ سان ٿئي ٿي.

تصوف: نفساني خواهش کان پاڪ ٿيڻ. دل جي صفائي حاصل ڪرڻ جو علم پرائڻ، نفس جي پاڪيزگي جو طريقو سکڻ، دنيا جي شين کي خدا جي صفتن جو مظاهر ڄاڻڻ ۽ غير کي ڇڏي انهي ذات حقيقي سان لنو لائڻ، جنهن جو وجود باقي رهڻو آهي.

مولانا جامي نفحات الانس ۾ مختلف صوفين جي اقوال مطابق تصوف جي تعريف هن ريت ڪري ٿو:

1- تصوف جو اصل مقصد آهي، حق جي راهه تي هلڻ، تڪي توري گهاڻهائڻ ۽ خلق جي محتاجي کان پاسي رهڻ. پوئين نڪتي بابت خواجه محمد زمان چوي ٿو:

www.maktabah.org

جڳ تنين جي جاه، جنين ڇڏئو جڳ ڪي،
سيئي تو سهاڳ، جي تو سهو نه تن سين.

2ـ تصوف دوست جي در تي ديرو دمائي ويهڻ، تڪليفون سر تي سهڻ ۽ آزمائش ۾ پورو ٿي ڏيکارڻ جو نالو آهي. جئن سنڌ جو هڪ صوفي چئي ويو آهي:

سدا سک نه هون، گوندر وچن گذري
اوکايون عاقل چئي، پرکا کارڻ پون
چڳا ائين چون، ته در نه متجي دوست جو

3ـ تصوف سچائي تي اعتماد، نيڪيءَ تي اعتقاد جي معنيٰ ۾ تصور ڪيو ويو. سچار ۽ نيڪوڪار سڀ کنهن وٽ عزت ۽ مان لهن ٿا. قرآن ۾ آيل آهي، ان اڪرمڪم عند الله اتقاڪم: خدا وٽ پرهيزگارن جي پذيرائي ٿئي ٿي.

4ـ تصوف ذلت ۾ عزت، درويشي ۾ تونگري، بندگيءَ ۾ خداوندي، بک ۾ ڀڏو، اگهاڙپ ۾ ڍڪ، اسيري ۾ آزادي ۽ موت ۾ زندگي آهي. جهڙيءَ ريت شاهه سائين ڏو فرمائي:

اي گت غواصن، جيئن سمند سوجهيائون
ڀيهي منجهه پاتار، موتي ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيرا لال هٿن سين.

ابتدائي دور ۾ تصوف جي مقبوليت ۽ ڪاميابيءَ جو دارومدار انهيءَ حقيقت تي هو ته صوفي لوڪ خدا ۽ خلق سان سچا هٿا ۽ هر مسلڪ يا تحريڪ جنهن جو بنياد سچائي تي رکيل آهي تنهن کي يقيني طور ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي.

اڳيان صوفي جيڪي چوندا هٿا تنهن تي عمل ڪندا ٿي رهيا. اهي جيئن قول جا پڪا هٿا تيئن فعل جا به سچا ثابت ٿيندا پئي رهيا. هنن پاڻ کي درگذر ڪري خدا جي راضپي ۽ خلق جي ڀلائيءَ لاءِ پئي جتن ڪيا. جيئن مولانا رومي چوي ٿو:

www.maktabah.org

تـــو بـــراي وصـــل كـــردن آمـــدي
نـــي بـــراي فصـل كـــردن آمـــدي

تون ماڻهن کي ملائي هڪ ڪرڻ لاءِ آيو آهين، نہ انهن کي هڪ ٻئي کان ويڇوڙڻ واسطي! اهو ئي وحدت الوجود جو نظريو هو، جنهن تي عمل پيرا رهي صوفين انسان ذات کي تلقين ڪئي تہ سڀني پنهنجا ويڇا وساري انساني برادري ۾ برابري واري اصول تي متفق ٿيو تہ حيات ۽ ڪائنات جو چرخو چڱيءَ طرح هلندو رهي. اوهان ٻئي جو ڏک پنهنجو ڏک ۽ پنهنجو سک ٻي جو سک ڪري ڪانيو. ڪنهن جي بہ ايذائڻ جي ڪا سگهہ ۽ سڌ نہ ڏاريو.
شاهہ لطيف چوائي:

پـائي كـان كمان ۾، ميان مـار مَ مـون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!

صوفي مسلڪ توڙي تحريڪ موجب هر قوم جي تهذيب ۽ تمدن کي احترام جي نگاهہ سان ڏسندي ان جي وڌڻ ويجهڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ گوارا نہ ٿي ڪئي وئي. جيئن مولانا رومي چوي ٿو:

سنڌ يـان را اصـطـلاح سنڌ مدح
هند يـان را اصـطـلاح هند مدح

سنڌين لاءِ سنڌي آداب اطوار ۽ رسم رواج يا سندن پيا اخلاقي اقدام سونهن ڏي، تہ هندين کي بہ انهن جون اهي خصوصيتون ٿيون زيب ڏين. پر بين الاقوامي واسطن وسيلن ۽ زماني جي معاملن ۾ سڀني کي گڏجي امن، انصاف ۽ اطمينان لاءِ اتحاد ڪري هر قسم جي فساد ۽ فتني کي پنهنجي سِرَ

www.maktabah.org

پنهنجي ملڪ بلڪ سڄي دنيا تان ٽارڻ هڪ اهم انساني فرض آهي جنهن جي ادائگي لاءِ هر قوم، هر مذهب، هر مسلڪ هر رنگ ۽ نسل وارن کي گڏجي جان مال توڙي پي ڪنهن متاع جي ايتري حد تائين قرباني ڪرڻ گهرجي جيئن سڀڪنهن درحق: لال بہ ليي ۽ پت بہ رهجي اچي واري چوٽي پوري ٿي سگهي. اهو ئي حق پرست ۽ انسان دوست صوفين، سالڪن، خودشناس ۽ خدا شناس عارفن، عاشقن ۽ درويشن جو پيغام هو، جنهن تي هو عمل پيرا ٿي پاڻ کي سچار ۽ صادق ثابت ڪري ويا.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڇه اچيو آن جي.

هن ڪان پوءِ موضوع جي مناسبت سان شيخ مغل بيگ جي دور جو سياسي ۽ تاريخي جائزو اختصار سان پيش ڪجي ٿو.

سنڌ ۾ هي طوائف الملوڪي (بادشاهه گردي) وارو دور هو محمود غزنوي 401هـ (1011ع) ۾ غورين کي شڪست ڏئي ملتان تي چڙهائي ڪري سوپارو ٽيو. ان کان پوءِ 416هـ (1026ع) ڌاري منصوره جي اسماعيلين کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ سنڌ ڏانهن وريو. تنهن زماني ۾ هتي خفيف نالي هڪ سومري جي حڪومت هئي جنهن جنگ کان پڇي وڃي جهنگ ۾ پناهه ورتي.

محمود غزنوي سنڌ تي ڏاڪ چمائڻ سان گڏ هڪ پاسي عربي سمنڊ کان هماليه جبل تائين تہ ٻئي طرف اوپر ۾ قنوج کان غزني تائين سمورو ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندو.

محمود جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مسعود جو وارو آيو جنهن کي 421هـ (1040ع) ۾ پنهنجي ئي لشڪر قتل

www.maktabah.org

ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ سندس پٽ مودود تخت تي ويٺو. هن پنجاب، سنڌ ۽ ملتان تي پنهنجا نائب مقرر ڪيا. آخرڪار خسرو ملڪ آيو جنهن ستاويهه سال حڪومت هلائي. (1)

هاڻ وري غورين جو وارو وريو. 583 هـ (1187ع) ۾ سلطان شهاب الدين غوري پنهنجي فوجي عملدار قطب الدين ايبڪ کي سنڌ روانو ڪيو جنهن ٽن مهنن تائين هٽي ماري سنڌ فتح ڪئي. ان کان اڳ سلطان محمد غوري، خسرو ملڪ کي لاهور ۾ شڪست ڏئي غزنوي خاندان جي حڪمراني ختم ڪري چڪو هو (2).

سلطان شهاب الدين غوري، قطب الدين ايبڪ کي دهليءَ ۾ پنهنجو جانشين ٿاڦي خراسان تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ ويو، جتي خراسان سان گڏ ايران، افغانستان فتح ڪري خوارزمين سان جنگ ڪرڻ لاءِ وڏيو تہ پٽيان 601 هـ (1204ع) ۾ بغاوتن منهن ڪيو. هو جلد واپس آيو ۽ جيئن هتي پهتو تہ پنهنجي لشڪر هٿان قتل ٿي ويو. هن جي قتل ٿيڻ تائين سنڌ ۽ گجرات کان وڌي بينگال ۽ آسام تائين مسلمان قابض ٿي چڪا هئا.

شهاب الدين غوري کان پوءِ قطب الدين ايبڪ تخت جو وارث ٿيو، جنهن 602 هـ (1607ع) جنهن تي چار سال حڪومت هلائي. سندس وفات کان پوءِ ناصر الدين قباچه 602 هـ کان 625 هـ تائين آڇ ۽ ملتان سان گڏ ديبل ۽ سنڌ جي ٻين شهرن توڙي ڳوٺن ۽ قلعن تي پنهنجو ڏاکو چمايو، جنهن کي شمس الدين ايلتمش جي هڪ وزير 265 هـ (1228ع) ۾ دوڙائي ڪيو ۽ هي سنڌو نديءَ ۾ ٽپي، ٻڌي مٿو. تڏهن

---

(1) تاريخ سنڌ، قدوسي ياگو پهريون، ص 324 - کان 737.
(2) طبقات ناصري، ص 431 کان 799.

www.maktabah.org

ديبل ۾ سنڌ جو حڪمران سنان الدين چنيسر هو، جنهن شمس الدين التمش جي آڻ مڃي ۽ ان سان شامل ٿيو (1).

هي ته هو سنڌ تي ٻاهرين غاصبن جي لاڳيتن حملن جو جائزو. شيخ مغل بيگ جي رسالي جي پڇاڙيءَ توڙي اڳياڙي واري حصي جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ اندروئين خاتمي ۾ به گهٽائي وڪوڙ متل هئا. هتي جيڪي قبيلا زور ۾ هئا تن ڪمزورن جو ويهڻ وهم ڪري ڇڏيو هو. پر خود پنهنجي برادريءَ وارا به پاڻ ۾ ڪوڙ ٽي ٺهيا ۽ هڪ ٻئي جي ڏنڊ حرام ڪندا ٽي رهيا. هيڏانهن راڄ وارن جو اهو حال هو ته هوڏانهن راڄن جا رڄ ڇڳا مڙس هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽڻ ۾ پورا هئا. جيئن رسالي ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

ٺهيمن جو ڇڳو مڙس ويرو ولد ڇگو جنهن جي برادريءَ جا سيئي سردار تمام وڏي برادريءَ وارا هئا ۽ راڄ ٻاڳ توڙي لشڪر ۾ به هنن جي گهٽائي هئي، پنهنجي ارهم زورائي جي ڪري لشڪر ڇاڙهي ٻين جا مال هٿندا ۽ مڏيون ڪٽندا ٽي رهيا. ايتري قدر جو مڙساٽو اڪر وساري ناڻي نالي هڪ مڱڻهار جي ڏيءَ جا ڏور ڏڳا به ڪاهي ويا. اڳتي لکيل آهي:

انهن وانگي تڏهن سومرن جي قوم به موجود هئي جيڪا پڻ سدائين ارڏايون ڪندي ٽي رهي. شيخ مغل بيگ جو ٻاڏ عمر سلطان جيڪو اڳ ۾ ٺهيمن سان منهن ڏئي چڪو هو تنهن سومرن کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ اوچتي متن چڙهائي ڪئي ته سومرن جون وايون بتال ٽي ويون. نيٺ سلطان عمر کي اتي به مهٽ ملیو.

انهيءَ کان سواءِ هڪ پاڙيسري (هالا جي حاڪم) راءِ ڪنوج جي حملي جو پڻ ذڪر آيل آهي جنهن ۾ خود شيخ مغل بيگ ۽ سندس خاندان جو قتل عام ٿئي ٿو.

---

(1) آب ڪوثر، شيخ محمد اڪرام، ص 74.

www.maktabah.org

خانہ جنگي دراصل خانہ خرابي جي نتيجي ۾ شروع ٿيندي آهي. هيڏانهن راڄن جا راڄ خانہ جنگي ۾ مصروف رهي خانہ خرابيءَ جا ڪارڻ پيدا ڪندا ٿي رهيا، تہ هوڏانهن سنڌ جي اوائلي حڪمران طبقي سومرن جي پوين جو اهو حال ۽ زوال وڃي رهيو جو متي ذڪر ڪيل لڪت موجب خفيف نالي هڪ سومرو حڪمران سلطان محمود غزنوي جي حملي کان هيسجي شهر ڇڏي جانورن وانگي وڃي جهنگ ۾ پناهي ٿو ٿئي!

وري جڏهن غزنوي خاندان جي تباهي کان پوءِ غورين جو وارو ٿو وري تہ قباچي جهڙو ڪم ظرف حڪمران پورا ٽيويهہ سال ديبل سميت سنڌ جي شهرن، ڳوٺن ۽ قلعن تي لڏڙي وانگي ليٽڙيون پائيندو حڪومت هلائيندو ٿو رهي، جنهن کي شمس الدين التمش شڪست ڏئي پنهنجي ڏاڪ ٿو ڄمائي، تڏهن وري سنڌ تي هڪ ٻيو مهانڊو سومرو حاڪم سنان الدين (دين جو ڪات) چنيسر ڇڏي ٿو جنهن شمس الدين التمش جي آڻ مڃي ۽ ان سان شامل ٿيو. عام چواڻي:

دودو ڏوڙ چنيسر ڄائي،
ادو سٿو، ادي ڄائي....

سنڌ تي جڏهن به ڌارين ڏاڪ ڄمائڻ جا سانباها پئي ڪيا آهن تہ اسان جا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ڪوڙي سڃي ناتي سان انهن کي پنهنجو ڇڻي پاسيرا ٿيندا رهيا آهن. اهي آثار هن رسالي ۾ به نظر پيا اڃن تہ محمود غزنوي به ٿيمن سان هو. اهو ان لاءِ تہ جيئن ماڻهن کي خبر پوي تہ محمود غزنوي مسلمان تہ هڪ پاسي پر ٻئي طرف "ٿيم" به هو! سبحان الله! تنهن جي معنيٰ تہ هو پنهنجو ئي هو ۽ پنهنجي سان مهاڏو ڏيڻ يا محاذ آرائي ڪرڻ هر حالت ۾ روا ناهي، پوءِ ٻلي تہ اهو پنهنجو سڃو ملڪ ٻيڱ ڪري ماڻهن کي بک

www.maktabah.org

ماري سندن ناس پتو ٻوڙي ڪين دائمي غلاميءَ ۾ اڙائي ڇڏي!

ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، ايءَ نہ سنگهارن سٽ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين، سٽي واندي وهٽ،
جي هائو هونئي مٽ، تہ بہ اوڏو لاهم نہ ان جو.

نياز همايوني

مرڪزي اردو بورڊ، حيدرآباد.
12 جنوري 1987ع

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين و العاقبة للمتقين و الصلواة
و السلام على رسوله و آله و اصحابه اجمعين ٥

روايت آهي ته:

روحاني علوم جي سر چشمي، سبحاني فيوض جي مجسمي مخدوم عاري (1) ولد راڏي ڪلال پنهنجي مرشد ڪامل، اڪمل العارفين، خليفة الواصلين، سلطان الموحدين، ناسوت ملڪوت جي سڃار، لاهوت، جبروت واري ميدان جي شهسوار شيخ سلامت مغل پيءَ عليہ الرحمت جي خدمت ۾ هي سندن زبان مبارڪ مان بيان ڪيل سير سلوڪ، شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، خدا جي وحدانيت، حديث شريف ۽ قرآن حڪيم جي آيتن ۽ روايتن بابت جيڪي ڳالهيون ٻڌيون، اهي سندن ئي روبرو لکي هٿيڪيون ڪري ڇڏيائين ته جيئن حق جا طالب انهن جي مطالعي مان راهہ يقين حاصل ڪري ان مطابق الاهي معرفت ڏانهن گامزن ٿين. هن رسالي جا ڪل ست باب آهن. اهي باب شيخ مغل پيءَ جي احوال کان پوءِ سلسلي موجب شروع ٿين ٿا.

---

(1) مخدوم عاريءَ بابت ڏسو تعليمات ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

www.maktabah.org

شيخ مغل ٻين٠ جو احوال

حضرت شيخ مغل ٻين ۽ سندس سڳو ٻاڻ عمر ، ٻئي نبن ولد نيباهو جا فرزند هئا. هنن جي والده جو نالو بيبي راڄي هو جيڪا ٻينپر سومري جي ڏيءَ هئي.

شيخ مغل ٻين٠ جي ڏاڏي نيباهو کي ٻائل قوم جي ماڻهن پنهنجي دشمني پاڙڻ لاء ٻينپر سومري جي سازش سان شهيد ڪري درياهم ۾ آڇلايو هو ، وڏيڪ خدا کي علم آهي. هن وقت نيباهو جي قبر جو آملاڻي ڳوٺ ۾ ڏس ملي ٿو ، حتي ٻائل قوم جا ماڻهو رهن ٿا. انهن ٻائلن جي ليڇ اکبري ٿهيمن سان لڳي ٿي. جيتوڻيڪ اهي ماڻهو سومرن کان گهٽي قدر دنل ۽ هيسيل هئا ، تڏهين به موقعي ملڻ تي انهن جا ست بازو (چٽا) نيباهو پٽ عمر جو ، ڪبير محمد ، خير محمد ، حيدر ، عباس ، تاج محمد ۽ ٻهر غلام ، انهن ٻائلن ماري دفن ڪري ڇڏيا.

نيباهو جو پٽ نبن جيڪو ڪراهو راهمي جي نڪ مان هو ، تنهن جي ماءُ بيبي راڻي جيڪا پيٽ سان هئي ، ڪيس چڙهڻ کان اڳ (پنهنجي مڙس نيباهوء جي مارجي وڃڻ ڪري) پيءُ جي گهر هلي آئي ، جتي نبن پيدا ٿيو. اهو نبن جڏهن وڏو ٿيو ته دشمن کان پنهنجي وڏن جو ويڙ ورتائين ۽ پوء ٻينپر سومري جي نياڻي بيبي راڄيء سان پرڻيو جنهن مان شيخ مغل ٻين ۽ سندس ٻاڻ عمر پيدا ٿيا.

www.maktabah.org

عمر کي سامائجڻ کان پوءِ پنهنجي نائي پينهر سومري تي رکي رکي خار ايندي هئي. ان کري هن کيترا دفعا پنهنجي پاءُ شيخ مغل پينءَ کي چٽاءُ ڀئي ڏنو ته پينهر سومرو جيتوڻيڪ اسان جو نانو آهي پر چاکاڻ ته هن جي ئي سازش سان اسان جا وڏا قتل ٿيا هئا، سو مونکي موکل ڏي ته آءٌ چري کٽي انهيءَ جو پيٽ ڦاڙي چڏيان! ليکن شيخ مغل پينءَ هر دفعي کيس منع کندي سڌايو، پريندو هو ته پاءُ اهڙيون گالهيون زبان تي نه آڻ، چو ته خدا جي مرضي اها هئي، هونءَ به گذريءَ کي ياد نه کرڻ گهرجي. آخر اهي گالهيون جڏهن پينهر سومري جي کن تائين پهتيون ته (انهيءَ رگڙي کي لئي مٽي کرڻ لاءِ) پنهنجي نياڻي بيبي راڄيءَ کي سڏائي، کيس انهي ايراضيءَ لڳ جتي پائڻن جي قوم وارن نيباهو ءَ پين کي ماري دفن کري چڏيو هو، پنهنجي جاگيرن مان ٽي-چار پرگڻا ڏئي چڏ يائين، انهي ميراث ملڻ کان پوءِ بيبي راڄي پنهنجي اهل عيال سميت لڏي اچي اتي رهڻ لڳي تان جو شيخ نبن فوت ٿي ويو.

پنهنجي پيءُ شيخ نبن جي وفات کان پوءِ عمر، زماني سازي کان کم وٽي تن پروري ۽ لشکر ميڙڻ ۾ لڳي ويو. شيخ سلامت (شيخ مغل پين) هن جو اهو حال ڏسي برادريءَ کي گڏ کري آن جي موجودگيءَ ۾ عمر کي پنهنجي هٿن سان پگ ٻڌرائي کيس سرداريءَ جي گاديءَ تي ويهاريو. ان کان پوءِ سندس بعيت کري ساڻس ملکيت ورهايائين ۽ پنهنجو حصو وٽي خدا رسول جي نالي عزيزن، قريبن، مسڪينن، محتاجن ۽ بيواهن ۾ ونڊي ورهائي چڏ يائين. ان مان کيس کاري پائي به نصيب کانه ٿي سواءِ پراڻن کپڙن جي جيکي سندس بدن تي هئا.

انهيءَ دنياداريءَ جي خفي کان فارغ ٿي شيخ سلامت پاڻ مسجد جي پرسان هڪ حجرو تيار کري ان ۾ ويهي خدا

www.maktabah.org

کي ياد ڪرڻ لڳو، شام جو ڪشڪول ڪڻي شهر مان گداءُ ڪري ٿي آيو. جيڪي مليس پئي سو غريبن، مسڪينن کي کارائي پيهر گدائي لاءِ ٿي ويو ۽ وري به جيڪي ڪجهه هٿ پئي آيس، خدا ڪارڻ ڏئي ٿي ڇڏيائين. رات جو سومهاڻي جي نماز پڙهي پهرين پهر ۾ مسجد جا مٽ ٿي پريائين، باقي سڄي رات قرآن پڙهندي يا مسجد ۾ آيل مسافرن کي زور ڏيندي صبح ٿي ڪيائين. مسافرن مان جيڪي وڌيڪ ٽڪل يا بيمار هوندا هٿا تن جي تيل مالش به ڪندو هو. هر رات پنج سيپارا پڙهي ڇهين ڏينهن قرآن ختم ٿي ڪيائين، ان جو ثواب رسول مقبول صلعم ۽ ان جي اصحابن کي پهچائيندو ٿي رهيو.

اڙيءَ ريت سڄي رات انهيءَ شغل ۾ گذاري صبح ٽين ٿي حجري جو در بند ڪري ايتري قدر خدا جي ذڪر فڪر ۾ محو ٿي ويندو هو جو چوڻ ته، لا يعلم الاهو. خدا کان سواءِ ڪنهن کي پتو ٿي ڪونه ٿي پيو. انهيءَ سان گڏ پنجئي وقت نماز پڙهڻ جو شغل به برابر جاري رکندو ٿي آيو.

چون ٿا ته شيخ سلامت (شيخ مغل ٻين) جڏهن اڃا ننڍي ڄمار ۾ هو ته سندس صورت شهزادن جڙان سهڻي ۽ وٽندڙ هئي. هن جي ماءُ پيءُ ٿوڙي سندس نانبي ٻيٽ سومري کي سموري سڏ هئي ته هي نينگر چڙ ڪنهن ملڪ جو بادشاهه ٻيو لڳي. اها سربس نه رکو انهن کي پر ڪچ ۽ ڪيچ مڪران وارن کي به هئي ته هي امير ابن امير، ڪرسي به ڪرسي انصار ۽ مهاجرن جي نائنگ ڪان وڏي اميرالمؤمنين حضرت عمر ابن الخضاب ۽ امير المؤمنين حضرت المرتضيٰ رضه، پنهي جي پٽ مان اصيل، نجيب، پاڪ ذات ۽ يگانو جوهر آهي، جيڪو سيني وصفن ۾ بي نظير ۽ اندر باهر نسورو نور نظر اچي ٿو. هن جي سخاوت رياض ۽ مجاهدي جو اهو ڪمال آهي جو پاڻ ٻالجتيءَ کان ٿي راتيون جاڳي مسافرن ۽ مسڪينن جي سار سنيال لهندو ٿي آيو. خوراڪ، پوشاڪ، نفساني لذت جي

www.maktabah.org

هوس جسماني عيش توڙي دنيا جي لٽ ٽانگر کي ترڪ ڪري انهن کان پري رهندو هو.

هڪ رات جي گهالهه آهي ته: ڪي مسافر جيڪي ڪشمير، ڪابل ملتان ۽ لاهور کان صبح جي سانباهي هلي اچي شهر جي باهران درياهه جي ڪپ تي ٽوليون ٽاهي ويٺا، ته شيخ سلامت کي سندن خبر پوندئي چيٽ چاڪريءَ جي اچي اڻ ٽڪ لڳي. سندس ياڻ عمر جيڪو هن جو فرمانبردار ۽ تابع هو انهي سمي شيخ سلامت کي ڏاڍي پريشاني ٿي ته هاڻ هيترن ماڻهن جي مهماني ڪيئن ڪري سگهجي، جن جو تعداد لڳ ڀڳ ڪيترن سَون تائين هو. ايتري ۾ ڇا ٿيو جو چار مؤڪل شيخ سلامت جي بند ٽيل هجري مان نڪري آيا ۽ ڪيس سلام ڪري، هٿ ٻڌي چوڻ لڳا: شيخ سلامت! اوهان هنن مسافرن جي مهمانيءَ جو ڪو به الڪو نه ڪريو ۽ نه وري اهو سوچيو ته هيترن ڇڻن جي چيٽ چاڪري ڪيئن ٿيندي. اسان چارئي مؤڪل اوهان جي حڪم جي پوئواري لاءِ هتي اچي حاضر ٿيا آهيون، اسان مان هر هڪ سان ٻارهن هزار خدمتگار موجود آهن. اوهان اسان کي پنهنجو تابعدار ڪري ڀانيو، جو اسان خدا جي حڪم تي اوهان جي خدمت ۾ آيا آهيون. توهان دلجاءِ ڪريو اسان سڄو سوڌو پاڻ تي ڪٽي هنن مسافرن مان هر هڪ جي اڳيان قسمين قسمين طعامن جا خونچا ڀري رکندا سين جيئن صبح کان شام تائين ڪائي خوش ٿيندا رهن. اسان هر هڪ مسافر جي چيٽ چاڪريءَ لاءِ پنج خدمتگار مقرر ڪري ڇڏيندا سين. هو ائين سمجهندا ته ڪنهن سردار يا شاهو، سندن مهماني جهلي آهي.

شيخ سلامت مؤڪلن جون گالهيون ٻڌي پڪ ٿيڻ جي حد تائين پهچي وري ٻڏ ۾ پئجي ٿي ويو ته متان ڪتي اها به ڪا شيطاني حرڪت نه هجي (جئن اهڙن موقعن تي اڪثر

www.maktabah.org

خدا وارن سان ٹيندو رهيوآهي). آخر پاڻ مراقبي ۾ هليو ويو. جڏهن پوري پڪ ٿيس ته خوش ٿي اٿيو ۽ مؤڪلن سان گڏ جي مسافرن وٽ ويو ۽ سندن اڳواڻ کي چيائين ته آءُ اوهان کي دعوت ڏيڻ آيو آهيان. توهان جون پلاڀون پائيندس جيڪڏهن منهنجي جائي جواري جو گهيو قبول ڪندا.

اِهو ٻڌي پهريان ته اڏهن مسافرن کي ڏاڍي اچرج لڳي، چئي: هي غريب هيترن مسافرن جي ڪيئن پورت ڪري سگهندو؟ پر جڏهن شيخ سلامت جي نوراني شڪل ڏانهن نهاريائون ته کين پڪ ٿي ۽ هنن ڪٿي سندس دعوت قبول ڪئي. واپسيءَ تي مؤڪلن شيخ سلامت کي چيو ته سائين! اوهان گهڙي پلڪ هتي تر سي تماشو ڏسو ته اسين ڪيئن ٿا پنهنجو ڪم سر انجام ڪريون. شيخ صاحب ساڻن هائوڪار ڪري جهٽ پلڪ مسافرن سان ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳو. انهي وچ ۾ چارئي مؤڪل اتان غائب ٿي ويا ۽ ويرم نه گذري ته هزارين خدمتگار پاڻ سان وٺي واپس آيا جيڪي گاهه جي گڏن ۽ ڪائين جي پرين سان گڏ مٿي پائي جا مٽ ۽ ڪاڏي پيتي جا ٽانو ٽپا ڪٽي اڳي حاضر ٿيا.

شام جو مانيءَ جي مهل ٿي ته وڏ وڏ جا طعام خونچن ۾ پري هر هڪ مسافر جي اڳيان آڻي رکيائون. هو جڏهن کائي پي پيٽ پري چڪا ته خدمتگار سهماڻي کان صبح تائين سندن چيٽ چاڪريءَ ۾ رڌل هئا. وري سج اپرئي کان پوءِ سڀني مسافرن کي کارائي پياري رڄ ڪرائي ڇڏيائون.

شيخ سلامت وري پنهنجي دستور مطابق شام ٿيڻ تي ڪشڪول کڻي ۾ ڪٽي شهر مان گدائي ڪري ٿي آيو، جيڪي ملڻ ٿي سو غريبن، محتاجن ۾ ورهائي، مسجد جا مٽ پري آئي وئي جي ڏهل ٽڪور ڪندو رهيو.

صبح جي نماز پڙهي شيخ سلامت چئني مؤڪلن سان گڏجي مسافرن وٽ آيو، کين چڱي تعظيم ڏيئي سندن خير

www.maktabah.org

عافيت دريافت كيائين. جيكا مهمانداريءَ جي دستور موجب هئي. مسافر بہ ادب وچان اڳي هٿ ٻڌي بيهي رهيا ۽ سندس ٿورا مڃيندي ڪيس عرض كيائون تہ اوهان وٽ جيكي خدا جي ڏني مان موجود آهي تنهن مان كجهہ اسان كي بہ ڏياريو!

شيخ صاحب كين جواب ڏنو تہ: آءٌ پاڻ كنهن خدا واري جي ٻولا ۾ آهيان. جيكڏهن اوهان منهنجي كا رهنمائي كندا تہ لكين پال پائيندس. ان تي مسافرن كٽي ماٹ كئي.

ٿوري دير كان پوءِ سيئي مسافر موكلائي پنهنجي منزل ڈانهن روانيا ٿيا. گهڙي نہ گذري تہ چارئي مؤكل پڻ شيخ سلامت كان اجازت وٺي پنهنجي ماڳ هليا ويا. شيخ سلامت پنهنجي حجري تي واپس اچي اڳ وانگي خدا جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. ان ڏينهن كان پوءِ ويتر وڌيڪ زهد ۽ مجاهدي سان گڏ خدا جي خلق جي خدمت كرڻ لڳو. خدا پڻ قرآن ۾ ائين فرمايو آهي تہ "جيكو جيكا پوك پوكيندو اڳتي هلي آهو اهائي لڻندو." جڏهن بہ شيخ سلامت كي كا ضرورت درپيش ايندي هئي تہ اهي چارئي مؤكل هكيا تكيا اچي سندس حضور ۾ حاضر ٿيندا هٿا. جيكي گهربو هوس سو كيس اك چنبي ۾ آڻي ٿي ڏناڻون. سچ چيو اٿن تہ "جيكو خدا سان آهي خدا بہ انهيءَ سان شامل حال آهي."

نقل آهي تہ: شيخ سلامت ننڍي وهيءَ ۾ قرآن پڑهڻ لاءِ جڏهن مكتب ۾ ويندو هو، تہ ڏهن اهڙو ذكي هوندو هوس. جو هر روز ڦرهي لكي سبق ياد كري ڇڏيندو ٿي رهيو. ائين پنڌي گهمرا ڏئي هكڙو سبق ياد كري، وري ٻيو سبق پئي ورتائين تان جو روزانو پنڌي ڦرهيون لكي سبق ياد كندو ٿي ويو. جمعي ڏينهن مكتب جي ريت موجب صبح مردان سان قرآن جو ٿورو دور كري سيني خطابين سان گڏجي جهنگ جي سير سواد تي ويندو هو، اتي پهچي جئن پاراٹي اوتسا ۾ ٿيندو آهي، مڙئي راند روند يا كنهن رونشي تماشي ۾

www.maktabah.org

لڳي ويندا هئا. آخر شام ڏاري سڀني جي واپسي ٿيندي هئي. هڪ ڏهاڙي شيخ سلامت جمعي جي صبح تي جڏن ٻڻن خطابين سان جهنگ ۾ ڦهتو ته هميش وانگي سڀ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ راند ڪرڻ لڳا. اتفاق سان اتي ٻاهراڙيءَ جو هڪ آڻ سوار اچي نڪتو جيڪو ٽورو پريرو هڪ وڻ هيٺان آڻ کي هُشائي کا گهڙي گرميءَ کان بچڻ ۽ ٽڪ ڇڄڻ سانگي آڻ جي ڀر ۾ ليٽي ڏيو. ڪن گهڙين کان پوءِ ننڊ مان آڻي آرس ڇڄي وري آڻ تي چڙهي شهر هليو ويو.

شيخ سلامت ۽ ٻيا خطابي اڃا اڌمئي پنهنجي دل وندرائڻ ۾ لڳا پيا هئا، ته اهو اوٺي موٽي اچي ساڳي هنڌ تي مند فڪريءَ ۾ ويهي رهيو. پريشانيءَ ۾ ڪيس کا ڳالهه ڏي نه پئي وڻي سو مڙئي آنڌ مانڌ ۾ ٽي آٽليو پٽليو. شيخ سلامت پنهنجي سوچ مان اندازو لڳايو ته هي غريب ماڻهو، جيڪو کا گهڙي اڳ هتان اٿي شهر هليو ويو. الاجي کهڙي ماجرا جي ڪري ٻيٽي پير واپس ٽي ائين آتاوليءَ مان پيو پٽ ڪوهه ڪري، مڙئي ڳالهه ۾ ڪجهه هوندو. نيٽ ان جي ويجهو وڃي ڪائنس پڇا ڪيائين ته ياڏو! توسان آهي ته خير! سوير ته هتان سرهائيءَ مان آڻ تي چڙهي شهر اسهيو هئين، ايتري ۾ توڪي چا ٽي ويو جو ڏاڍي ڪنهن ارڇ ۾ آيل پيو ڏسجين؟ جيڪا ڳالهه هڃي سا کولي ٻڌاءِ، ٽي سگهي ٿو ته آڏون پنهنجي سر ان جو ڪو آپاءُ ڪريان يا توڪي کا صلاح ڏيان. اٽ واري شخص نهايت نراسائيءَ مان وراڻيو: بابا! تون اڃا ٻار آهين، منهنجي ٻلا کهڙي مدد ڪري سگهندين؟ ڇڪو ڇاڏين ته منهنجي ڇپر ڇڏي وڃي پنهنجي ڪرت کي لڳ! چوندا ناهن ته هڪ خسارو تنهن جي متان وري پاڙيسريءَ جو ڪاپارو، ڇڏ ته آڏون ٻلي پنهنجي ليکي پنهنجي مند فڪريءَ ۾ مران ڳران!.

شيخ سلامت وري ٻ ڏيرج ڏياريندي ڪيس چوڻ لڳو: ادا، جيڪڏهن پنهنجي مشڪل جو ايڏو سونجهارو آهي ته

www.maktabah.org

مولا جي مدد سان ان جو حل به نڪري ايندو، تون ڪجهه ڪ تہ سهي! نيٺ اهـو شخص چوڻ لڳو: آءٌ هڪ اهڙي شاهوڪار جو غلام ۽ ڪنيزڪ (ٻانهيءَ) زادو آهيان جنهن جي بخيلائپ ۽ طبع جي تيزي هندين ماڳين مشهور آهي. ڪالهه چاهي تہ هڪ هفتي کان پوءِ اُن جي پٽ ۽ ڌيءَ جي شادي ٿيڻ واري آهي، جنهن لاءِ هن مونکي پئسا ڏئي اماڻيو هو تہ شهر مان وڃي ڪنڊ جـون ٻوريون خريد ڪري اچان. آڏون جيئن ان ڪم سانگي هتي اچي ساهي پٽي وري وڃي شهر ۾ دڪاندار وٽ رسيس، ڏٺم تـہ پئسن جي ٿيلهي مون وٽ هئي ڪانہ، اچي ڊپ لڳم هيڏي ساري ٿيلهي الاجي ڪيڏانهن وئي هلي، هتي شاديءَ جا سانباها پيا ٿين، هتي هيءَ ويڏن! سياڻي جيڪڏهن هتين خالي وريس ۽ اتي ڪنڊ جي گهر ٽي تہ ڪهڙو منهن ڪٽي ڪين جواب ڏيندس. هاڻ تہ ادا، انهيءَ اورا کورا ۾ پيو پاڻ پتوڙيان، ائين پيو سُڃهيم جڏ روح قالب مان نڪري زمين آسمان جي وچ تي پيو ڪلٹيون ڪائي. پلا ٻڌائينم تہ هن حال ۾ تون هڪڙو خطابي ٽي ڪري منهنجي چا مدد ڪري سگهندين؟

شيخ سلامت، ان شخص جي سڄي ماجرا کان واقف ٽي ڪيس چوڻ لڳو: ايتري ۾ خير، تون ڪا ڳڻتي نہ ڪر، رب سائين ڪندو تہ تنهنجي مشڪل آسان ٽي ويندي. هاڻ سيگهه ڪري اُٺ ۽ بسم الله چئي، اهي خالي ٻوريون جهڪي ڪنڊ لاءِ آنديون هئي، واريءَ سـان ڀري اُٺ تي رکي واهو ٽيءَ تہ تنهنجو واهي پاڻهين، وحده لا شريڪ لـه ٿيندو. پر ٻوريون انهيءَ ٽي واريءَ مان ڀري ڪڍجانءَ جيڪا اسان راند ڪيڏن لاءِ هتي گڏائي رکي آهي. جيترو ٻار تنهنجو اُٺ ڪٽي سگهي اوترو ڪٽي روانو ٽيءَ خدا ڪندو مڙئي چڱي ٿيندي.

اهو ٻڌي پهريان تہ هو شخص ٿهيءَ ۾ پڇجي ويو تہ هي ٿينگر چوي چا پيو؟ هتان واريءَ جون ٻوريون ڀري اُٺ

www.maktabah.org

تي ڪڍي اتي تہ وڃان، پر ويندي شرط مون سان جيڪا جٽ ٿيندي سا تہ ڏيهہ ڏسندو. اهو ويچاري شيخ سلامت کي چيائين: خدا جا بندا، اول اها خواري ٿي جو رقم جي ٿيلهي گم ڪري ويٺس، ويتر وري اهي ڏس پيو ڏئين تہ واريءَ جون هوريون پري ڪڍي وڃان! واه جو چڱي صلاح پيو ڏينم! شيخ سلامت وري بہ کيس زور پريو تہ تون کيئن بہ ڪري سندم ڇيو ميڙ. خدا پاڻهين تنهنجو ڏيک ڏيکيندو ۽ سڀ سڌائي ڪندو. نيٺ هن شخص پنهنجي دل ۾ گهڻ ڪئي تہ جيڪڏهن هتان خالي هوريون ڪڍي اتي ويندس تہ پهريندئمي فساد ۾ منهن پوندم، پر جي منهندان ئي جهيڙي ٽارڻ لاءِ اهو تب ڪري ويندس تہ مڙئي پت رهجي ايندي ۽ پڙ چڏي پڇڻ ۾ بہ سولائي ٿيندئم. حال تہ واريءَ جون ڪڍي اتي وڃي اڳڻ ۾ اڇلائجن، صبح کان پوءِ جيڪا خواري ٿي تنهن کي منهن ڏنو ويندو. ٿي سگهي ٿو تہ هن فينگر جي ڳالهہ ۾ بہ ڪا سچائي هجي. آخر انهيءَ ٻڌڻ کان پوءِ هو دل ٻڌي، واريءَ سان هوريون پري ڪڍي گوٺ روانو ٿيو. بس اتي پهچندي هوريون مالڪ جي جاءِ جي اڳڻ ۾ چڏي آٺ ڪاهي وڃي گهر آرامي ٿيو. سڄي رات نند کانئس ايس تہ ايندڙ صبح ئي الاجي کهڙو حشر ٿيندو.

هوڏانهن فجر ئي تہ آمالڪ سندس مالڪ ماڻهن پليان ماڻهو هن ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيا. چئي، ٻئي ڪڙي اچي پهچ! هن جو اها ٽڪڙي تاهوت ڏئي تہ سندس وايون بتال ٿيڻ لڳيون. چئي، آئي گهوڙا، اجهو ٿو قاهو ڳچيءَ ۾ پوي، پر ڪيس کهڙي ڪل تہ شيخ سلامت جي ڪرامت سان اڳ ۾ ئي سندس سڌائي ٿي چڪي هئي.

انت چا ٿيو جو هو نياپن پٺتان نياپا ٻڌي ڏکندو ڪنبندو وڃي منهن پيلو ڪري مالڪ تائين رسيو. ڏسي تہ سبحان الله! اڳڻ ۾ ڪنڊ جا انبار لڳا پيا آهن ۽ مالڪ خوشيءَ مان ڪچڻ ۾ نہ پيو ماپي- هن کي جيئن ڏٺائين تيئن کيس

www.maktabah.org

پاڪر ۾ جهلي آفرينون ڏيڻ لڳو ته اهڙي آڇي ۽ هيتري ساري ڪنڌ تو ڪتان آڻي ڪيڏي. شاباس آهي تو جهڙي سپاڳي ڪي جنهن اهو وهنوار ڪري منهنجا پاڳ ٻيڙا ڪري چڏيا آهن. ٻوءِ ته ڏاڍي راضپي سان ان شخص کي، پنهنجي مالڪ پوشاڪون پهرائي انعام اڪرام ڏئي خوش ڪري چڏيو.

شيخ سلامت، چوڻ سڻ ئي هن کي تاڪيد ڪري چڏيو هو ته اهو راز رکو پاڻ تائين رکجان ۽ ان ڪري اها گالهه اتيئي رهي ۽ شيخ سلامت جو نالو نشان ظاهر نه ٿيو.

اهڙي نموني شيخ سلامت، سڀ ڪنهن سان نيڪي ۽ خدا ترسيءَ وارو رويو روا رکندو ٿي آيو! نه ته پڇاڙيءَ تائين ڪيس ڪابه آڙ آوڙ اندر سان آڻوڙيدي هئي. بيشڪ، پاڪ آهي ڏاڍيءَ جي ذات جيڪا پنهنجن نيڪ پانهن کي ايڏي سگهه ۽ ساک عطا ڪري ٿي ۽ کين محويت جو عالم بخشي پاڻ تائين رسائي ٿي چڏي ۽ ٻوءِ هو جيڪي چاهين تا سو ٿي ٿو پوي.

متي ذڪر ڪيل دور ۾ شيخ سلامت جي چمار ست ورهيه هئي جو ڪيس قرآن مجيد پڙهائڻ لاءِ مڪتب ۾ ويهاريو ويو. پاڻ اصل کان خدا جي خلق جي دلجوئي ۽ خاطرتواضع سان دلي شوق رکندو ٿي آيو. ان مان سندس خدا رسول جي محبت جو جذبو ظاهر ٿئي ٿيو، جنهن ۾ ڪنهن به هيٺ متائي جو ڪو دخل ڪونه هو.

www.maktabah.org

شيخ مغل پيئن جو خانداني شجرو

اول حضرت آدم عليه السلام ان جو پٽ حضرت شيث ان جو پٽ حضرت لوط ان جو پٽ حضرت کينان ان جو پٽ بارز ان جو پٽ اخنوخ ان جو پٽ بنوشلخ ان جو پٽ مالک ان جو پٽ حضرت نوح نبي عليه السلام.

حضرت نوح کي ٽي پٽ هئا. هک سام ٻيو حام ٽيون يافت. سام جو پٽ ارقخشذ ان جو پٽ غابر ان جو پٽ صالح ان جو پٽ قالع ان جو پٽ ارغو ان جو پٽ شاروخ ان جو پٽ ماخور ان جو پٽ تارخ ان جو پٽ آذر ان جو پٽ حضرت ابراهيم نبي عليه السلام.

حضرت ابراهيم کي ٻه پٽ هئا: هک حضرت اسماعيل ٻيو حضرت اسحاق. حضرت اسماعيل جو پٽ قندار ان جو پٽ حمل ان جو پٽ تبت ان جو پٽ يعرب ان جو پٽ فرانيس ان جو پٽ هميع ان جو پٽ مقوم ان جو پٽ عد ان جو پٽ عدنان ان جو پٽ معد ان جو پٽ نذار ان جو پٽ مقر ان جو پٽ الياس ان جو پٽ مدرکه ان جو پٽ حزيمه ان جو پٽ کنانه ان جو پٽ نضر ان جو پٽ مالک ان جو پٽ فهر ان جو پٽ غالب ان جو پٽ لوئي ان جو پٽ کعب ان کي ٻه پٽ هئا هک مره ٻيو عدنان مره کي ٻه ٻار پٽ هئا هک کلاب ٻيو غنيم، کلاب جو پٽ قصي ان جو پٽ عبدالمناف ان جو پٽ هاشم ان جو پٽ عبدالمطلب

www.maktabah.org

ان جو پٽ عبدالله ان جو پٽ حضرت محمد رسول الله ﷺ.

ڪعب جي پٽ عدنان جو پٽ عدي ان جو پٽ رواح ان جو پٽ قرط ان جو پٽ عبدالله ان جو پٽ رياح ان جو پٽ عبدالعزيز ان جو پٽ نقيل ان جو پٽ خطاب ان جو پٽ امير المؤمنين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه.

حضرت عمر جو پٽ زيد ان جو پٽ عبدالله جنهن کي ٽي پٽ هئا، ابراهيم، موسيٰ ۽ ذڪريا. حضرت ابراهيم جو پٽ علي عسڪر ان کي به پٽ قاص ۽ محمد هئا. قاص جو پٽ سعد ان جو پٽ قصور ان جو پٽ عليق اسعد ان کي چار پٽ، عامر، آهن، چٽو ۽ چاچڪ هئا، ان کي وري به پٽ محمد ۽ رڪن الدين هئا. محمد کي ٽي پٽ عمر، عباس ۽ تاجيو هئا. عمر کي به پٽ شيخ المشائخ نيباهو شهيد ٻيو عباس هئا. شيخ نيباهو جو پٽ شيخ نبو جنهن کي به پٽ هئا، هڪ شيخ عمر ٻيو شيخ المشائخ شيخ سلامت شيخ (مغل) ٻينءَ عليه الرحمت.

شيخ ٻينءَ کي چار پٽ هيا، غوث الزمان حضرت شيخ مغل قدوة الاوليا حضرت شيخ جيئو زبدة الاصفيا شيخ قرن ۽ ندوة الاتقياء شيخ يوسف عليه الرحمت.

شيخ جيئي جو پٽ شيخ تاجيو ان جو پٽ صاحب عرفان شاهه محمود عليه الرحمت ان کي ٽي پٽ جعفر، سلطان ۽ وسايو هئا. جعفر جو پٽ عبدالله ان جو پٽ محمد ان جو پٽ يونگر ان جو پٽ اسماعيل ان جو پٽ پريو ان کي به پٽ رڪن الدين ۽ عيسيٰ نالي هئا. رڪن الدين کي چار پٽ پريو، ابراهيم، لدو ۽ محمد بري هئا. پرئي جو پٽ سايون ان کي به پٽ يونگر ۽ بکر هئا. سندن ماءُ مائي راجي نالي جام ڳاهي ڪيهر جي ڏيءَ هئي. يونگر جو پٽ بادو ان جو پٽ چٽو، ان کي چار پٽ هر هڪ ڏهراج، گاگن، ابوڙو ۽ ڳاهو هئا.

www.maktabah.org

گاهي جو پٽ ماکرپيو ان جو پٽ کريم ڈنو ان جو جو پٽ ابوڙو ان جو پٽ ماکرپيو ان جو پٽ ميان غلام حسين ان جو پٽ ميان ڈهراج، ميان رحيم ڈنو ۽ حاجي ماکرپيو جيکي ٽيئي خلافت وارا هئا.

حاجي ماکر پئي کي چار پٽ: خليفو ميان حاجي غلام محمد خلافت اجو صاحب حاجي غلام مرسل، حاجي غلام رسول ۽ حاجي عبدالرسول هئا.

خليفي حاجي غلام محمد کي وري چار پٽ هڪ ولي عهد ميان ماکرپيو، پيو ميان غلام دستگير، ٽيون ميان الهڈنو ۽ چوٽون خدا بخش نالي هئا. ـ شجرو پورو ٽيو.

www.maktabah.org

طريقت جو شجرو

1- ٿيو ارشاد علي کي محمد مير ملا
ٿيا شـــروع ان کنان ، سڀني سلسلا

2- ڏنو امام حسين کـي علي احوالا
زينت زيـن العابدين کئي حسيني حالا

3- محمد باقر مريد ٿيو تنهن جو طفيلا
امام جعفر ان کنان ٿيو صادق ٿئيلا

4- موسيٰ مريد تنهن جـو کاظم اماما
ڏني علي رضا کي تنهن خلافت خيلا

5- مليو معروف کرخي کي تنهن کان کمالا
تابع تنهن جو ٿيو شيخ سري سقطي سين صفا

6- بلند بغدادي ٿيو ، جنيد جـاء جڳا
ابابکر ان کنان شيخ شبلي ٿيو شيعا

7- شيخ ابو عبدالواحد يمني افضل سو آنها
آهتس پرايو عبدالله طـ طـوسي تبارکا

8- ابو الحسن هيکاري پوءِ موحد سو مردا
افضل ابـــو سعيد ٿيو ، والـــي ولايتا

www.maktabah.org

9- اچـــي انهان کـيو ، جلوو جيلانا
بـادشـاهه پيدا ٿـيـو ســـو ظـــاهر زمانا

10- ابو محمد اکمل ٿيو ، عبدالقادر اقدس سر اکبارا
مـــلائڪ مريـــد ٿيا ، هـــلي تنهن هٿا

11- جلوو جهان تي تنهن شافع جو شعّا
عارف ، عاشق ، معشوق ، اشرف اکرم اصفيا

12- کامل مڪمل اکمل ، هادي هدايا
سخي سليم سالڪ ، مهدي عـلـوي غطايا

13- رسي شيخ مگر پيئہ کي تنهن ڪنان خاصي خلافتا
سو مريد مقبل ٿيو آن جـــو انور آمورا

14- ديـــوان دستگير جـو والي وزارتا
وٽون جي ولين ، سي آهن دست ان دانا

15- سو والي واصل واهه ٿيو ، نرمل جي نورا
شيخ جيئو مريد تنهن جـــو مقبل مهديا

16- تنهن جو مريد شيخ تاجيو ، هادي هدايا
جنهن کي ٿا چون سيئي ، هو واصل ولايا

17- آخر شيخ محمود بري ، مقبل ٿيو تنهن جو طفيلا
بـــري بحري ســـو هيو ، کامل ڪمالا

نوٽ : هي شجرو ڪاغذن کي اڏوهي لڳڻ ڪري اڻ پورو هو جنهن کي ٻئي هڪ پراڻي ، قلمي ڪتاب (مولف مصنف نامعلوم) تان پيٽي مڪمل ڪيو ويو . ـــ مرتب .

www.maktabah.org

باب پهريون

سير سلوڪ جي بيان ۾

○

هڪ ڏينهن جيڪو ٻين ڏينهن کان ڀلارو هو، شيخ سلامت پنهرين جي نماز کان واندو ٿي ويلو تہ اچانڪ هڪڙو مسافر جنهن جو سڄو بدن جيتوڻيڪ متي (دز) سان ڀريل هو تہ بہ سندس منهن جي مٽيا ۽ ميڙاج پري ڳالهوَ مان ائين پيو لکائي تہ پاڻ کو صاحب دل، عارف ۽ عالم شخص آهي. هو جيئن مسجد جو در لنگهي اندر اگئ ۾ آيو ۽ نهايت ادب ۽ نياز سان سلام ڪيائين تہ آڏون (شيخ سلامت) بہ اوتري تواضع سان اٿي ڪيس سلام جو جواب ڏئي ساڏس پاڪر پاڻي ملیس، حال احوال کان پوء مون هن کي وڏي سڪ ۽ محبت سان پاڻ وٽ رهايو ۽ ٿي ڏينهن ٿي راتيون سندس هر ڪا خدمت چاڪري ڪندو رهيس، ليڪن هن چگي مڙس منهنجي انهيءَ خاطر تواضع تي ڪو خاص توجهہ نہ ڏنو ۽ لاگيتو مراقبي ۾ مشغول رهندو آيو. ٻي پاسي ڪاڏي پيتي ڏانهن بہ اهڙو ڪو ڏيان ڪونہ هوس، لاچار جڏهن ڪيس ڪجهہ پيش ڪيو ٿي ويو تہ ان مان بہ چار گرهہ ڪائي متان لوٽيائو پاڻي پي ٿي ڇڏيائين، وري پنهنجي دستور مطابق ساري رات مراقبي ۾ ويهي وٽ ڪائيندو ۽ هڪلون ڏيندو ٿي رهيو. مون ڪنهن

www.maktabah.org

مهل وجهم وجهي جڏهن کانئس پڇيو: سائين! اوهان کهڙي پاسي سفر جو سانباهو پنهنجي گهر ۽ وطن کان وڇڙي اچي هت پهتا آهيو؟ ۽ هاڻ اوهان جو پلا کهڙو ارادو آهي؟ تنهن تہ وراڻي ڏنائين تہ: آڏون حرمين شريفين جي زيارت جو ارادو ڪري گهران نڪتو آهيان. اهو ٻڌندي مون هڪدم کيس چيو تہ اي پلارا! تون تہ نندي وهيءَ جو پيو ڏسجين، توکي تہ اڃا ڏاڙهيءَ جي ريهہ بہ مس مُنهن تي لٿي آهي، تون کيئءَ ايڏو اهنجو ڪشالو ڪري وڃي رسندين؟ ٻڌڻ ۾ پيو اچي تہ اهو سفر جنهن لاءِ تون سنبت ڪري نڪتو آهين ڏاڍو اوکو ۽ اڻاڏو آهي! منهنجي ائين چوڻ تي پاڻ ورندي ڏنائين تہ: هي ڏکيو پا اوکو نہ پر ڏاڍو سؤلو ۽ سڻائو سفر آهي، تون هروپرو وڌاءُ ۾ نہ وڃ، پر جي سچ پچ بہ ائين هوندو جيئن تون ٿو ورجائين تہ بہ آڏون ان لاءِ هيڪاري وڌيڪ آڏو ٿيندس. پڪ اٿم تہ اهو سفر ماڳهين ڪٺن وارو ناهي تڏهن بہ دل ڪانہ لاٿي اٿم، انت آن کي ڏوري وڃي پار پوندس.

مون (شيخ سلامت) جڏهن سندس اٽل ارادو ڏٺو تہ مونکي ڏاڍي اچرج ٿي. تنهن تي پاڻ مرکي چوڻ لڳو: نازڪ بدن شهزادا، سلطان عمر جا ياءُ! تون جيڪو هن ملڪ جو والي وارث آهين، توکي کهڙي ڪل تہ سفر ڇا ٿيندو آهي، مون وراڻيو: آڏون بہ تنهنجيون گهالهيون ٻڌي تو سان گڏ سفر لاءِ آڏو ٿيو آهيان. ان تي هن وري چيو: توکي کهڙي ڪٿي ڪنيو آهي جو اهي شاهي عيش عشرت ڇڏي ڏڻيءَ جي تات ۾ لڳو پيو آهين؟ آخر ڪا تہ گهالهہ هوندي. آڏون هيڏانهن ورندي جڏهن شهر جي ٻاهران اچي ماٺهن کان خبر چار وٺڻ لڳس تہ ڪنهن تنهنجي باري ۾ ٻڌايم: شهزادو امير ٻيئءَ چريو ٿي پيو آهي، سو سيڪجهہ ترڪ ڪري فقيري اختيار ڪئي اڻائين. تنهن چواڻي اسان بہ تو وانگي چريا ٿي سڀ ڪجهہ تياڳي چڪا آهيون.

www.maktabah.org

مون نيٺ ڪيس زور ڀريو تہ پلاڻي ڪري ڪي ڏينهن اسان وٽ ترسي ٻوڙ، تہ دل سان تنهنجي چيٽ چاکري ڪجي، پر هو ايتري بحث مباحثي کان پوءِ به اٿي کڙو ٿيو ۽ هڪدم منزل مقصود ڏانهن رُخ رکيائين.

شيخ سلامت چيو: آڻون هن جي تعظيم ۽ رستي ڏيکارڻ جي بهاني ساڻس گڏجي شهر کان ٻاهر آيس، ڪي غلام ۽ خدمتگار جيڪي اُن وقت اتي موجود هٿا، اهي به پٺيان هلڻ لڳا پر مون کين منع ڪندي ٻڌايو: آڻون مهمان کي اڪيرو ڪري واپس وريو ٿو اچان، ان تي اهي اتيئي ترسي پيا.

تن ڏينهن ۾ شيخ سلامت جي چمار چوڏهن ورهيه هئي. پاڻ حج جو ارادو ڪري مسافر سان گڏجي ٻڌهي سفر تي روانا ٿيا. جنهن جو نالو سلطان سرور (1) هو. اڃا پنڌ ڪندي ٿورو پرپرو ويا تہ شيخ سلامت ان کي چوڻ لڳو: اڇ تہ اڇ ايترو ٻوڙون جو اک چنبي ۾ سؤ ڪوهہ کان به مٿي پنڌ هڻي وڃون!

هيڏانهن شيخ صاحب کي اها جهوري تہ هوڏانهن مسافر سلطان سرور کي اچي پنهنجي سر جي لڳي. شيخ سلامت کي چوڻ لڳو: زورآور! اجهو ٿو پٺيان ڪو ممڻ مچي. هاڻ مهرباني ڪري تون هتان ٽي واپس وڃ، جو تون اڃا ٻار آهين. متان پاڻهين (عمر) تنهنجي ڪي ڪٽڪ چاڙهي نڪري پوي ۽ مان غريب، راهہ ويندي ماريو وڃان!

شيخ سلامت چيس: دلجاءِ ڪر، هن وقت جيڪڏهن ڪو پڪي به پَر ساهي اسان جي پويان پوندو تہ پهچي ڪونہ سگهندو. پوءِ شيخ صاحب چوي ٿو تہ اسان ٻئي پنڌ هڻندا اچي لاهري بندر، (2) تي رسياسين، جتي رات رهي، ساهي پٽي صبح

---

(1) سلطان سرور جي احوال بات ڏسو تعليقات، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

(2) لاهري بندر لاءِ ڏسو، مختصر نوٽ، تعليقات ۾.

www.maktabah.org

جو جهاز ۾ چڙهي هليا سين جيڪو اڳ ئي رواني ٿيڻ لاءِ تيار بيٺو هو. جهاز ٽورو پنڌ ڇڪي وڃي سمنڊ ۾ داخل ٿيو.

پويان شيخ سلامت جي پاءُ، سلطان عمر کي جيئن سندس اچانڪ غائب ٿي وڃڻ جي خبر پئي تہ ٿتيءَ تاءِ چوڌاري پنهنجا ماڻهو دوڙايائين. هنن گهٽي ئي مٿا مونا هنيا پر شيخ سلامت ۽ سندس ساٿيءَ جو ڪين ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. نيٺ واپس هليا آيا.

شيخ سلامت جي زباني تہ اسان ستاويهن ڏينهن جي سفر کان پوءِ جدي جي بندر تي پهچي جهاز مان لهي، مڪي پهتاسين جيئن تہ حج جا ڏهاڙا ويجها هئا، ان ڪري حج پڙهي وري مديني اچي رسول مقبول صلعم جو روضي پاڪ جي زيارت کان مشرف ٿي ڪي ڏينهن سيد الابرار جي حضور ۾ گذاري اتان بدر جي وادي ۾ آياسين (1).

بدر هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ جڏهن حضور ڪريم جن مديني ۾ آيا تہ پنهنجي عمر جا باقي نو سال، يارهن مهينا ۽ چوڏهن ڏينهن اتي گذاريائون. انهي عرصي ۾ ئي عمرا ۽ هڪ حج (جنهن کي حجتہ الوداع سڏيو وڃي ٿو) ڪيائون ۽ ستاويهن غزون ۾ حصو ورتائون جن مان غزوہ بدر مشهور آهي. انهن غزون (جنگين ۾ حضور جن پنهنجي سر سواري ڪئي هئي. قريش ۽ نبي ڪريم جي وچ ۾ اها پهرين چڪري هئي جيڪا انهي هنڌ لڳي. ان ۾ قريش مان ابوسفيان

---

(1) قلمي نسخي ۾ بدر ۽ خيبر جي سفر جو سلسلو ڏتل هو ۽ اهي ڪاغذ غلطي وچان ٻئي هنڌ ٽاڪيل هئا، جن کي چڱيءَ طرح پڙهي درست ڪري هت شامل ڪيو ويو آهي جيئن سلسلو برابر قائم رهي، وڌيڪ ڏسو تعليقات ۾ بدر ۽ خيبر جو بيان. ـ مرتب.

www.maktabah.org

عمر عاص، ۽ عمر هشام چاليهن سوارن ۽ پيادن سان شامل هئا، جيڪي شام کان واپس ايندي يهودين جي وسنديء ۾ پهتاء اها خبر جڏهن رسول ڪريم جن کي ملي تہ انصار ۽ مهاجرن کي انهن جي سڌ سماء لهڻ لاء آماڻيائون. هوڏانهن ابوجهل جيئن انهيء صورتحال کان واقف ٿيو تہ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي دانهون ڪرڻ لڳو. چئي، قريش وارؤ! وارو ڪريو جو محمد (صلعم) انصار ۽ مهاجرن کي اسان جي ماڻهن جو پيڇو ڪرڻ لاء موڪليو آهي. جيڪڏهن اوهان اڄ ميدان تي مقابلو ڪرڻ نہ آيا تہ پوء پرينهن پنهنجو ڪوبہ چاڙهو يا چارو نہ ٿيندو.

ان کان اڳ اميرالمؤمنين حضرت عباس جي پيڻ خواب لڏو هو تہ فرشتن، آسمان تان مکي ۾ نازل ٿي قريش وارن تي پٿر وسايا آهن ۽ قريش جو ڪوبہ گهر انهي الاهي آفت کان ڪونہ بچي سگهيو. حضرت عباس اهو خواب بيان ڪري ابوجهل کي جهليو ۽ هو تہ جنگ لاء اهڙي کا بہ تڪڙ چڱي ڪانہ ٿيندي، پر هن پنهنجي هٺ جي ڪري اها گهالهہ کا نہ مڃي.

هاڻ جو هيءُ واردات ڏنائين تہ پندرهن سؤ پيادا ۽ سوار سات ڪري بدر جي ميدان ۾ لهي آيو. حضرت جبريل نبي ڪريم جن کي اچي چتاءُ ڏنو: تہ خدا اوهان سان ٻن گهالهين جو وعدو فرمائي ٿو. توهان يا تہ قريش جي شام کان آيل قافلي تي ڪاهيو يا خود قريش جي مٿان ڪاهہ ڪريو. جيڪي بدر تي چڙهائي ڪري آيا آهن. بنهي صورتن ۾ سوپ اوهان جي ٿيندي.

حضور جن جي مرضي اها بيٺي تہ قافلي کي ڇڏي ان جي بدران قريش تي ڪاهجي. ان لاء اصحابن سان صلاح ڪيائون تہ بنهي مان ڪهڙي گهالهہ وڌيڪ مناسب ٿيندي؟ جنهن تي حضرت علي، حضرت عمر ۽ سعد معاض اٿي بيهي چيو تہ اي رسول خدا جا!

www.maktabah.org

اسان اوهان جي رضا تي راضي آهيون، جيئن اوهان کي چڱي ڏسڻ ۾ اچي تيئن ڪريو. اهو ٻڌي پاڻ قريش وارن ڏانهن منهن ورائي چيائون: ياد رکو، هن معرڪي ۾ سوءِ اسان جي ٿيندي، توهان پاڻ ڏسندؤ ته فلاڻي هنڌ ابوجهل جو لاش پيو هوندو. فلاڻي جاءِ تي ابي حنظلم جو مڙهم ته فلاڻي جڳهه تي عمر هشام جو ميت پيو هوندو، ۽ اميه بن خلف جو پيٽ ڦاڙيو ويندو. پاڻ ائين هر ڪنهن جي حشر بابت بيان ڪندا ويا.

اصحابن مان جيڪي اول انهيءَ گهاٽ ۾ آنا هئا، ته قريش بدران سندن قافلي کي لٽيو وڃي، سي سڀ جنگ لاءِ تيار ٿي ٻيٺا. حضور جن ڏي سؤ پندرهن پيادن ۽ سوارن سان بدر جي ميدان تي آيا، انهيءَ وچ ۾ ابو جهل کي ڌڪ پٽجي وئي ته قافلو ڪنڊيءَ واري پاسي کان اڪري سلامتيءَ سان اڳتي وڌي چڪو آهي، ۽ قريش وارا پوئتي موٽ ڪائڻ جي ڪري رهيا آهن ته پاڻ ابو جهل وڏي واکي کين چوڻ لڳو: قسم آهي لات (بت) جو ته اسان ڪنهن به حالت ۾ پوئتي موٽڻ نٿا چاهيون. اسان کي هتي ترسي شراب پي عيش ڪرڻو آهي، جيستائين محمد (صلعم) ۽ سندس اصحاب ميدان مان نڪري هلن.

پي پاسي حضور جن به نڪري هليا ۽ جڏهن بدر کان ٿي ميل اورتي آيا ته پاڻي ڪپي وين. لاچار تيمم سان گذارو ڪيائون. قريش وارن کي خبر پئي ته چوڻ لڳا: جيڪو پڪي اسان جي ڪوڙڪيءَ مان بچي نڪتو هو سو وري اچي انهيءَ ۾ ڦاٽو آهي. آخر ٻئي ڏريون دوبدو ٿيون ۽ ٻنهي پاسن کان وڙهم شروع ٿي وئي جيڪا صبح سوڏي هلندي رهي.

ابوجهل لات ۽ عزيٰ (بتن) جو قسم کڻي چيو: آڻون تيستائين مانيو ڪونه ڪائيندس جيستائين محمد (صلعم) جو سر ڏڙ کان ڌار نه ڏيندو. پوءِ چا ٿيو جو وڙهم هلندي حضور جا

www.maktabah.org

اصحاب آڇ جي سختيءَ کان هڇي سمهي پيا، سندن اکين لڳي ته شيطان اچي سپنيءَ کي احتلام ڏياريو، سواءِ نبي ڪريم، حضرت علي ۽ حضرت عمر فاروق جي ٻيو کوبہ اهڙو نہ هو جنهن کي احتلام نہ آيو هجي. رات جي پوئين پهر ۾ سڀني پريشان ٿي حضور جن وٽ آيا، کين عرض ڪيائون تہ اسان هينءَ ابليس جي آري ۾ اچي ويا آهيون، هاڻ جنگ ڪيئن ڪنداسين. هتي تہ ايڏي واري وڇائي پئي آهي جو گوڏن ۾ اندر ٻيهي وڃڻو پوي ٿو.

اوڏي مهل پاڻ ڪريم جن هٿ مٿي ڪڻي ڏڻيءَ در دعا گهري تہ هڪدم رحمت جو مينهن وسي ٻيو جنهن مان سڀني اصحابن سگهورن ڏوئي پوئي صفائي ڪئي، پاڻي پوڻ جي ڪري سڄي واري بہ وهجي وئي جا کين ڏکي لڳي رهي هئي. پڇاڙيءَ صبح جي نماز پڙهيائون وري سڄ آپريو ٿہ نئين سڀين سپ جنگ ۾ جنبي ويا.

انهيءَ وچ ۾ وري ابليس کي وارو ملي ويو جهڪو سراقہ (1) (قريش جي بُت) جي روپ ۾ هزارين زرهہ پوش ڪندانين جي لشکر سان جهنڊو ڦڙڪائيندو ميدان ۾ لٿو ۽ قريش جي وڏن (ابو جهل ۽ ٻين) اڳيان گوڏا ڪوڙي نيزاريءَ سان چوڻ لڳو: آءٌ شرمسار آهيان جو اوهان جڏهن مون کي ياد ڪيو تہ محمد (صلعم) اجهو مڪو ڇڏي مديني وڃي رهيو آهي جنهن جو ٿون (ابليس) وڃي اڳ وٽ تہ جيئن هو راهہ ۾ ئي رکجي پوي. مون ان مهل ڪوتاهي ڪئي ۽ اڄ اها کاڻ پوري ڪرڻ لاءِ هتي اچي رسيو آهيان، انهيءَ ارادي سان تہ اوهان جو پاڻهن ٻيلي ٿي پاڻ ملهايان. هاڻ اوهان ڇٽا، آڏون ڇاڏان منهنجو ڪم ڇاڏي. هنن (مخالف ڏر وارن) سان اها تعدي ڪري ٿو ڏيکاريانو جو آلڪ ملڪ ڏسي رهندا. آخر

---

(1) سراقہ لاءِ ڏسو تعليقات ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

www.maktabah.org

قريش وارن سندس پيمن تي لڳي سراقہ (ابليس) کي پنهنجي لشکر جي اڳيان رهوار ڪيو.

حضور اڪرم جي اصحابن جڏهن اها حالت ڏٺي، پاڻ ڪريم جن کي عرض ڪيائون: اسان ٿورائي ته آهيون، قريش جو لشڪر تمام گهڻو ٿي ويو آهي، ويتر جو سراقہ جو لشڪر اڳي ان سان گڏيو آهي ته ڏاڍي اوکي ڪالهہ پئي لڳي. آخر هنن سان ڪيئن مهاڏو اڏائي سگهبو؟

حضور جن، اصحابن کي ڳاراڻي ۽ ڏسي آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: الاهي! اڄ جيڪڏهن هي مٺ جيترا مسلمان ڪافرن جي لشڪر هٿان مارائي ڇڏيندين ته سڀاڻي زمين تي اهڙو ڪو به نہ بچندو جيڪو تنهنجي وحدانيت تي ايمان آڻيندو.

گهڙي نہ گذري ته جبريل، ميڪائيل ۽ اسرافيل سان گڏجي هزارين فرشتا جامن عمامن سان پهريل ساڻ ڪري زمين تي آيو. سڀئي فرشتا پلن گهوڙن تي سوار هئا، اينديءَ شرط نبي ڪريم جي لشڪر ۾ شامل ٿيا. هوڏانهن ابليس جنهن سراقہ جي روپ ۾ قريش وارن جي اڳواڻي پئي ڪئي اڃا هن ڌر جي لشڪر تي حملي ڪرڻ جي سانباهي ۾ هو ته ايتري ۾ سندس نظر وڃي حضرت جبريل تي پئي جنهن نبي ڪريم جي لشڪر جي اڳواڻي ٿي ڪئي. ابليس اهو لقاءُ ڏسي هڪدم ميدان ڇڏي پڳو ۽ پوين (قريش وارن) کي هار کائڻي پئي. ڇو ته ابليس سان گڏ جيڪي نندا وڏا خناس گڏجي آيا هئا، اهي به ميدان مان رفوچڪر ٿي چڪا هئا.

قريش وارن جو اوچتي اها ويڌن ڏٺي ته واويلا ۽ پڄجي ويا. چئي اها ڄاڻ اسان سان سراقہ وارن ڪئي آهي جنهن مدد جو دلبو ڏئي اسان کي اڪيلو ڇڏي اهو ڏينهن ڏيکاريو! وري ابوجهل جو اهو هاڃو ڏٺو ته آپي هٿين سراقہ کي صلواتون سڻائي چوڻ لڳو: هڇارا! تو هي ڇا ڪيو، مٺ جيترن ماڻهن

www.maktabah.org

کان ڪو ڪائي ڀڳين؟ مگر ابليس کا وراثي نہ ڏني، جيئن پنهنجي منهن ميدان ڇڏي وئي ياڃڙ ۾ پيو تيئن ئي ويندو رهيو.

سراقہ جي لشکر جي ياڃ کان پوءِ قريش وارن هار کاڌي، ملائکن ۽ اصحابن ڪڏجي هنن تي اهي وسکارا ڪيا جو ڪين ڏينهن جا تارا ڏسڻا پيا.

اصحابن کان روايت آهي تہ: ان ڏينهن اسان اڃا کافرن جو پيڇو پڻي ڪيو تہ اڳوات ئي وٺ وٺان ۽ مارا ماري جون دانهون ڪوڪون پڌڻ ۾ آيون. کافرن جون سريون اک ڇنب ۾ ڏڙن کان ڌار ٿيندیون پئي ويون. هر کافر جي متان ڪونہ ڪو سوار اڇي ٿي ڪڙڪيو ۽ ڪن پل ۾ ڪيس ختم ڪري پئي ڇڏيائين. اهو نظارو ائين پئي لڳو جيئن کائي پڇندي ڪاءُ ڏيندي آهي، تيئن کافرن جي ڪيپرائين مان ڏڙڪاڻ نڪري رهيا هئا. ڪيترا سوار جنگ ۾ حضور جن جي ساڃي کاپي نگهباني ۽ لاءِ بيٺل نظر ٿي آيا، ابو جهل ۽ قريش جا ٻيا سردار: عمر هشام، شيبہ بن ربيع، عتبہ، ربيعہ وليد، اميہ بن خلف، عطبہ ابي معيط، عمار وليد، حارث ۽ ستر ٻيا ماڻهو موجود هئا. هڪ روايت موجب سوين هزارين ماڻهو انهن جڳهن تي مئا جن لاءِ حضور جن پاڻ پيشين گوئي ڪئي هئي.

حضور جن آخر پنهنجي ماڻهن مان ڪنهن کي حڪم ڪيو تہ: وڃي ابو جهل جي کا خبر چار لهي اچي، مري ويو يا اڃا جيئرو آهي؟ مونکي پڪ آهي تہ هو ضرور هريا (ختم) ٿي چڪو هوندو. جانچ ڪندي خبر پٽجي وئي تہ (عبدالله بن مسعود وٺان) ابو جهل ميدان اندر زخمن کان چور ٿي ٻين لاشن وچ ۾ واري۽ اندر منهن لڪايو پيو آهي.

عبدالله بن مسعود (1) سندس (ابو جهل) جي ڇاتي۽ تي

(1) عبدالله بن مسعود وفات 9 رمضان 32 هـ.

www.maktabah.org

لت ڏئي، کيس ڏاڙهيءَ کان ڇڪي مٿي ڪري سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيس. پوءِ اها ڪٽي حضور جن وٽ آيو. ائين پيو سجهي جڙ کنهن گنبذ جو نيل لاهي پٽ تي اڇي ڦٽو ڪيو هجي.

حضور جن ابو جهل جو اهو حشر ڏٺو ته پاڻ سجدي ۾ ڪري پيا ۽ شڪرانا بجا آڻي چيائون: اڄ امت جو فرعون قتل ٿي ويو. قريش جا جيڪي پيا سردار: حضرت عباس، رسول ڪريم جن جو چاچو، حضرت امير المؤمنين حضرت علي جو پاءُ ۽ ابو العاص، رسول ڪريم جو ڀاڻو، سڀ قيد ٿي ڇڪا هٽا. تن جي باري ۾ حضور جن اصحابن سان صلاح ڪئي ته هاڻ هنن جو ڇا ڪيو وڃي. تنهن تي حضرت عمر فاروق ۽ سعد معاص وراڻيو: اسان کي حڪم ڪريو ته انهن جون منڊيون ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيون، جن اوهان کي ڪوڙو ۽ جادوگر ڪوٺيو هو ۽ اوهان کي برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيو هٽائون. ان تي حضرت ابو بڪر چوڻ لڳو: اي رسول! اهي تو مان آهن ۽ تون انهن مان آهين، انهن کي آزاد ڪري ڇڏ! حضور جن انت انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو.

جنگ بدر لاءِ مديني کان نڪرڻ مهل حضور جن وٽ تي سؤ يارهن پيادا هٽا، پاڻ دعا گهري هٽائون ته خدايا! تون هنن سيني کي سوار ڪجانءِ. خدا جي حڪم سان بدر جي جنگ ڪٺ کان پوءِ اصحابن مان کو به اڻين (بنا سواريءَ جي) کونہ رهيو. هر کنهن وٽ ٽلهي ليکي ڪن ته به به گهوڙا ۽ به-ٽي اٺ ضرور هٽا. حضور جن جڏهن حضرت عباس کي فديم (1) ادا ڪرڻ لاءِ چيو. هن وراڻيو ته: مون وٽ ڪا به شيءِ ڪانہ بچي آهي. حضور جن وري ڪانئس پڇا ڪئي: پلا جنهن ڏينهن تون لشڪر سان گڏجي جنگ تي نڪتو هئين،

(1) فديم ـ ڏنڊ وٺي جنگي قيدي ڇڏائڻ.

www.maktabah.org

تو ابوجهل کي چيو هو تہ: جيڪڏهن جنگ ۾ سوپ ٿي تہ دشمن تڪليف ۾ پئجي ويندو ان لاءِ مان، يعني تون اي عباس، ٿي سؤ دينار ۽ اولاد اڳواڻ ٿي تنهنجي (ابوجهل جي) حوالي ڪري ڇڏيندين.

حضرت عباس چيو، مون جڏهن ابوجهل کي دينار ڏنا تہ اتي ٻيو ڪو شخص موجود ڪونہ هو، اوهان کي اها خبر ڪنهن ٻڌائي؟ حضور جن جواب ڏنو تہ اها خبر مون کي جبريل ٻڌائي هئي. اهو ٻڌندي حضرت عباس حضور جن تي ايمان آندو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو.

اسان زيارت کان پوءِ بدر ڇڏي بيت المقدس آياسين آڻان وري اسان جي خيبر جي قعلي ڏانهن روانگي ٿي. جنهن بابت مشهور آهي تہ حضور جن، اصحابن جو لشکر وٺي، اتي ويا هئا. خيبر وارن اسلام جي دعوت قبول نہ ڪئي، نہ وري جزيہ (1) ڏيڻ تي راضي ٿيا. آخرڪار ان تان جنگ لڳي.

حضور جن ان جنگ ۾ اول جهنڊو حضرت عمر فاروق کي ڏنو. ڪي ڏينهن جنگ هلي، ان کان پوءِ جهنڊو حضرت ابوبڪر کي ڏنو ويو. هن بہ ڪيترا ڏهاڙا جنگ ڪئي. وري بہ ڪيئي ڏينهن گذري ويا پر جنگ اڃا ٿنگهندي وئي ۽ فتح جي ڪابہ صورت نظر ڪانہ آئي. حضور جن آخر سوچڻ لڳا، تہ هاڻ جهنڊو ڪنهن جي هٿ ۾ ڏنو وڃي؟ هتي اهڙو ڪو خدا جو پيارو هجي جنهن جي هٿان خيبر جو قلعو فتح ٿي سگهي! تڏهن حضرت علي اکين جي تڪليف کان پنهنجي گهر ۾ ٿيو هو، حضور جن کي ان جي ڏاڍي ڳڻتي هئي. ٻئي طرف خود حضرت علي ۽ کي بہ اها آڻ لڳي پئي هئي تہ حضور جن جو الائي ڇا حال ٿيو هوندو.

حضرت علي اکين تي پٽي ٻڌي انهيءَ ئي حال ۾ گهران روانو ٿيو. سڌو اچي اتي پهتو، جتي نبي ڪريم جن اصحابن سان

(1) جزيہ — غير مسلمن تي مڙهيل ڏل.

www.maktabah.org

گڏ نماز ۾ مشغول هئا. هي پاڻ وڃي پوئين صف ۾ بيٺو، نماز کان پوءِ حضور جن سلام ورائي حضرت علي جي پڇا ڪئي. اصحابن چيو: اي رسول صلعم! علي ته اکين جي آزار کان مديني ۾ رهيو پيو آهي. حضور جن واکو ڪيو ته حضرت علي لبيڪ چئي اڏي بيهي رهيو. ڪيس چيائون: علي! اورتي آءُ! حضرت علي جيئن حضور جن جي ويجهو ويو ته پاڻ پنهنجو لعاب (پِـڪَ) مبارڪ علي ۽ جي اکين تي ملیو، انهيءَ گهڙي حضرت علي ۽ جون اکيون تڪليف کان آجيون ٿي ويون. پوءِ حضور جن جهنڊو کين (حضرت علي ۽ کي) سونپيو.

حضرت علي جيئن جنگ جي ميدان ۾ لٿو تيئن خيبر جو بادشاهم (1) مرحب پنهنجو لشڪر وٺي سندس سامهون ٿيو. هن حي متي تي هڪ جنگي ٽوپ هو جنهن جي متان هڪ بي بها ياقوت پئي جـرڪيو ان ياقوت جي ماپ ڪڙ آني جيتري هئي. پهرين ۽ سڀ، مرحب حضرت علي ۽ تي حملو ڪيو پر پاڻ ان کي گسائي ڇڏ يائين يعني حضرت علي اهو وار لنوايو ۽ پنهنجي ذوالفقار متس وهائي ڪيڏ يائين جيڪا مرحب جي توپي ۽ متان جڙيل ياقوت کي ۽ اڏ ڪندي سندس چوٽي ۽ کان پيرن تائين پار ٿيندي وئي. مرحب جو بدن هڪ ئي ڏڪ سان ۽ اڏ ٿي ويو ۽ هو وڃي دوزخ داخل ٿيو.

مرحب کان پوءِ ان جو ڀاءُ ميدان تي لهي آيو جنهن جي مقابلي لاءِ زبير عامر نالي اصحابي پنهنجي اشڪر کان ٻاهر نڪتو ۽ اک چنپ ۾ انهيءَ کي پورو ڪري ڇڏ يائين. ايتري ۾ يهودين جو لشڪر ميڙو ڪري حضرت علي جي متان ڏوڪي آيو جنهن ۾ حضرت علي اچانڪ پنهنجي ڍال ڪـري پـوڙ سبب زخمي ٿي پيو پر هن جي ڀر ۾ جيڪو قلعي جي دروازي لاءِ

---

(1) هي عبارت اصل متن جي ص نمبر ٥٥ جي آهي. مرحب بابت مشهور آهي ته هو بادشاهم نه پر هڪ بهادر هو. ــ مرتب

www.maktabah.org

تيار ڪرايل دشمن ڏر جو تختو پيل ھو سو ڪٽي ڏال طور استعمال ڪيائين. ابو رافع اصحابي بيان ڏو ڪري تہ جنگ کان پوء جڏھن آڻون پاڻ ۽ ستر ٻيا اصحابي گڏجي ان تختي کي اتان سورڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين تہ اھو تختو ايڏو گرو ھو جو ھڪ ڌر ٻہ پنھنجي جاء تان نہ چرڻيو!

جنگ ڏاڍو زور ورتو ايتري قدر جو ڪو نہ ٻيرو نہ پئي ٿيو. حضرت علي ٽپ ڏئي چاليھ ھٿ ڊگھي خندق (کاھي) ٽپي قلعي جي دروازي تائين وڃي پھتو ۽ ان دروازي کي پاڙون پٽي پري ڪٽي اڇلايائين. ان مان ايڏو تہ ڏڏڪو پيدا ٿيو جو سڄي زمين ڏڏي وئي. جبريل ھڪدم اچي حضور جن کي چيو: حضرت علي ۽ ھينئر جيڪو زور ڏيکاري چڪو آھي سو جيڪڏھن ٻيھر ڏيکاريائين تہ زمين اٿلي پوندي پوء ڪنھن ماڻھو ۽ مرون ۽ جو خير نہ ھوندو. خدا ڏو فرمائي تہ اسان کي اڃان ھن دنيا ۾ ڪي ڪارنامہ ڪري ڏيکارڻا آھن. اوھان حضرت علي کي چئو تہ پنھنجو زور ڏرو ڪري. پوء ائين ڪيو ويو ۽ حضرت علي آخر آھستي خيبر جو دروازو کڻي خندق جي متان رکيو جيئن اڃ وڃڻ ۾ پل جو ڪم ڏئي سگھي پر خندق وڏي ھئي ۽ دروازو پوري طرح ان جي متان نہ پئي آيو ڇو تہ خندق چاليھ فوٽ ھئي دروازو پورا ٽيھ ھٿ ھو.

حضرت علي جڏھن ڏٺو تہ دروازو خندق تي پورو نہ ٻيو ٻيھي سو اھو پل جو ڪم ٻہ نہ ڏئي سگھندو. ھاڻ ڇا ڪيائون جو ھيٺ خندق ۾ لھي ٻيو ۽ متان رکيل قلعي جي دروازي کي کلھو ڏئي ٻيھي رھيو ۽ لشکر کي چيائين تہ سڀ آن جي متان لنگھي بي فکري سان پار ھليا وڃو! حڪم ملڻ تي سمورو لشکر اتان پار ٽپڻ لڳو. پچاڙي پاڻ نبي ڪريم جن اچي انھي دروازي تي پير رکيو تہ حضرت علي کان دانھن نکري وئي. حضور جن کي چوڻ لڳو: اي نبي! جلدي لنگھي

www.maktabah.org

پار ٿيءُ جو علي جا هيٺا هڏ نبوت جو بار سهي نٿا سگهن! اهو ٻڌي رسول جن جلدي اڪري پار ٿيا. اهڙيءَ ريت ارڙهن ڏينهن جتاءَ کان پوءِ اها جنگ پوري ٿي ۽ خيبر مسلمانن حي هٿ آيو. جيڪي ماڻهو مفتوح ٿيا تن سيني کي اسلام ۾ داخل ڪيو ويو.

اڄان پيرو ڪري اسان وري بيت المقدس ۾ آيا سين، جتي هڪ لک چوويهه هزار انبياء ڪرام آرامي آهن. بيت المقدس سان گڏ اسان انهن جي مزارن جي به زيارت ڪئي. هتي مسجد اقصيٰ ۾ هر روز خدا جون هزارين رحمتون نازل ٿين ٿيون. هر شخص آڻي نماز پڙهي يا ڪا گهڙي ويهي خدا کي ياد ڪري ٿو تہ اهو سندس اڳيان پويان گناهہ معاف ڪري ٿو ڇڏي (1).

اڄان ٿي اسان وري دمشق پيڙا ٿيا سين ۽ جامع مسجد ۾ جيڪا عمر بن عبدالله تيار ڪرائي هئي، ان مسجد جي اڏاوت تي ستر اڻن تي پريل رقم خرچ ڪئي وئي هئي. مسجد جي چوڌاري ٻارهن هزار نبي سڪورا سُتل آهن. هرهڪ جي قبر جي پرسان سنگ مرمر جو ٿنبو آهي جنهن تي فانوس ٻاريو وڃي ٿو. مسجد جي چئني ڪنڊن تي ڦوهارا لڳل آهن جن جي ڀر پاسي ويهي هرڪو آسائش وڏي ٿو.

اڄان ڦري خسرو ۽ شيرين جي محل ۾ تخت وٽ آيا سين (2). هتي ڪڏهن فرهاد گدائي پئي ڪئي تہ اوچتو شيرين جي حسن تي نظر پئجي ويس، ويچارو دل ڦرائي فقيرن وانگي ڪيئي ورهيہ آڻي ويٺو رهيو. آخر اها ڪاليهہ وڃي خسروءَ ٽائين پهتي. فرهاد کي پاڻ وٽ گهرائي هزارين حيلا هلايائين تہ هو

---

(1) الاهي بخشش واري اها مسجد اڇڪلهہ يهودين جي قبضي ۾ آهي جنهن تي هو هيڪل سليمان جي اڏاوت ڪرڻ ٿا چاهين.

(2) خسرو شيرين بابت: ڏسو تعليقات ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

www.maktabah.org

انان ٿري، پر فرهاد وڃڻ جي کانه ڪئي. آخر فرهاد کي چيائين: تون جيڪڏهن اسان کي ٽڪر ٽڪي ڏئين ته شيرين کي تنهنجي حوالي ڪيو ويندو. فرهاد هڪدم اها گالهه قبول ڪئي ۽ پي ڏينهن پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. جڏهن ٽڪر ٽڪي دنگ ڪيائين ته خسرو کي خبر ڏني وئي. هو بلڪل سڪتي ۾ اچي ويو ۽ ته وعدي مطابق هاڻ فرهاد کي شيرين جو بازو حوالي ڪرڻو هوس. پوءِ کي ڏينهن هو انهي مند فڪريءَ ۾ هيو ته آخر ڇا ڪرڻ ڪپي. ايتري ۾ هڪ ڪسبياڻي وڻس کهي آئي جيڪا هر طرح پنهنجي هنر ۾ هشيار هئي. خسرو خوش ٿي ان کي چوڻ لڳو. خدا جي واسطي وارو ڪر جو منهنجي پت ٿي وڃي. تو کي مان دل گهريا انعام اڪرام ڏيندس.

ڪسبياڻي چوڻ لڳي: آڏون اجهو ٿي تنهنجي انهي ارڇ جو آپاءُ ڪريان رڳو مون کي حلوو ۽ مٺائي تيار ڪرائي ڏي ته اڳوپوءِ فرهاد کي پورو ڪري تنهنجي هيانوَ تان بار لاهي ٿي ڇڏيان. هن اوڏيءَ مهل ڪسبياڻيءَ کي گهربل شيون ڏئي فرهاد ڏانهن آماڻيو.

هوءَ جڏهن فرهاد وٽ پهتي ته روئڻ پٽڻ ۾ لڳي وئي. فرهاد پڇيس ته چوڻ لڳي: تنهنجي شيرين تو کي اڪيلو ڇڏي هن جهان مان هلي وئي، آڏون هي حلوو مٺائي ڪڍي آئي آهيان. کائي پنهنجي شيرين کي ختمو ڏئي ڇڏ! فرهاد جيئن اها خبر ٻڌي ٽيئن دانهن نڪري ويس تيشي کڻي جبل ڏانهن اڇلايائين. انهيءَ ئي گهڙي سندس پساهم پورا ٿي ويا.

ڪسبياڻي اتان سڌي خسرو وٽ آئي. جنهن سان اها روئداد بيان ڪيائين. خسرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس نوازي ڇڏيائين. شاهي ملازمن کي حڪم ٿيو ته فرهاد کي وهنجاري سينگاري سندس جنازو محل وٽان آڻي قبرستان دفن ڪرائڻ لاءِ نيو وڃي انهي خيال سان ته جيئن شيرين به اهو لقاءُ ڏسي.

www.maktabah.org

فرهاد جو جنازو جڏهن محل وٽان لنگهيو، شيرين کي خبر پئجي وئي. هن به چا ڪيو جو جنازو ڏسندي بيوس ٿي پئي ۽ اتي ئي دم ڏنائين. خسرو عشق جي سچائي ۽ خدا جي خوف کان پنهنجو دين ترڪ ڪري بادشاهي ڏان هٿ کڻي پنهنجي ڏٺي ۽ جي طلب ۾ مشغول ٿي ويو.

فرهاد جي تيشي جيڪا هن جبل ٿي اڇلائي هئي. خدا جي حڪم سان ڏاڙهون۽ جي وڻ ۾ تبديل ٿي وئي. اسان ان جي زيارت ڪئي. پوء اتان اڇي ڪربلا پهتاسين. امامن شريفن، امام حسين، امام قاسم، حضرت عباس ۽ ٻين جون زيارتون ڪري کي ڏينهن اتي گذاري خدا جو ذڪر فڪر ڪندا رهياسين. ان کان پوء اسان جو نجف اشرف ۾ اچڻ ٿيو: نجف جي شاهه حضرت علي جي روضي جي زيارت کان علاوه حضرت نوح نبي ۽ حضرت آدم عليه السلام جي مزارن تي چلا ڪيي زيارتن کان مشرف ٿي چڪاسين.

هتي هڪ جابلو دنگ جي گهيري ۾ بهشت جهڙي جاء جڙيل آهي، جتي هڪ وڏي مسجد اڏيل ڏٺي وئي. ان مسجد جي اوسي پاسي حضور اڪرم (صلعم) جا ست سؤ اصحابي دفن ٿيل آهن، جيئن بهشت ۾ وڙ وڙ جا وڻ ٽڻ آهن تيئن هتي به اهڙائي نظارا موجود هئا. پاڻي۽ جون نديون رات ڏينهن پيون وهن. ان جڳهه جي جيڪڏهن پوري واکاڻ ڪرڻ ۾ ايندي ته هتي ڪاڪ ماپندي. اسان اتي به چلا پورا ڪيا.

پوء اتان روانا ٿي طور سينا جبل تي آياسين جنهن جي شان ۾ فرمايل آهي: "خدا ٿو چاڻي، زمين جي جبلن مان ڪوهه طور سڀ کان وڌ ليکيو وڃي ٿو جنهن جي حوالي سان حضرت موسيٰ سانائتو ٿيو".

هتي الاهي تجلين جي اڇلان لڳي پئي هئي. نقل آهي ته: هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ بيابان (برپٽ) ۾ گهميو ڦريو پئي ته ڪيس آڄ اچي ورايو. پاڻي پيئڻ لاء ڪوهه تي ويو. ڏٺائين

www.maktabah.org

ته دلو آهي کونه، پاڻي کيئن پيئندس؟ هو اڃا انهيءَ ويچار ۾ هو ته اچانڪ هڪ هرڻ ظاهر ٿيو جنهن کوهه جي مٿان اچي خدا جي ساراهه ڪئي ته پاڻي ڪپرن تائين مٿي چڙهي آيو. هرڻ پاڻي پي ڏوڪيو ته پنهنجي منهن ويندو رهيو. ان کان پوءِ حضرت موسيٰ پاڻيءَ ڏانهن وڌيو ته پاڻي هڪدم هيٺ هليو ويو. حضرت موسيٰ ڏاڍو حيران ٿيو، مٿان آواز آيس ته: اي موسيٰ! انهي هرڻ اسان جي حضور مان پاڻيءَ جي گهر ڪئي، اسان پاڻيءَ کي ان جي تابع ڪيو. پر تو پاڻي اسان کان گهرڻ بدران دلي جو اوسيئڙو ڪيو. هاڻ مائڙي ڪري ويهي رهه، جڏهن ڪو دلي وارو آيو ته توکي پاڻي ملندو! اتان نڪري اسان سرانديب ۾ آياسين جتي جبل ۾ هڪڙي جاءِ تي حضرت آدم عليه السلام جو قدم مبارڪ ڏسڻ ۾ آيو. عام روايت موجب جڏهن حضرت آدم بهشت مان نڪتو هو ته هن جاءِ تي اچي تو بهه زاري ڪئي هٿائين. هڪ روايت موجب چاليهه ورهيه ته پي روايت مطابق پورا ستر سال هڪ پير تي بيهي ڏٺيءَ در ٻاڏائيندو رهيو. خدا جي خوف کان سندس اکين مان لڙڪن جا مينهن پئي وسيا ۽ زمين تي پئي ڪريا، جن مان هيراجواهر پيدا ٿيندا ويا جن جو ملهه ٿي ڪونه هو. حضرت آدم عليه السلام جي قدم مبارڪ جو اهو نشان هڪ اهڙي پٿر تي آهي جيڪو نهايت صاف ۽ سٿرو هو. قدم جو نشان ٿي هٽ شرعي ڏ ڪهو نظر ٿي آيو. ان جي پرسان هڪ وڏو درياهه پيو وهي جتي ڪنهن زماني ۾ ديون پرين جو واسو هو ۽ ڪنهن انسان جو پاڇو به نظر نٿي آيو. انهيءَ اوکي هنڌ تائين آخر سڪندر ذوالقرنين وڃي رسيو، جنهن ڏاهن جي ڏس تي درياهه تي بند ٻڌايو ۽ هڪ وڏي پل تيار ڪرايائين جتان ماڻهن لنگهي وڃي سرنديب ولايت جو سير ڪيو. اسان اتان زيارتون ڪندا اڳتي وڌندا وياسين.

پوءِ اسان جو گاذرون جي شهر ۾ اچڻ ٿيو جتي

www.maktabah.org

ابو اسحاق گاذروني (1) جي روضي جي زيارت ڪئي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن شيخ ابو اسحاق مسجد ۾ ويٺو هو ۽ خدا جي عبادت ٿي ڪيائين ته اوچتو ڏيئو وسامي ويو. ابو اسحاق پنهنجي مريد کي تيل وٺي اچڻ لاءِ چيو ته جيئن ڏيئو ٻيهر ٻاريو وڃي مريد شهر ۾ تيل وٺڻ ويو پر ڪٿان به ڪونه ملي سگهيس چو ته واپاري سڀ دڪان بند ڪري وڃي گهر آرامي ٿيا هئا. مريد واپس اچي پنهنجي مرشد ابو اسحاق کي پڌايو ته قبلا ڪهل ٿي وئي آهي، واپاري سڀ وڃي گهر سمهي پيا آهن تنهن ڪري تيل ڪونه مليم. شيخ ابو اسحاق چيو: چڱو پلا اهو ڏيئو اورتي ڪر ته آئون ٿو ان کي ٻاريان، خدا ڪندو ته اهو قيامت تائين ڪونه وسامندو. حڪم ملڻ تي مريد ڏيئو ڪٽي آيو ۽ مرشد جي اڳيان رکيائين. شيخ ابو اسحاق گاذروني ڏيئي ڏانهن نظر ڪئي ته ڏيئو ٻري ٻيو جنهن کي واپس پنهنجي جاءِ تي رکيو ويو. اهو ڏيئو چئن ورهين تائين رات ڏينهن ٻرندو رهيو.

ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ شاهي ملازم اتي حاڪم ٿي آيو جنهن کي خبر پئي ته مسجد ۾ هڪ ولي ۽ جي ڪرامت سان چئن ورهين کان ساڏهه هڪ ڏيئو ٻيو ٻري جيڪو رات ڏينهن بنا ڪنهن تيل تڙي جي سوجهرو ڪندو رهي ٿو. شاهي ملازم حاڪم جي حيثيت ۾ پنهنجي اڳلي سان گڏ اتي آيو. ڏٺائين ته برابر ڏيئو ٻري ٻيو. هڪدم ان کي ڦوڪ ڏنائين ته وسامي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو ٽن ڏينهن کان پوءِ انهي شاهي ملازم جو بادشاهه اڳين کان انڌو ٿي ٻيو. ڪيس پڌايو ويو ته تنهنجي ملازم جيڪو تنهنجي حڪم تي گاذرون جو حاڪم مقرر ٿيو هو تنهن اتي پهچي اها حرڪت ڪئي جو شيخ اسحاق گاذروني جهڙي ٻهتل ولي ۽ جو ڏيئو وسائي چڏيائين

---

(1) ڏسو تعليقات

www.maktabah.org

ان کري قدرت توکي اها سزا ڏني آهي. بادشاهه هڪدم پنهنجي ملازم (حاڪم) کي گهرائي قتل ڪرائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت مجرم کي پنهنجي خطا جي سزا ملي وئي. اسان کو وقت اتي رهي پنهي بزرگن جي به زيارت ڪئي. جتان پوءِ عبيد جي ملڪ ۾ اچي رسياسين.

هتي نبي ڪريم جن معراج تي ويندي سلطان سيد احمد ڪبير کي پنهنجو مريد بڻايو هو. ان مان هن کي ايڏو ڪمال حاصل ٿيو جو جنهن مريد کي تلقين پئي ڪيائين ان کي حق جو مشاهدو پلئي ٿي پيو. ڪيترا بادشاهه وٽس اچي سندس مريد ٿيندا پئي ويا ۽ حد کان وڌيڪ سندس تعظيم تڪريم ٿي ڪيائون. هتي هر روز زالين مردين ڪيترا مريد اچي سماع جي محفل ۾ شريڪ ٿيندا رهيا ٿي، جنهن تان آس پاس جي عالمن ڏسرجي اتان جي بادشاهه کي چيو ته سلطان سيد احمد ڪبير جي محفل ۾ زالون به مردن سان گڏ سماع ۾ شريڪ ٿي وڃن جو مظاهرو ڪندیون رهن ٿيون جا گاڏهه سراسر شرع جي خلاف آهي.

بادشاهه اهو پڌي هڪ رات آزمودي خاطر چمڙاپوش(1) کري شيخ احمد ڪبير جي محفل ۾ آيو ۽ سڄو تماشو ڏسڻ لڳو. هوڏانهن شيخ احمد ڪبير کي به ڪشف جي ذريعي پتو پئجي ويو ته اڄ بادشاهه پنهنجي سير اسان جي محفل ۾ اچي شريڪ ٿيو آهي سو اڳئي وڌي ان کي پانهن کان وڌي محفل جي وچ ۾ آڻي ويهاريائين، سماع ختم ٿيو ته بادشاهه چوڌاري نهاري ڏٺو. ڏاڍي حيرت لڳي ته سلطان سيد احمد ڪبير مرن کي ڪشف جي زور تي سڃاڻي وچ محفل ۾ آڻي ويهاريو، اهڙو ڪارنامو ڪنهن ولي ۽ کان سواءِ کو ڪري نٿو سگهي. پئي ڏينهن تي سلطان سيد احمد ڪبير هڪ پيتي گهرائي جنهن

---

(1) اهو لباس جنهن جي پهرڻ سان ماڻهو سڃاڻپ ۾ نه اچي.

www.maktabah.org

ھ ڪڇھ وجهي ان جي مٿان ھرندڙ ڏانڊا رکي پيٽي بند ڪري هڪ مريد کي چيائين ته اها ڪٽي وڃي بادشاھ جي خدمت ۾ پيش ڪر! پيٽي جيئن بادشاھ وٽ پهتي ته پري محفل ۾ کولائي ڏنائين. اوري پري جي سيني عالمن اکابرن کي گهرائي ڏيکاريائين ته هي ڏسو ڪڇھ سان گڏ ھرندڙ ڏانڊا پيٽيءَ ۾ پيا آهن پر باھ ڪانه ٿي لڳي. ٿوري دير کانپوءِ اهي ڪيڙي پٽ ٿي رکياڻون ته هڪدم باھ ٻڙڪا کائڻ لڳي. اها ڪرامت ڏسي سڀني بادشاھ سميت ڇڇيءَ ۾ ڳارو ڪري اگهاڙين پيرين هلي سلطان سيد احمد ڪبير وٽ پيش پيا ۽ سندس مريدي اختيار ڪري ساڳي سماع ۾ شامل ٿيا.

انهي سلطان سيد احمد ڪبير جا جتي ڪتي ڳاڻاڻي کان ٻاهر مريد چيا وڃن ٿا. هو جڏهن به آسمان ڏانهن نظر ڪندو هو ته عرش کان فرش تائين وچاڀ ۾ ڪوبه پردو نه رهندو هو. چون ٿا ته انهي سلطان سيد احمد ڪبير هزارين بلائون باند ڪري ڇڏيون هيون. اسان اتان گودڙي ڏيکي فيضياب ٿياسون. پوءِ هلندي پنڌ شيراز ۾ اچي نڪتاسون. هتي شيخ برهان‌الدين شيرازيءَ جي مزار آهي جنهن جا ست سؤ مريد هئا، سيني کي واصل بالله ڪري ڇڏيو هيائين. انهيءَ جي زيارت ڪري اکيون ٺاريونسين.

هن جي باري ۾ روايت آهي ته شيخ صدرالدين تبريزي پنهنجي بادشاهي ڇڏي سندس بيعت ڪئي هئي. هن پنهنجي سموري دولت آڻي شيخ برهان‌الدين جي قدمن ۾ رکي هئي، ليڪن شيخ برهان‌الدين اها قبول ڪانه ڪئي ۽ ڪيس حڪم ڏنائين ته اها سموري دولت وڃي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪر! تنهن تي شيخ صدرالدين تبريزي سڀ ڪجهه خدا جي راهه ۾ خرچ ڪري، پاڻ گودڙي ڏيکي پنهنجي مرشد جي حضور ۾ ويهي رهيو. هڪ ڏينهن شيخ برهان‌الدين کيس چيو ته اي صدرالدين! تو مان آها بادشاهيءَ جي بوءِ ڪانه وئي آهي. سو

www.maktabah.org

وڃي چار سال پٽر گڏ ڪر ۽ پاڻي پر ته فقراء وضو ۽ غسل ڪن. ائين ڪرڻ سان ئي تو سان بادشاهيءَ جي بوءِ هلي ويندي، تڏهن تنهنجي دل آئيني جئان صاف ٿي پوندي.

شيخ صدرالدين پنهنجي مرشد شيخ برهان الدين جي چوڻ موجب ائين ڪيو، ۽ نهايت عقيدتمنديءَ سان خدمتون ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن سندس مرشد سڳوري پاڻ ڏٺو ته، شيخ صدرالدين پٽرن جي پٺارڪ (پري) سان گڏ پاڻيءَ جو مٽ فقراء جي وضو ۽ غسل لاءِ ڪنيو ٽڪي آيو. مرشد کي هن تي رحم اچي ويو، جوش مان جيئن مٿس توجهه ڪيائين تيئن هن جي دل جا پردا لهي ويا ۽ هو خدا سان ملي هڪ ٿي ويو.

پوءِ اسان پنڌ کي هڪليندا اچي مدائن(1) جي شهر ۾ لٿاسين، جتي ڪڏهن نوشيروان عادل جي بادشاهي هوندي هئي. هن هڪ دفعي پنهنجي حياتيءَ ۾ نجومين کان پڇا ڪئي ته نبي آخر زمان حضرت محمد (صلعم) ڪڏهن پيدا ٿيندو؟ نجومين کيس ٻڌايو ته جڏهن تنهنجي ڪسريٰ جي طاق ۾ ڏار پوندا تڏهن حضرت سيد عالم جو ظهور ٿيندو. انهي نوشيروان جي ايڏي هاءِ ۽ هيبت هوندي هئي جو جڏهن به ڪتي شيل شڪار لاءِ ويندو هو ته اتي رنگ لڳي ويندا هٿا ۽ دنيا دنگ رهجي ويندي هئي. پارهن ڪوهن تائين رڳو شاهي نٽ هوندا هٿا. روايت آهي ته حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله عنه هڪ دفعي گهوڙن جي واپار سانگي مدائن شهر ۾ ويو جتي نوشيروان جي بادشاهت هئي، اوچتو نوشيروان بادشاهه جو پٽ حضرت عمر وٽ آيو ۽ گهوڙن جي سودي تان فساد ۾ منهن وڌائين ۽ گوڙ هاندي تاوَ ۾ اچي، حضرت عمر کي چمات وهائي ڪيائين. جنهن تي حضرت عمر سڏو

(1) مدائن لاءِ ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

نوشيروان بادشاهہ(1) وٽ ويو. اتي جڏهن سڄي حقيقت بيان ڪيائين تہ نوشيروان پنهنجي پٽ اڳيان حضرت عمر کي چيو: منهنجي پٽ جيئن توکي چمات هٿي ڪڍي آهي تيئن بدلي ۾ تون بہ ان کي چمات وهائي ڪڍ! حضرت عمر جيئن نوشيروان جـي پٽ کي چمات هنئي تہ هن جون ٻئي اکيون ڏوڏڻ مان نڪري وڃي پٽ تي ٻيون ۽ اتيئي سندس ساهہ بدن مان نڪري ويو.

حضرت عمر پوءِ پنهنجي رب کان دعا گهري، جيڪڏهن بہ بادشاهي ملي تہ(2) آئون بہ اهڙو عدل ڪندس جهڙو نوشيروان بادشاهہ ڪري ڏيکاريو. حضرت عمر کي نيٺ خلافت جي بادشاهي ملي ۽ اهڙي عدالت ڪري ڏيکاريائين جو اڄ تائين ان جي هاڪ آهي.

پوءِ اسان سفر ڪندي اڇي نورستان(3) ٻهتاسين، هي ملڪ ڏاڍو وڏو آهي. چون ٿا هتان جي بادشاهہ چالهارو هنڌن تي ننگر ڪولائي ڇڏيا هئا، جتان روزانو غريبن، محتاجن ۽ مسافرن کي ٽئي وقت ماني ملندي هئي. هتي بہ ڪيترائي درويش ۽ ولي هئا جن وٽان اسان فيض حاصل ڪيو.

اتان هلي وري همدان آياسين جتي عين القضات همدان جي قاضي(4) جي آرام گاهہ آهي. هن جي شاگردن مان سون جي تعداد ۾ ولي ۽ مفتي ٿي گذريا آهن. هر روز ستر شاگردن کي سبق پڙهائيندو هو. ڪيترا علم ڪيس ڪشف ذريعي عطا ٿيل هئا. سندس ولايت انهيءَ حد تائين هئي جو هن جي شاگردن مان هڪ عالم فوت ٿي ويو، جنهن پٽيان هڪڙو ڪتاب ڇڏيو هو.

---

(1) وفات نوشيروان 579ع. شهادت حضرت عمر 645ع وڌيڪ ڏسو تعليقات.

(2) اسلام ۾ ڏڻ بادشاهت جو تصور ڪٿي ڪونہ هو.

(3) نورستان بابت ڏسو تعليقات.

(4) ابو المعالي عبدالله بن بڪر الميانجي ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

ان کتاب جو ظاهريءَ طرح هڪ مسئلو حل نہ ٿيو، هن اتي نشان ڪري ڇڏيو ۽ ڪتاب ڪنڌ پاسي هٿيڪو ڪري رکيائين. هڪ ڏهاڙي اهو ڪتاب قاضي صاحب جي مطالعي هيٺ آيو جڏهن انهي حل نہ ٿيل مسئلي تي نظر پيس تہ ڪتاب کڻي ۾ ڪري سڌو فوت ٿيل شاگرد جي قبر تي ويو. ساڻس گڏ ٻيا مريد توڙي شاگرد بہ ڇڪي تعداد ۾ هئا.

قاضي قبر جي متيءَ مان مٽ پري ان کان پڇا ڪئي: اي بخشيل روح، تون حياتيءَ ۾ جيڪو مسئلو حل ڪري نہ سگهئين. سو هاڻ مون کا پڇ تہ پڌايانءِ!

اهو پڌي مئل شخص (شاگرد) قبر مان ڏکري آيو. قاضيءَ کانئس سوال ڪيو: تون ڪيترا ڏينهن انهي مسئلي کڻڻ جي جاکوڙ ۾ رهين؟ هن جواب ڏنو: مون کي مٿي يارهن سال ٿي چڪا آهن. حياتيءَ ۾ اها آرزو هيم تہ اهو مسئلو ضرور ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن هٽي ماري حل ڪري وٺندس. ايتري ۾ موت اچي ويو ۽ اهو مسئلو جيئن جو تيئن اتيئي وڃي رهيو. قاضي صاحب پوءِ اهو ڏکيو مسئلو اتيئي بيٺي پير حل ڪري هن شخص کي دل جي تسلي ڏياري پوءِ واپس جاءِ تي آيو(1). هن سان گڏ جيڪي بہ شاگرد ۽ مريد هئا تن کي ڏاڍي اچرج لڳي تہ ڪينءَ مردو قبر مان نڪتو ۽ پنهنجو مسئلو حل ڪرائي ورتائين.

اسان ايستائين اچي وري ڪوهِ سينا ڏانهن وڃاسين. هتي برهان‌الدين بياباني جو روضو آهي. هن بزرگ بابت مشهور آهي تہ پاڻ پورا چاليهہ ورهيہ ننڊ ڪانہ ڪئي هئائين، سڄي عمر رياض ۽ مجاهدي ۾ رهي خدا پاڪ کي ياد ڪندو رهيو جيڪو گهرجائو (حاجتمند) سندس اکين اڳيان‌ٿي آيو تنهن‌جي مراد پوري ٿي ڪيائين.

---

(1) قبرن تان فيض جي ڏي وٺ بابت ڏسو تعليقات مقصود العارفين

www.maktabah.org

اتان آسهي ڪرمان ۾ آياسين جيڪو مشهور شهر آهي. هتي شاهه شجاع ڪرماني (1) جو روضو هو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ، چاليهه سال ڪونہ ستو هو. جڏهن نند جي گيرت ٿي آيس تہ لوڻ اکين ۾ پئي برکيائين. سدائين ڪتاب لکي پيٽ گذر ٿي ڪيائين، پنهنجي سڄي مڊي موڙي خدا جي وات ۾ ڪپائي چڪو هو. هن جي عدل انصاف جي ايڏي هاڪ هئي جو در تي زنجير لڙڪيل هيس جنهن بہ سوالي ۽ اچي زنجير کي پئي ڇڪيو، کيس خبر پئجي ٿي وئي ۽ اوڏي ۽ مهل ان جو شرعي فيصلو ٿي ڪيائين.

هڪ ڏينهن هڪڙو ڪانگ اچي ان زنجير تي ويٺو: شاهه شجاع ڪرماني کي پتو پيو تہ اڄ ڪانگ فريادي ٿي آيو آهي. پوءِ پاڻ گهوڙي سوارن کي تيار ڪري بيهاريائين. ڪانگ جيئن اڏاڻو تہ اهي گهوڙي سوار ان جي پويان ڊوڙيا، ڪانگ اڏامندو وڃي پنهنجي آکيري تي رسيو، جتي هڪڙو ڪارو نانگ ان ڪانگ جي ٻچن کي کائڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. گهوڙي سوارن هڪدم ڏڪ هڻي نانگ کي ماري ڇڏيو، پوءِ جڏهن شاهه شجاع کي اچي ٻڌايائون تہ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جا شڪرانا بجا آندائين.

پي ڏينهن هڪ غريب شخص وٽس آيو جنهن اچي زنجير کڙڪايو. شاهه شجاع هن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪانئس پڇيو تہ هو چوڻ لڳو: بادشاهه سلامت اوهان جو پٽ رات جو مون مسڪين جي گهر ۾ گهڙي منهنجي زال کي پاڻ سان گڏ ٿو سمهاري. اوهان ان جو ڪو انصاف ڪريو!

شاهه شجاع ان غريب کي چيو: تون هاڻ هتان وڃ، منهنجو پٽ تنهنجي گهر ۾ گهڙي تنهنجي زال کي پاڻ سان سمهاري تہ سيگهه ۾ اچي مونکي جاڻ ڪجانءِ، اوڏي ۽ مهل تنهنجو تدارڪ ڪيو ويندو.

---

(1) ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

هو شخص واپس گهر وڃي اوسيڙو ڪرڻ لڳو، آخر ٽين ڏينهن شاهه شجاع جو پٽ هن جي گهر ۾ آيو ۽ ايندي شرط سندس زال کي وٺائس اٽاري پاڻ سان سمهاريائين!

هن هڪدم وڃي شاهه شجاع کي ٻڌايو ۽ هو ان سان گڏجي سندس گهر آيو جتي خود شاهه شجاع جو پٽ غريب شخص جي زال سان ستل هو. شاهه شجاع اهو نظارو ڏسندي جوش ۾ آيو ۽ ترار ڪڍي پنهنجي پٽ کي اتي جو اتي پورو ڪيائين. انت شڪرانا بجا آڻي شاهه شجاع چوڻ لڳو: اڄ ٽيون ڏينهن آهي جو ماني ڪانه ڪاڌي اٿم، انهيءَ خيال کان ته متان وقت سر غريب جو غور نه ڪري سگهان ۽ جڏهن ان جو غور ڪري چڪس ته هاڻ ماني حلال اٿم، پوءِ خادمن کي چيائين سگهو ماني گهيو آڻي ڏيو ته روزو کوليان.

شاهه شجاع ڪرماني ايڏي ته سخاوت ڪندو هو جو ان جو ڪو انت ئي ڪونه هو. خيرات لاءِ به سندس ننگر رات ڏينهن ٽي هلندو رهيو ۽ پڙها (هوڪا) ڏئي ٽي ماڻهن کي ماني کارايائين. اسان ان سان گڏ ٻين هنڌن تان به ٻيرو ڪندا اچي گنگ ولايت پهتاسين، جتي وچ درياهه تي هڪ وڏي جاءِ جوڙيل هئي. انهيءَ جاءِ ۾ حضرت سليمان جي مهر اهڙي ٽموني تخت تي رکيل آهي جو ڇهن ڇوڙ ته پاڻ جيئرو جاڳندو ستو ڏسو آهي (1) هتي ديو پريون ۽ ٻيا جاندار مجاور آهن جيڪي ان تخت کان پري نٿا وڃن.

انهيءَ زيارت کان پوءِ اسان بلخ جي ولايت وياسين، هتي ڪنهن زماني ۾ ابراهم ادهم (2) جي بادشاهي هئي، جيڪو بادشاهي عيش عشرت ڇڏي فقيري اختيار ڪري چڪو هو. پاڻ عالم فاني کي ڇڏي عالم باقي سان دل ڳنڍي خدا

---

(1) مهر سليماني بابت ڏسو تعليقات.
(2) ابراهيم ادهم ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

جي عبادت پئي ڪيائين تہ ڪنهن لڳان ڪو فقير اچي اتان لنگهيو ۽ محل ۾ داخل ٿي ڏوڙون پائڻ لڳو.

ابراهيم ادهم ان کان پڇيو: تون ڪير آهين ۽ هن اويري مهل هتي (محل ۾) ڇا پيو ڪرين؟ فقير وراڻيو: آڏون هتي پنهنجو گم ٿيل اٺ گولڻ آيو آهيان.

هن کي چيائين: ڏاڍو بيوقوف آهين، شاهي محل ۾ پلا اٺ ڪٿان آيو جو تون ان کي گولڻ لاء هاڃا پيو هڻين؟ نہ ڄاڻ تہ اهو فقير ڪو خدا جو موڪليل هو. ابراهيم ادهم کي تو چوي: آڏون جيڪڏهن بيوقوف آهيان تہ تون به پڪ بي عقل آهين جو خدا کي پنهنجي محل ۾ پيو گولين! ڇا خدا هڪيو تڪيو هتيئي ويٺو آهي؟ جيڪڏهن برابر تو کي خدا جي گولا ڪرڻي آهي تہ هي نٽ ڏانگر چڏي وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ خدا جـــي گولا ڪر! ائين چئي هو غائب ٿي ويو.

سلطان ابراهيم ادهم ٻوڌ جلدئي محل ماڙيون چڏي دنيا کي ترڪ ڪري خدا جي عشق ۾ ڀر مٽهن ڪري ويندو رهيو، هن جي پٽن ۽ مٽن مائٽن سمجهيو تہ هي چريو ٿي ويو آهي. سو مڙئي حيلا وسيلا هلائي ڪيس واپس آڻڻ جي ڪيائون پر هن جو ڪٽي پٽو ئي ڪونہ ڏيو.

آخر هڪ ڏينهن ابراهيم ادهم جي پٽ ڪنهن هنڌ گهوليندي وڃي ڏٺو تہ سلطان ابراهيم ادهم شهر جي گهٽين مان ميڙيل سيڙيل اگهڙيون درياهم ۾ ڏوئي انهن کي ڪنڊيءَ تي ويهي سڪي رهيو آهي جنهن مان گودڙي تيار ڪرڻي هيس.

پٽهنس ويجهو وڃي ڪيس چيو: بابا سائين! اوهان بادشاهي چڏي پاڻ کي ڇو اجايو هن خفي ۾ اچي وڌو آهي؟ آڏو ۽ مون سان واپس هلي تخت تي ويهي بلخ جي حڪراني ڪريو. ابراهيم ادهم جنهن سڪي سان گودڙيءَ جـو سيبو ٻئي ڪيو، سا درياهم ۾ اڇلائي پٽ کي چوڻ لڳو: مون اجهو جيڪا سڪي درياهم ۾ اڇلائي آهي. پلائي ڪري اها تہ گولي ڏيکارينم!

www.maktabah.org

اهڙي سگهه، پلا ڪنهن کي هئي جو پاڻ کي درياهه جي موتمار چولين جي حوالي ڪري اتان سڻي جهڙي سنهڙي شيءَ هٿ ڪري اچي. سو پٿهنس بيزاريءَ مان ورندي ڏني: اوهان جي مرضي آهي تہ اسان درياهه ۾ گهڙي پنهنجو سر گم ڪريون؟ پلا ائين ب ڪا سڻي جهڙي شيءَ هٿ آئي آهي!

سلطان ابراهيم ادهم پٽ جي اها گالهه ٻڌي، مڇين کي حڪم ڪيو تہ اسان جي سڻي درياهه مان ڪوليو اسان کي پهچايو. اهو آواز ٻڌندي مڇيون الڪ الڳ درياهه ۾ ٽپيون ڏئي ڪيٿي سٿيون وات ۾ ڪڍي باهر آيون جيڪي سڀ سونيون هيون. پر سلطان ابراهيم انڪار ڪندي کين چوڻ لڳو: آئون اهي سونيون سيون ڪيڏانهن ڪندس، مونکي پنهنجي لوهي سڻي ڪپي، اها ڪوليو آڻي ڏيو. مڇيون وري پاڻيءَ ۾ ويون ۽ جو هڪڙي مڇي اها ساڳي سڻي ڪڍي سلطان ابراهيم وٽ حاضر ٿي.

ابراهيم ادهم، پوءِ پنهنجي پٽ ڏانهن ڪنڌ وراڻي ڪيس چيو: مونکي دنيا جي بادشاهيءَ جي ڪا ب گهرج يا پرواهه ڪانهي، خدا هونءَ ب وقت سر مونکي رزق رسائي ٿو. آئون هر ٽين ڏينهن روزو کوليندو آهيان جنهن لاءِ قوت ملندو رهيم ٿو، اوڇٽ لاءِ ب اڳڙيون ميڙي پنهنجي هٿ سان سڀي ڪم ڪيان پيو. بندي کي جيڪڏهن پنهنجو رب ائين نوازي تہ باقي ڪيس چا گهرجي. آئون دنيادارياءَ ۾ اچي هروپرو پاڻ قاسائڻ نٿو چاهيان، مونکي آخر ڪهڙي گتي پئي آهي جو پاڻ کي دنيا جي حرص هوس ۾ هٽي ڇڏيان. ضرورت رڳو ان گالهه جي آهي تہ رات ڏينهن پاڻ کي پنهنجي پالڻهار سان رڌل رکيو وڃي.

پٿهنس وري چوڻ لڳو: خدا جي يادگيري پلا پنهنجي گهر ۾ نٿي ڪري سگهجي چا؟ جيڪڏهن ها تہ پوءِ چاهي لاهينءَ جوگي بڻجي پنهنجو پاڻ کي جهنگل ۽ بيابان ۾ رلائجي؟

www.maktabah.org

ان تي سلطان ابراهيم جواب ڏنو:

شعر (نثر ۾ ترجمو)

آئون يار جي فراق ۾ جوگي ٿيڻ چاهيان،
ها انهيءَ دلدار لاءِ جوگي ٿيو آهيان!
منهنجو سائين جوگين جو ڳولائو رهي ٿو ان کري،
آئون به ان کي ڏسي جوگي ٿي پيو آهيان!
مون عشق جي چشمي مان وضو کري،
چار تکبيرون هٽي کديون آهن!
ماڻهون جيڪڏهن دولت سان ماڻهون ٿئي ها،
تہ احمد صلعم ۽ ابو جهل ۾ کو تفاوت نہ هجي ها!
آئون فقيري جي ويس ۾ بادشاهي پيو کريان،
منهنجي پرن جو پيالو مون لاءِ جام جمشيد آهي!
عشق جو سهڻي صورت سان ڪهڙو ڪم،
آندي جي لاءِ کا به چٽسالي ڪم جي ناهي!
فقير لاءِ قناعت جي ڪنڊ ڪافي آهي،
هو ظاهر ۾ فقير پر باطن ۾ بادشاهه آهي!
وحدت کان واقف دل ڇو ڪٿي ٽڪي،
هڪڙو سبق ملیو تہ وڏيڪ اکر ڇو ڏهرا وڃن!
(1) سياڻي کان دنيا بابت پڇيم تہ چيائين،
اها، هوا، خواب يا وري کو افسانو آهي!

---

(1) وچ ۾ هڪ عام بيت اچي ٿو جيڪو موضوع جي لحاظ کان بي معني ٿيو لڳي:

بلبل به چمن رقص کند ناز بر گلي،
آخر زچند روز نه شاخي نه بر بلي.!
بلبل باغ اندر نچندي گلن تي ناٽ ٿئي کري
ٽورن ڏينهن کان پوءِ ٿئي کين هوندا.

مرتب.

www.maktabah.org

وري کـانئس پڇيم جيکو سـاڻس دل لڳائي؟
وراڻيائين سو جن پـوت شيطان يا ديوانو آهي!
پڇاڙيءَ ڇيائين: اي پٽ، بلخ جي بادشاهي جيڪا تون پيو چوين سا مون کان وسري چڪي آهي. اهو بي بقا خواب ۽ خيال هو هن فاني عالم ۾، باقي حقيقت هيءَ آهي تہ اسان اڄ برابر اتي پيا ڏسجون پر سپاڻي هوندا سين ٿي ڪين! هتي هر ڪنهن سان هڪڙي پسامہ ڪٿ جو رونشو پيو ٿئي.

سلطان ابراهيم اهي ڳالهيون بيان ڪندي پٽ کي هڪل ڪري چيو: هاڻ هتان هليو وڃ! پٿهنس جيکو انهيءَ ڪوشش ۾ هو تہ ڪنهءَ ب ڪري پيءُ کي هتان وڃي ويندس تنهن دل ۾ سوچيو: جيڪڏهن ائين نڏو هلي تہ لاچار زبردستي ڪرڻي پوندي. نيٺ ڪيس گهر وڃي وڇڙو پوندو ائين پيو پانڌجي ڇڻ چريو ٿي پيو آهي. جيڪڏهن واقعي خدا سان واصل ٿي چڪو آهي تہ ب ڪيس ڪونہ ڇڏيو ويندو ڇو تہ پويان سيڻي گهر ڀاتي هن جي ڏسڻ لاءِ پيا سڪن، ڪي ڏينهن ڪيس گهر ۾ ويهاري عالم ۽ عامل گهرائي ٽوٽا ڦيٽا ڪرايا ويندا يا حڪيمن کان ڪا ستي ڦڪي ڪيس ڏياري ويندي تہ مڙئي ڪم سو ڪو ٿي پوندو، پوءِ پڇاڙي ب پيو نہ تہ ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙي گهر ويهاريو ويندو. اجا ب ٺيڪ نہ ٿيو تہ ڪي ٻيا وس ڪيا ويندا. هيڏانهن پٽ انهيءَ پٽ ڪوهہ ۾ هو تہ هوڏانهن سندس پيءُ سلطان ابراهيم ادهم ڪشف جي زور تي اهو سڀ ڪجهہ معلوم ڪندو ٿي رهيو تہ پٽہ ڇا پيو سوچي.

اوچتي وڃي هڪل ڪيائين، جنهن کان سندس پٽ ۽ ساڻس گڏجي آيل ماڻهون بيهوش ٿي ويا، ابراهيم پاڻ درياهہ ۾ ٽپو ڏنو، ٿوري دير گوپاٽا ڪائي اڏ پهر تائين پاڻيءَ ۾ پيو رهيو، پوءِ متو باهر ڪڍي هڪ وڏي مڇيءَ تي سوار ٿي پاڻيءَ

www.maktabah.org

جي متاڇري تي ترڻ لڳو ۽ پٽ جي هرسوال جو جواب ڀڻي ڏنائين. انت ڪيس چيائين تہ اها بلخ جي بادشاهي توکي نيمهہ هجي، هروڀرو اسان مسڪينن کي ڇو ڀيو ستائين؟ وڃي پنهنجي جاءِ وساءِ!

ڀوءِ پاڻ مڇيءَ جي ڀڻيءَ کان لهي پاڻيءَ تي نماز پڙهي وري متاڇري تي ترڻ ۽ درياهہ جي تري ۾ ٿهيون هڻڻ لڳو. شام ٿي تہ پٽهنس اونداهيءَ جي ڊپ کان پنهنجا ماڻهون وڃي پاسو ڏئي ويهي رهيو، جتي سڀ خدا جو ذڪر ڪندا رهيا. سڄو درياهہ ساري رات روشن هو. اهو لقاءُ بہ سڀڪو ڏسندو ڀڻي رهيو.

سج اڀريو تہ طعام جو هڪ وڏو طبق جنهن ۾ ننديا وڏا ڪئي طبق قسمين قسمين بهشتي طعامن سان ڀريل موجود هئا. ابراهيمر ادهم هڪ وڏي مڇيءَ تي رکائي پنهنجي پٽ ۽ سندس لشڪر ڏانهن ڏياري موڪليا. هو سڀ جيڪي جانورن کان اڳ ۾ ٿي ڊنا ڀڻي هيڏي ساري مڇيءَ کان بہ ڊپ ۾ اڇي وڃن ها تنهن ڪري ابراهيمر ادهم وڏي واڪي ڪين چيو: دنيا جا طالبو! هي لذيذ جنتي طعام ڪاڏو تہ گناهن کان پاڪ صاف ٿي وڃو! اوهان ڪوبہ وسوسو نہ ڪريو. اسان تي ڪالهہ سانجهي ۽ سهماڻي جي مهماني حقي هئي پر اوهان جي خام خياليءَ جي ڪري در گذر ڪئي وئي. هاڻ هي طعام ڪائي روانا ٿي وڃو! هو ڪاڏو ڪائي سلام ڪري هليا ويا. جيستائين لشڪر جي نظر ابراهيمر ادهم تي ٿي ڀڻي اهو نظارو ڀڻي ڪيائين تہ هو پاڻيءَ تي گهڙي ٿهيو ٿي تہ گهڙي ترندو ٿي رهيو.

جڏهن سڀ واپس شهر ۾ آيا تہ جتان ڪٿان جي خلق وٽن مڙي آئي ۽ پڇا ڪرڻ لڳي تہ ابراهيم ادهم کي ڇا ٿي ويو ۽ هو ڪٿي آهي؟ هنن پڌرو هو تہ ابراهيمر ادهم کي زنجيرن ۾ جڪڙي درياهہ جي حوالي ڪيو ويو آهي ان ڪري ايترا

www.maktabah.org

پريشان هئا. جڏن ٻڌائون تہ ابراهيم ادهم درياهہ ۾ ٻڏي تري پيو تہ سيئي روئڻ ۾ ٻڏجي ويا. انهيءَ خيال سان تہ جيڪو شخص ائين درياهہ ۾ پيو ٻڏي تري سو اڄ نہ سيائي ضرور فوت ٿي ويندو. کڻي خبر، هيلتائين شايد مري ٻہ چڪو هجي، اهو چئي سڀ ختمي فاتح جي تياري ۾ لڳي ويا.

ابراهيم ادهم جي پٽ ۽ سندس لشکر انهن کي ٻڌايو: اسان ۾ وارن ماڻهن وڏان ٻڌو، جن چيو تہ هي فقير (ابراهيم ادهم) کيترن ورهين کان انهيءَ کار کي لڳو پيو آهي ۽ پنهنجي خدا کي ياد پيو ڪري. انهي شغل ۾ ڪڏهن درياهہ جي هن ۾ تہ ڪڏهن هن ۾ پيو ڦيرا ڏي. هي پنهنجي اوقات ۾ ڏي ٿو رهي ۽ ماڻهوءَ جي بوءَ کان پيو ڇڄي ۽ ان ڪي ڦٽڪارون پيو وسائي. چڱو ائين آهي تہ پيو کي ڪرڻ بدران کي جاسوس موڪلي اها جاچ ڪرائي تہ هي آخر ڇا پيو ڪري. اهي جاسوس انهن ماڻهن مان هجن جن جو هن سان پراڏو لاڳاپو رهيو هجي ۽ هنن جي سياڻپ ۾ ڀروسي جوڳي هجڻ گهرجي. جڏهن اهي جاسوس اڃان پوري جاچ ڪري اچي پيرائتي ڳالهہ ٻڌائن تڏهن ڏي ڪجهہ ڪرڻ مناسب ڏيندو، پوءِ اهي ختما ۽ فاتح خوانيون ۾ پري نہ آهن.

هنن اهڙا کي ماڻهو هٽ ڪري (ابراهيم ادهم جي پٽ جي هدايت موجب) روانا ڪيا جيڪي اها جاسوسي ڪرڻ لاءِ ابراهيم ادهم ڏانهن روانا ٿي ويا. اتي پهچي اول آسپاس جي رهاڪن کان پڇا ڪيائون، جن ٻڌايو تہ ابراهيم ادهم پاڻ کي زنجيرن ۾ جڪڙي درياهہ ۾ ائين پيو ڦيرا پائي ڇڏ ڇوڙ تہ پاڻي ۽ خشڪي هن لاءِ ٻئي برابر آهن. جاسوسن جڏهن آزمودي خاطر لکي وڃي اها جاچ ڪئي، ڏٺائون تہ واقعي ابراهيم ادهم گهڙي هن ڪنڌيءَ تہ گهڙي هن ڪنڌيءَ درياهہ ۾ ڦيرا ڏئي، پاڻيءَ جي لوڏن لهرين اندر پنهنجي خدا کي ياد پيو ڪري. هنن ائين سمجهيو تہ اسان اهو سڀ ڪجهہ لکي

www.maktabah.org

پيا ڪريون ۽ ابراهيم ادهم کي ان جي ڪابه جاڻ نه پئجي سگهندي: پر ابراهيم ادهم بلڪل سڃاڻي ويو. هن هڪل ڪري جاسوسن مان هڪ جو نالو وڏي واڪا ڪيا ته اي فلاڻا: ڪي فلاڻا! چا لاءِ لڪي آزمودا پيا وڻو. آڏون ساڻيو ابراهيم ادهم آهيان جيڪو اڳ بلخ جي ولايت جو بادشاهه هو، ۽ اوهان فلاڻا، فلاڻا منهنجا پراڻا مصاحب ۽ لاڳاپيدار آهيو. اوهان اهو خام خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو ته هن کان پوءِ آڏون هلي بلخ شهر جا محل ماڙيون وسائي وهندس جيئن اڳي ڪيم ٿي يا ٻين مشائخن وانگي دنياداري جي ڪمن ۾ لڳي ويندس. منهنجي حرص هوس جا دفتر مؤڪلن اهڙيءَ طرح ڌوئي صاف ڪري ڇڏيا آهن جو انهن جي آثار تي عالم فنا کان عالم بقا جا سير ڪندو ٿو رهان. مون کي اهڙو ئي شخص سڃاڻي سگهندو جيڪو ايتري قدر سڃاڻ هوندو. جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ڏسڻ جو شوق آهي ته پري کان ويهي منهنجو منهن ڏسي هليا وڃو! اهو چئي ابراهيم ادهم هڪ وڏي مڇيءَ کي سڏ ڪري حڪم ڏنو. جيڪا پاڻيءَ کان ٻاهر اچي ٻيڙي وانگي درياهه جي ڪنڌيءَ سان اچي بيهي رهي. ابراهيم ادهم سينو ڪي چيو: هن مڇيءَ جي پٺيءَ تي چڙهي مون وٽ آڇو جيڪا جهاز جثان آهي. اٽين ويجها ٿي مون کي ڏسي سگهو ٿا. جاسوسن کي اچي ڊپ ورايو ته متان اها مڇي درياهه ۾ ٽٻي هڻي ماڳهين اسان جو متو گار نه ڪري ڇڏي. ابراهيم ادهم کين دلجاءِ ڏني ته اوهان کي گوبه جو ڪو نه رسندو. پوءِ مصلو پاڻيءَ تي وڇائي نماز پڙهڻ لڳو. ڏڍن سيئي دل جهلي مڇيءَ جي پٺي تي وڏس آيا. ابراهيم ادهم سندن مهمانيءَ ۾ ڪيئي ميوا ۽ ڪاڏا گهرايا جڏهن سڀ ڪائي پي ويا ته ڪا گهڙي ساڻن ڪچهري ڪري کين واپس آماڻڻ جي ڪيائين. ويندي وقت انهن کي چوڻ لڳو: آڏون ساڻيو ابراهيم ادهم آهيان مون کي چريو يا پاگل نه سمجهيو وڃي ڇو ته

www.maktabah.org

پنهنجي مرضيءَ سان ڏي بلخ شهر ۾ ويو سڀ ڪجهه ترڪ ڪيو هيم. اوهان کي اجازت آهي ڀلي بلخ شهر ڏانهن روانا ٿيو، مان به ڪيترن ورهين کان پوءِ انهي بلخ جي شهر ۾ واپس اچي هڪڙي جاءِ تي پنهنجي جان خدا جي حوالي ڪندس ۽ اتيئي هميشه لاءِ آرامي ٿيندس.

جاسوسن (مصاحبن) ابراهيم ادهم جون ڳالهيون ٻڌي واپس وڃي بلخ جي شهر ۾ سڀني اڳيان بيان ڪيون. انهن ۾ هن جو پٽ ۽ ٻيا عزيز به شامل هئا جن سڀڪجهه ٻڌي دل سان هنڌايو. ڪن سالن کان پوءِ ابراهيم ادهم جڏهن اچي پوڙهو ۽ ضعيف ٿيو، سندس حالت اڳي کان گهٽي بدلجي وئي ۽ باقي وڃي هڏن تي ماس رهيو تہ پنجاهه ورهيه اڳ جنهن بلخ جي شهر کي چڏي آيو هو تنهن ڏانهن وڃڻ جي نيت ڪيائين.

هو گودڙي ڏکي گدا جي جهول ڪڍي ڪمر ٻڌو چيلهه سان ٻڌي بلخ جي شهر ۾ آيو. سارو شهر گهمي ڦري گدا شفا ڪندو رهيو پر ڪيس ڪنهن به ڪونہ سڃاتو تہ هي ساڳيو ابراهيم ادهم آهي جيڪو ڪنهن زماني ۾ هن شهر (بلخ) جو بادشاهه هو. هن جا محل تہ پنهنجي جاءِ تي موجود هئا پر سندس اهل عيال به اڃا حيات هو، تہ پانهيون پانها به جيڪي پويان چڏي ويو هو اتيئي هئا.

پاڻ ساڳي (گداگري واري حال ۾) محل اندر ويو پر اتي به گدائي ڪندي هن کي ڪنهن نہ سڃاتو، ليڪن هڪ هنڌ هڪ خاص ڪنوار (پانهيءَ) هن کي سڃاڻي ورتو جيڪا کڏهن سڏائين ساڏس گڏ رهندي هئي. هن جو ابراهيم ادهم کي ڏٺو تہ جوءِ وجهي ڏانهنس نهارڻ لڳي. جنهن تي هڪ ٻيءَ پانهيءَ آن پانهيءَ کي ٽوڪ مان چوڻ لڳي: خيرتہ آهي، فقير ۾ ڪٿي اکيون وڌيون اٿيئي؟ هن ورندي ڏني: آڏون هن فقير کي ان ڪري چتائي پئي ڏسان جو هن جو نڪ اسان

www.maktabah.org

جي بادشاهه (ابراهيم ادهم بلخ جي بادشاهه) جي نڪ سان ملي ٿو. پوءِ ٻئي ڀانهيون اچي روڄ راڙي ۾ پيون.

ابراهيم ادهم کي جو معلوم ٿيو ته ڀانهين کيس ٺورو گهٽ سڃاڻي ورتو آهي، سڏو پنهنجي جاءِ ڏانهن وريو ۽ پٽر ڪٽي پنهنجو نڪ ڇڄي ڇڊ يائين جنهن ڪري سندس مهانڊو ٽي بدلجي ويو. انهيءَ ڏڪ جي اثر کان بيمار ٿي پيو. جڏهن ڏٺائين ته هاڻ موت ويجهو آهي، پاڙي ۾ رهندڙ هڪ فقير کي سڏي چيائين ته: منهنجو هي ڪاڪ وارو پيالو ڪٽي شهر ۾ وڪڻي مس قلم ۽ ڪاغذ وٺي آڻي ڏيم. فقير بازار وڃي، پيالو وڪڻي مس، قلم ۽ ڪاغذ وٺي آيو. ابراهيم ادهم ان مان هڪ ٽڪرو ڦاڙي پنهنجي پٽ ڏانهن خط لکيو ته ڏن ڏينهن پڇاڙا آچر ڏينهن ڪچڙي منجهند جو رمضان جي ارڙهين تاريخ تي هڪ فقير ضعيف، مسڪين ۽ بيمار، هڪ پرديسي جي حالت ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪندو. جيڪڏهن بلخ جو بادشاهه پنهنجي بادشاهي جو عار ڇڏي نفس کي نابود ڪري ان فقير جي لاش کي اچي غسل ڏيندو (اهو ڪم ڪيس اڪيلي سر ڪرڻو پوندو ان ۾ ڀي ڪنهن جي مدد شامل نه هوندي) ته ائين ڪرڻ سان قيامت تائين بلخ جي بادشاهي ان جي اولاد کي بخش ڪئي ويندي، اهڙيءَ ريت ان جو ڪفن دفن به پاڻ ڪندو ۽ ختما به پاڻ ڏيندو ته جنازو به پاڻ ئي پڙهائيندو ۽ قبر به پنهنجي هٿن سان جوڙيندو، ٽيجهي کان پوءِ وري گهوڙي تي چڙهي قبر جي سيراندي۽ وٽ ايندو ته اتسي کيس ڪاغذ جا ٻه پرزا ملندا، اهي ڪڍي گهر آڻيندو ۽ اڪيلائي ۾ کولي پڙهندو، انهن ۾ جيڪي لکيل هوندو ان تي عمل ڪندو!

ابراهيم ادهم اهو خط لکي پاڙيسري فقير کي ڏنو ۽ ان کي سمجهايائين ته بلخ جي بادشاهه جو جيڪو فلاڻو دربان آهي ان کي وڃي هي خط پهچائي اچ. اهو پوءِ هي خط پاڻهي بلخ جي بادشاهه وٽ رسائيندو. پاڙيسري فقير اهو خط ڪڍي وڃي دربان کي ڏئي آيو جنهن وڃي بلخ جي بادشاهه وٽ پهچايو.

www.maktabah.org

بادشاهه خط پڙهي درٻان کي چوڻ لڳو ته هن ۾ هڪ راز آهي، سياڻي سواري تيار ڪرائي وڃي. ٻي ڏينهن تياري پوري ٿي ته ٽين ڏينهن ٿي بادشاهه وڃي فقير (ابراهيم ادهم) جي ميت تي پهتو، پاڻي گرم ڪرائي خط ۾ لکيل هدايتن موجب ڪفن دفن جو بندوبست ڪري جنازي کي سينگاري سنواري هڪ پاسي کان پاڻ کلهو ڏنائين ته ٻئي طرف کان پٽن کي کلهي ڏيڻ لاءِ چيائين، لاش قبر ۾ لاهي واپس اچي ختمي ۽ فاتح کان فارغ ٿي گهر پهتو.

ٽيڇهي کان پوءِ وري جڏهن قبر تي آيو ته اتي ڪاغذ جا ٻه پُرزا ملیس جن کي کولي پڙهيائين ته لکيل هو: اي بلخ جا بادشاهه! تون سچ پچ منهنجو پٽ آهين. مونکي پٽ اها پڪ آهي ته آڻون تنهنجو پيءُ آهيان. آفرين آهي توکي ۽ خدا جون رحمتون توتي هجن جو تو مونکي غسل ڏئي ۽ ڪفن دفن جو انتظام ڪري اهي سڀئي حق پورا ڪيا جيڪي پيءُ جي پاران توتي واجب هئا. هاڻ تون سڀني گناهن کان آجو ٿي ڇڻ نئينءَ مان ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو آهين. تو جڏهن مونکي قبر ۾ لاٿو تنهن وقت ٿي تون بهشتي ٿي وئين. جڏهن مون ٿي مٽي وڌءِ تڏهن تنهنجي ايمان جي سلامتيءَ جو پروانو لکيو ويو ۽ جڏهن تو مون ٿي قرآن پڙهايو ته ڇڻ شاهي تبرڪ حاصل ڪري ورتئي آن گهڙي آسمان ٽوڙي لامڪان جي ستن ٿي طبقن ۾ پڙهو گهمي ويو ته هن بادشاهه پنهنجي پيءُ کي ختمو ڏياري پنهنجو حق اداڪري چڏيو. انهيءَ مهابي قيامت جي ڏينهن تون پنهنجي پيءُ سان گڏ الاهي ديدار جو شرف ماڻيندين ۽ اوليائن (ولين) وانگي ڇٽل روحن مان هوندين.

منهنجا پڇڙا! آڻون رڳو توکي فيض رسائڻ ۽ تنهنجي عاقبت سنوارڻ جي ارادي سان تنهنجي شهر بلخ ۾ اچي فوت ٿيو هوس نه ته منهنجو مَرَڪ اهوئي هو ته مان ٻي وطني جي حالت ۾ هي جهان ڇڏيان ها ۽ جڏهن توکي ڏٺم ته دلجاءَ

www.maktabah.org

ٿمر ۽ پچاڙي ائين ڪرڻو پيمر.

ٻي ڪاغذ ۾ وري لکيل هو تہ: اي پٽ! تو ڪان جيترو پڇي سگهي عدل انصاف ڪان ڪر ونجان ۽ سخاوت تي ثابت قدم رهجان، آئون بہ ڪڏهن تو وانگي بلخ جو بادشاهه هئس موں جيتري ڪمائي ڪئي اوتري توکي بہ ڪرڻي پوندي. وري چاليهي تي مونوت اچجانءِ! ابراهيم ادهم جو پٽ چاليهو گذاري وري قبر تي ويو. قبر مان آواز آيو تہ اي پٽ! پنهنجي لشڪر کي واپس ڪر ۽ پاڻ گهر واپس وڃ بدران هتي رهي پؤ!

رات جو ابراهيم ادهم جي پٽ ڏٺو تہ قبر مان هڪ خندق (کاهي) ظاهر ٿي آهي ان مان ڪيس سڏ ٿيو تہ هاڻ اندر هليو اچ. ابراهيم ادهم جو پٽ سڏ تي اندر ويو. ڇا ڏسي تہ هڪ جڙائو تخت هيرن جواهرن سان ۽ هڪ جڙائو تاج جنهن ۾ ڪيئي هيرا جواهر جڙيل آهن. جن جي چمڪتار سج چنڊ ۽ زمين کي جرڪائي رهي هئي، تنهن سان گڏ باغ باغيچا جن ۾ وڻ وڻ جا ميوا موجود هئا ۽ محل ماڙيون جن ۾ سج کي شرمائيندڙ نازڪ بدن حورون ريشمي ويس وڳن سان ڏاڍي ناز انداز ۾ هٿ ٻڌيو حاضر بيٺيون هيون. چوڌاري پاڪيزي پاڻيءَ جون نهريون جاري هيون جن جي ڪنارن تي رنگبرنگي گلن جون گلزاريون اهڙو عجيب منظر پيش ڪري رهيون هيون جو انهن جو بيان لکڻ کان ٻاهر آهي.

هر طرف ملائڪن جو نزول جيڪي آمدرفت ۾ هئا. خدا جون مڙئي نعمتون جيڪي جئي سگهجن اتي موجود ڏٺيون ٿي ويون. ابراهيم ادهم انهيءَ ئي عالم ۾ تخت تي ويٺل هو. ڪيس بهشتي حورون شراب طهورا جا پيالا پُر ڪري ٿي ڏنا جيڪي پاڻ نوش فرمائيندو ٿي ويو. هن جيڪي ٿي گهريو سو حورن پئي ڪيو. هي ائين ساڻن عيش عشرت ۾ مشغول هو. پٽهنس ڪيس انهي حال ۾ ڏسي ڏاڍي اچرج ۾ پئجي ويو.

ابراهيم ادهم پنهنجي پٽ ڏانهن نهاري ان کي چوڻ

www.maktabah.org

لڳو، پيارا پٽ! تون هتان هليو وڃ جو تنهنجي بدن مان دنيا جي ڏپ پئي اچي ان ڪري ملائڪن جو نزول ڏيکائي ٿو پئجي ويو آهي، حور ۽ غلمان نفرت ٿو آهن. توکي مون هتي ان ڪري گهرائي هي سڀ ڪجهه ڏيکاريو ته جيئن تون سمجهي سگهين ته جيڪڏهن آڏون دنيا کي ترڪ نه ڪريان ها، جسماني عيش ۽ نفساني لذتون بہ نه ڇڏيان ها ۽ سور سختيون قبول نه ڪريان ها ته هن درجي تائين ڪڏهن بہ کونہ پهچان ها. هي محل ماڙيون، باغ باغيچا، گل گلزاريون هيرا جواهر ۽ حور قصور هرگز مون کي نصيب نه ٿين ها.

هن وقت تنهنجو هتي ترسڻ نا مناسب آهي. جڏهن تون دنيا مان ڪا ڪمائي ڪري آئين ته پوءِ توکي بہ سڀ ڪجهه حاصل ٿي رهندو. وڃ وڃي ڪمائي کي لڳ. مون توکي خدا رسول جي حوالي ڪري ڇڏيو. ابراهيم ادهم جو پٽ اتان ڪري پنهنجي ماڳ تي آيو. پٽن مان جنهن کي بادشاهي جي لائق سمجهيائين تنهن کي تخت تي ويهاري پاڻ تن ڪپڙن ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي راتو واهم اها ولايت ڇڏي اچي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ جبل آر تي اچي، آستانو ڪيائين هڪ پيرو ان ڪان منهن موڙي وري اُن ڏانهن مائل نه ٿيو. نلائڻ مان گاهن جون پاڙون کڻي، ڪُٽي ڪري انهن مان لولو ٿڪي ٿاندڻ تي پچائي پيٽ پئي پريائين. گهٽو ڪري روزا ٿي رکيائين يا وري اهي پاڙون ڪتب آڻي پئي گذارو ڪيائين، باقي ڪنهن بيءَ شيءَ جي ويجهو نٿي ويو. چون ٿا ته سنڌس اصل نالو شاهم عالم هو. اڳتي هلي پنهنجو اهڙو حال ڪيائين جو سڃاڻپ کان ٻي ڪري ويو. دنيا ڇڏي وڃي جبل وسايائين ۽ ماڻهن کان پراهون ٿي خدا کي ياد ڪندو رهيو. اهڙي حال ۾ شاهم جميل گرناري وڏس آيو ۽ ڪيس تلقين ڪري حق سان مشغول ڪري ڇڏيائين (۱) سنڌس طبيعت اهڙي هئي جو ڪنهن سان بہ

(۱) ڏسو تعلقات ڪتاب جي پچاڑيءَ ۾.

www.maktabah.org

نتي ڳالهايائين جنهن ۾ ڪائنس نالو ٿي پڇيو ته پٽ تي هٿ پٽي هنيائين انهيءَ مان هر ڪنهن اهو اندازو ٿي لڳايو ته هي پٽ جو رهاڪو آهي تنهن ڪري ان ڏانهن اشارو پيو ڪري، ان ڪان سندس نالو پير پٽو (پٽ جو پير) پئجي ويو، نه ته هن جو نالو سلطان شاهه عالم بلخ جو بادشاهه هو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڏينهن ابراهيم ادهم، بصري جي بازار مان لنگهيو ته ماڻهو سندس چوڌاري مڙي آيا، ڪيس چيائون ته اي ابراهيم! خدا پاڻ قرآن ۾ فرمايو آهي ته اي ٻانهو! مون ڪان گهرو ته آئون اوهان جي دعا قبول ڪريان!! پر اسان ته ڪيتريون دعائون گهري چڪا آهيون اسان جي ته هڪڙي به قبول نٿي پوي ان جو سبب ڇا آهي؟

ابراهيم ادهم جواب ڏنو: سبب هي آهي ته اوهان جي دل ڏهن شين لاءِ مئل آهي، ان ڪري اوهان جون دعائون قبول نه ٿيون پون. اوهان خدا کي سڃاڻو ٿا مگر ان جي عهد کي نٿا نباهيو. قرآن ته پڙهو ٿا پر ان تي عمل نٿا ڪريو. رسول جي دوستيءَ جي دعوا ته ڪريو ٿا ليڪن سندس سنت ۽ امرن هي ڏانهن کو به ڏيان نٿا ڏيو. شيطان کي دشمن ته سمجهو ٿا پر ان جي پيروي کان باز نٿا اچو. بهشت جي طلب ڪريو ٿا مگر خدا جي ڪنهن حڪم جي پوڏواري نٿا ڪريو. دوزخ جو خوف ته رکو ٿا پر گناهن جي پچر نٿا ڇڏيو. اهو تسليم ڪريو ٿا ته مرڻ حق آهي ليڪن ان جي ڊپ کان خدا کي ياد ڪرڻ نٿا چاهيو ۽ ان جي اطاعت کان ڪيٻايو ٿا. ٻين جا عيب ته سر عام ظاهر ڪريو ٿا پر پنهنجين اوڻائين ڏي اوهان جي نظر نٿي پوي. حياتيءَ ۾ خدا اوهان کي جيڪي نعمتون عطا ڪري ٿو، اوهان کي صحت ۽ شفا بخشي ٿو تنهن جو به شڪر ادا نٿا ڪريو. رات ڏينهن رڳو حال ملڪيت، پوڪي راهي، وڃج واپار سان ڪم اٿو، باقي خدا اوهان کان صفا وسري ويو آهي.

www.maktabah.org

ابراهيم ادهم جو هڪ روضو بلخ ۾ ٻيو بيت المقدس ۾ آهي. جنهن جي اسان زيارت ڪئي، ٻنهي هنڌن تي هن ڪي ابراهيم ادهم ڪوڻين ٽاڻ. اصل ۾ هي (ابراهيم ادهم) بلخ مان ٽپي هٽي بيت المقدس ۾ آيو هو، هتي اچي ذڪر فڪر جو شغل جاري ڪيو هٽائين. اسان هن جا ٻئي روضا ٻيٽي هلياسين ۽ وهندا اچي هلور ولايت ۾ نڪتاسين. هتي شيخ دائود چشتي ۽ ٻين ولين جون مزارون آهن. شيخ دائود جي خانقاهه ۾ رات ڏينهن حضرت دائود جي دستور وانگي خوش الحاني ۽ ساز سرود جو شغل ٿيندو رهي ٿو ۽ جيڪو به اهو شغل ٻڌي ٿو سو ذڪر ۾ محو ٿي ٿو وڃي. اسان به اهڙي شغل جو شرف حاصل ڪيو.

پوءِ اسان غزني ۾ آياسين جتي سلطان محمود غزنوي جي قبر آهي جيڪو بني تميم عرف ٽهيم مان هو ۽ غزني جو بادشاهه ٿي گذريو آهي. هن کي چوڏهن پٽ هئا. سندس قبر جي ساڄي پاسي حسن ميمدي ولي، ٻارهن هزارن مريدن سان آرامي آهي. هن جي کاٻي پاسي وري خواجه شيخ تبريزي، چوڏهن هزارن مريدن سان ستل (دفن ٿيل) آهي.

اسان اهي هنڌ ٻنڌ ڏسي رندن جي ولايت ۾ رسياسين جتي شيخ فريدالدين عطار جو روضو(1) آهي. شيخ فريدالدين هن جاءِ تان ٿي ٻيرا حرمين شريفين مان ٿي آيو هو. چوٽين دفعي جڏهن حج ٿي روانو ٿيو ته خانقاهه جو هڪ ٻلو(2) سندس ٻويان لڳو. حج کان پوءِ جيئن فريدالدين عطار پنهنجي خانقاهه ٿي واپس آيو ته اهو ٻلو به ساڻس گڏ موٽي اچي ماڳ ٿي پهتو.

---

(1) ڏسو تعليقات.

(2) ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

شيخ فريد الدين عطار پنهنجي توجهہ سان ان ٻلي کي اهڙو شرف عطا ڪيو جو هن کي ڪشف جي ذات ملي وئي (1) جڏهن به خانقاهہ تي مسافر ايندا هئا تہ انهن جي پهچڻ کان اڳ ٻلو ميڪات ڪري پڌائيندو هو تہ اڄ هيترا مسافر ايندا. شيخ فريد الدين آن مطابق مانيءَ جي انتظام لاءِ چئي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن ٻلي پنهنجي عادت موجب پيچ آيو ڪري ڏهہ پيرا ميڪات ڪيا، ليڪن وقت اچڻ تي ڏهن بدران يارهن مسافر اچي نڪتا. شيخ فريدالدين جڏهن يارهن مسافر ڏٺا تہ حيرت ۾ پئجي سوچڻ لڳو: اڄ ٻلي کي الاجي ڇا ٿي ويو آهي. ايتري ۾ ٻلي ڇا ڪيو جو يارهين مسافر جي مٿان وڃي زور سان گرڙاٽ ڪرڻ لڳو. شيخ فريد الدين ۽ سندس مريدن چيو: انهيءَ شخص کي اگهاڙو ڪري (سندس تلاش) ورتي وڃي. ان تي جيئن ان شخص کي تلاشيءَ لاءِ اگهاڙو ڪيائون تہ سندن بدن تي زنار (جنيو) ٻڌل ڏٺائون. اهو ڏسي سڀني جون ڏندين آ گريون اچي ويون. شيخ فريد الدين ان جي سائين ڏانهن منهن ورائي ڏٺو تہ هنن پڌايو: هي شخص چالبهن ورهين کان اسان سان گڏيو پيو هليء هن پنهنجي مشائخي جي دعويٰ سان اسان سڀني کي مريد بڻايو هو ليڪن اسان کي هيلتائين ڪابہ پروڙ پئجي نہ سگهي هئي تہ هي شخص اصل ڪير آهي. شاباس هجي ٻلي کي جنهن پنهنجي ڪرامت سان هن شخص جي اصليت پڌري ڪئي، نہ تہ اسان ائين ئي آنڌاري ۾ رهندا اچون ها.

پوءِ اهو شڪي مسافر اسلام قبول ڪري شيخ فريدالدين جو مريد ٿيو. انهيءَ سان گڏ جيڪي ٻيا مسافر هئا تن به

---

(1) ڏسو تعليقات ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

www.maktabah.org

شيخ فريدالدين جي هٿ تي بعيت ڪئي ۽ وڏي درجي کي پهچي ويا.

اتان زيارت ڪري اسان جو رحمان ولايت ۾ اچڻ ٿيو، هتي هڪ شاندار شهر آهي جنهن ۾ ڪي لک ستر هزار سوار لشڪر جي صورت ۾ موجود رهن ٿا. اهي هر وقت جنگ لاءِ تياريءَ ۾ هوندا آهن. هتي مسجد ۾ جيڪا بانگ ملي ٿي اها ويهن ڪوهن تائين پڌڻ ۾ ايندي آهي جنهن تي اوري پري وارا نماز پڙهندا آهن.

سلطان سڪندر ذوالقرنين (1) به هن ئي شهر ۾ پيدا ٿيو هو، جنهن پهريان سپاهي گيري پئي ڪئي پوءِ اوپر کان اولهه تائين بادشاهي ماڻيائين. اهو هڪ الڳ داستان آهي جنهن لاءِ ڪيئي دفتر کپندا. اهو شهر ڏسي اتان جي مشائخن جي زيارت کان مشرف ٿي ايندڙ سفر جي سوچ ڪري اچي بردع ولايت ۾ ٽانيڪا ٽياسين. هتي امير حمزي جي يار حربردعي جي مزار آهي جيڪو رات ڏينهن شراب نوشيءَ جي شغل ۾ مست رهندو هو (2) سندس ڪشف ۽ ڪرامت جي ڪا حد ئي نه هئي، جيڪو به وڃي ٿي آيو تنهن کي عرش تي رسائي ٿي ڇڏيائين. هن (حربروعي) مرڻ مهل وصيت ڪئي هئي ته مون کي پاڻيءَ بدران شراب سان غسل ڏيارجو. دفن ٿيڻ ڪانپوءِ جنهن کي به ڪا حاجت پيش اچي ته شراب جي صراحي (گگهي) پري آڏي منهنجي قبر جي مٿان اوتيندو ته خدا ڪندو ان جي حاجت پوري ٿي ويندي. هاڻ جنهن کي به ڪا حاجت درپيش ايندي آهي ته ان پلاري (حربردعي) جي قبر تي وڃي شراب جي صراحي اوتي ايندو آهي. ائين ڪرڻ سان ان جي حاجت پوري ٿيو وڃي ٿي.

---

(1) ڏسو تعليقات

(2) ڏسو تعليقات

www.maktabah.org

ان کان علاوه هتي سلطان ابوسعيد جو تخت گاهه به آهي جيڪو موسيقيءَ جو ماهر هو. موسيقيءَ جو علم ان وٽان ڏي سڄي عالم ۾ پکڙيو. هي موسيقيءَ جا ستر هنر چاڻندو هو. حاجي احمد بيابانيءَ (1) پڻ هن شهر جو هو جنهن جي خانقاهه ۾ هر خميس جي ڏينهن سماع جي محفل لڳندي هئي. انهي سماع لاءِ ڏي هزار آدم اچي گڏ ٿيندو هو. جنهن کي خانقاهه جي ننگر مان ماني کارائي ٿي وئي.

شيخ بدرالدين دهلوي به هتي ڏي آهي. هن جي روضي لڳ هڪ حوض هو جيڪو هر جمعي جي رات پاڻيءَ سان ڪنن ڪر ٿي ويندو هو، جتان اوري پري جي خلق پاڻي پري ويندي هئي. اهو پاڻي اها سڄي رات حوض ۾ رهي ٿو صبح ٽيڻ ڏي لهي وڃي تر ٿو وڻي، وري ٻئي جمعي جي رات پاڻيءَ سان تار ڏي ٿو وڃي. هتي نهار نالي هڪ جبل آهي جتي پڻ اسان جو وڃڻ ٿيو، انهيءَ جبل اندر هڪ غار هو جتي نانگن جي بادشاهه جي رهائش هئي. اهو نانگ هر وقت خدا جي امر (حڪم) هيٺ ٿو رهي. هن غار مان ڏن ڪوهن تائين ڇيڻون نڪرنديون ڏٺيون ويون آهن، پر جيڪو ماڻهون اتان لانگهائو ڏي ٿو تنهن کي اهي ڇيڻون ڪوبه نقصان نه ٿيون رسائين. کي ڏينهن اتي رهي خوب سير ڪياسين.

اسان جي اڳئين چڙهائي بدخشان ولايت تي هئي، جتي پهچي اتان جي درويشن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيون سين ۽ ڪائڻ فيض ياب ٿياسين. ان شهر جي ويجهڙ ۾ هڪ وڏو جبل نظر آيو جنهن ۾ رات جو غٽبي ڏيڻو پري ٿو ۽ عارفن جي ذڪر اذڪار جا پڙاڏا ڪن تي پون ٿا، ڪنهن کي مجال ناهي جو انهيءَ جبل جي اوڏو وڃي سگهي. جبل جي نزديڪ هڪ وڏي کاڻ آهي جتان بدخشاني لعل جواهر نڪرن ٿا،

---

(1) احمد بن محمد بيابانيءَ ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

هتي کي ڏينهن رب پاڪ جي ذڪر فڪر ۾ رهي واندڪائي ملڻ تي هر هنڌ گهمي ڦري فائدو حاصل ڪري نڪتاسين ۽ دوران نالي ولايت ۾ وڃي پنهنجو لڏو لاٿو سين.

دوران ولايت ۾ هڪ اهڙو شهر آهي جنهن جو ثاني روءِ زمين تي ڪونہ سڃهي. هن شهر ۾ سلطان فخر الدين جي جامع مسجد اڏايل آهي جنهن ۾ ٽي سؤ ستر قبا آهن. مسجد جي چوڌاري وڏو حوض آهي جتان ماڻهو وهنجي يا وضو ڪري نماز لاءِ تيار ٿين ٿا. جبل مان خدا جي حڪمت سان پاڻيءَ جون نهرون جاري آهن جن جو پاڻي ڪڏهن بہ ڪٽي نٿو سگهي. مسجد جا محراب سون ۽ جواهر سان چٽيل آهن. عام خلق تہ ڇا پر ٻئي ڪنهن بادشاهہ بہ ڪٽي اهڙي مسجد ڪانہ جوڙائي هوندي. اسان اتي رهي چار چلا ڪڍيا.

هاڻ اسان جو ماڳ اصحاب ڪهف (1) وارو جبل هو جنهن بابت مشهور آهي تہ اصحاب ڪهف جو هڪ ڏولو ڪافر باد شاهہ جي ارڏائي (2) کان شهر ڇڏي اچي هتي هڪ غار ۾ پناهي ٽيو هو. اهي هتي پهچي، ٽڪ کان چور ٿي جيئن سمهيا تہ گهري نند ۾ هليا ويا. گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ جڏهن هڪ شريف بادشاهہ جو دور آيو تہ اصحاب ڪهف ظاهر ٿيا. هنن سان گڏ هڪ ڪتو بہ هو جنهن جو نالو قطمير مشهور آهي.

چون ٿا تہ قيامت جي ڏينهن ان ڪتي جي ڪل بلعم باعور (3) کي پارائي ويندي ۽ انهيءَ جي ڪل ڪتي کي

---

(1) متن جي لکت موجب اهي ڇهہ ڇڻا هٿا جن جا نالا هي آهن: يمليخا مڪ سلمينا مثلينا مرنوش ويرنوش شاذ نوش.

(2) اصحاب ڪهف ڏسو تعليقات.

(3) بلعم باعور ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

ڏکائي بهشت ۾ آڻيو ويندو. جو خداوند ڪريم اهڙو وعدو حضرت موسيٰ نبي سان ڪيو هو. هن بابت شيخ سعدي فرمائي ٿو: اصحاب ڪهف جو ڪتو ڪي ڏينهن چڱن سان گڏ رهي ماڻهو ٿي پيو دنيا ۾ جيڪو به چڱن چڱن جي صحبت ۽ سنگت ۾ ايندو ۽ چڱائيءَ جي وات وڻندو تہ ان جي عاقبت چڱي ٿي پوندي.

انهي اصحاب ڪهف واري جبل ۾ اسان ٿي چلا ڪيي خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهيا سين. اتان ڪهي وري اچي عريان جبل ۾ ٽاڪ ڪيوسين. جتي شيخ عبدالله طرطوسي چاليهه سال خدا جي عبادت ۾ گذاريا هئا. هڪ دفعي هن ڪي هاتفي آواز آيو تہ: اي عبدالله چا ٿو طلبين؟ جواب ڏنائين: خدايا! آڏون تو ڪان تو ڪي ٻو طلبيان!

ٻئي دفعي هاتفي آواز آيس: تہ ٻہ اهو جواب ڏنائين وري ٽين ڀيري ساڳيو هاتفي آواز آيس، تڏهن ٻہ اهوئي جواب ڏنائين. آخر هاتف ٻڌاين تہ اي عبدالله: تنهنجي لاءِ الاهي ديدار حاضر آهي. مگر ان سان گڏ ڪنهن ٻي شيءَ جي تقاضا ڪر تہ اها ٻہ تو ڪي ڏني وڃي. ان تي عبدالله وراڻيو: آڏون انهي خدا ڪان جيڪو بادشاهن جو بادشاهہ آهي اهو سوال ٿو ڪريان تہ قيامت جي ڏينهن تائين منهنجو ننگر خانو هلندو رهي ۽ خانقاه جو خرچ ٻہ ملندو رهي.

فرمان ٿيس تہ پنهنجي لٺ جبل جي وَٽ ۾ تي هڻ. ان مان هڪ ڪاڻ ظاهر ٿيندي جنهن ۾ قيمتي هيرا جواهر هوندا ڪيترن ملڪن جا سوداگر اچي تو ڪان اهي جواهر خريد ڪندا جنهن مان تنجي ننگر ۽ خانقاهہ جو خرچ ڀيو نڪرندو. ان ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي ڪابہ گهٽ وڌائي تہ ٿيندي پر جي مجاورن کا لالچ ڪئي تہ ان مان نقصان جو انديشو پيدا ٿيندو جنهن لاءِ ٽون انهن کي هدايت ڪري ڇڏ. تہ متان سڀاڻي کو مجاور ڪنهن لالچ ۾ اچي نقصان جو آهجاڻ پيدا ڪري!

www.maktabah.org

انهي سير کان فارغ ٿي وري اچي پير واري ولايت طلان ۾ لڪاسين جتي شيخ اسماعيل مغربي جي مزار آهي. هتي جيڏي وڏي درگاهه تيڏي گهٽي خلق ڏٺي وٺي. درگاهه جي پاهران کيٽي باغ باغيچا آهن جن ۾ موسمي ميون جي کا کمي کانه هوندي. هتان جا رهاکو زالين مردين ڏاڏا حسين هٿ جيڪو به مسافر اتي ٿي آيو تنهن کي رات جو زالون ۽ چوکريون زور ڏيندڙون ۽ مالش کندڙون ٿي رهيون، جيڪي خاص انهيءَ کم لاءِ مقرر ٿيل هيون ته شيخ اسماعيل مغربي جي درگاهه تي جيڪو به مسافر اچي تنهن کي وڃي رات جو زور به ڏين ۽ سندس بدن جي مالش به کن جيئن هن جو ٿڪ لهي وڃي. کين اها پک ڏنل هئي ته سائن کو به کا خيانت نه کندو، پر جي اهڙي کا حرکت به کيائين ته خدا جي حکم سان اتي جو اتي مٿو پيو هوندو.

اتي اهو پڻ ٻڌڻ ۾ آيو ته جيڪو شخص خدا جي خوف کان انهن زالن ٽوڙي چوکرين سان کا هٿ چراند نٿو کري، اهو نيکين ۾ شمار ٿئي ٿو. اسان پورو هڪ مهينو اتي گذاريو. انهن زالن ۽ چوکرين اسان جي خوب خدمت کئي پر خدا جي فضل سان اسان جو دامن آلودگي کان پاڪ رهيو.

هتان سنبت کري حجر (2) ولايت ۾ آياسين جتي شيخ سعد بريءَ جي مزار آهي. جيڪو به دل جي صدق سان ان بزرگ جي زيارت کري ٿو، تنهن جي اندر مان بي اختيار ذاتي ذکر جاري ٿيڻ لڳي ٿو ۽ ان جي مهابي کيس گناهن کان چوڻکارو ملي ٿو وڃي.

آتان منزل ٿپي وري اچي مازندران ولايت جا وڻ ڏٺاسين جيکا ڏاڍي وڏي ولايت آهي. هتي سدائين بهار جي موسم رهي

---

(1) ڏسو تعليقات

(2) حجر ولايت. ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

ٿي ۽ هميشه سيارو پيو لکائي ان کري کوبہ شخص بيمار نٿو ٿئي، هر کو قدرتي موت مري ٿو.

هتي پڻ هڪ وڏو جبل آهي جنهن ۾ شيخ صدرالدين طيفوري نالي هڪ ولي، سچي جمار الاهي عبادت ۾ صرف ڪئي اهو بزرگ هڪ ڀي وضو سان سيئي نمازون ادا ڪندو هو. پاڻ چاليهن ورهين تائين ان داڻي جي ويجهو ڀي نہ ويو ۽ ڪڏهن بہ (ڪنهن حاجت لاءِ) آسمان ڏانهن کونہ نهاريائين. سندس ڪشف جو ڪمال ان حد تائين هو جو جيئن هيٺ ڪنڊ ڪيو ويٺو ٿي رهيو ٿيئن، جيڪڏهن کو پکي بہ ٿي اڏاڻو تہ آن بابت ماڻهن کي پڻي ٻڌايائين تہ اجهو هو پکي پيو اڏامندو وڃي. جيڪو ماڻهو وڻس کا مراد ڪٿي ٿي آيو تہ ان کي کولي ظاهر ڪري ٿي ٻڌايائين تہ تنهنجي دل ۾ هيءَ گالهہ آهي! اهو پڏي هر سائل سندس بعيت ڪندو هو. هن بزرگ سڏائين روزي سان پڻي عمر گذاري ۽ گاهن ٻوٽن جا بج يا پاڙون کيڊي انهن تي پڻي گذارو ڪيائين.

چاليهن سالن کان پوءِ هن کي بہ هاتفي آواز آيو: گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي. چيائين مون کي رڳو خدائي ديدار ڪپي. وري ٻيهر ۽ ٽيهر ساڳيو هاتفي آواز آيس تہ بہ ساڳيو ئي جواب ڏنائين، آخر هاتف اها خوشخبري ڏنس تہ توکي خدائي ديدار ضرور نصيب ٿيندو ليکن هي بہ کا خواهش دل ۾ هجئي تہ ٻڌائي ڇڏ جيئن اها بہ پوري ڪئي وڃي ۽ تون الاهي قدرت جو ڪرشمو ڏسين!

عرض ڪيائين: خدايا پنهنجي ننگر ۽ خانقاهہ کي ابد تائين آباد رکڻ جي آس اٿم. حڪم ٿيس تہ پنهنجي عصا ڪٿي جبل جي پاڙ ۾ وهائي ڪيد. حڪم جي تعميل ڪيائين تہ اتان تيل جو چشمو ڦٽي نڪتو، جنهن جي وهنوار مان ننگر ۽ خانقاهہ جي خرچ جي پورائي ٿيندي رهي ٿي.

www.maktabah.org

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ جيڪو ان مان حد کان وڌيڪ رقم خرچ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تنهن کي ڪنهن مرض يا موت جـو منهن ڏسڻو پوندو. هتي شيخ سهل (1) صوفي ڪبير جي به قبر آهي جنهن سوڻ هزارن مريدن کي واصل بالله ڪيو هو، اسان اها زيارت پڻ ڪئي. هتي ڪيئي باغ باغيچا آهن ۽ پاڻي به ڏاڍو مٺو آهي، جنهن ڪري هن علائقي کي بهشت سان مشابهت ڏني وڃي ٿي. اسان جو اڳيون ٽاڪ ترڪستان هو، جتي شيخ نجم الدين بخاري جي زيارت گاهہ مشهور آهي. هتي هر روز ماڻهن جا ميلا لڳل هوندا آهن.

هڪ ڏينهن شيخ شهاب الدين ڪرخي واپار سانگي هڪ سئو سونيون مهرون ٽيلهي (هميائي) ۾ وجهي شيخ نجم الدين جي روضي جي زيارت لاءِ آيو. سڄي رات مراقبي ۾ ويهي صبح جو اتان اٿيو تہ هميائي اتيئي رهجي ويس. اوڏي مهل هڪ وڏو نانگ ظاهر ٿيو، ماڻهن جـو ان کي ڏٺو تہ ڀڄ ڪان پڇندي ٻاهران روضي جو دروازو بند ڪري ڇڏيائون. ان ڪري کي ڏينهن کوبہ زيارتي اندر روضي ۾ نٿي وڃي سگهيو.

هوڏانهن شيخ شهاب الدين ڪرخي اتان نڪري وڃي ٻئي شهر ۾ پهتو جتي سونين مُهرن واري ٽيلهي (هميائي) ياد آيس. دل ۾ چوڻ لڳو: اي شيخ نجم الدين منهنجي هميائي تنهنجي روضي ۾ رهجي وئي آهي ان جي پارت هجئي ـــ آخر ٻن مهينن کان پوءِ موت ڪاڏائين تہ شيخ نجم الدين خواب ۾ ڏيکاري ڏيندي چيس: مون پورا ٻہ مهينا تنهنجي هميائيءَ جي حفاظت جي خيال کان پنهنجي روضي جو دروازو بند رکيو آهي، هاڻ سيگهہ ڪري پنهنجي امانت کڻي وڃ.

شيخ شهاب الدين جڏهن هميائي کڻڻ لاءِ روضي اندر وڃڻ لڳو، ماڻهن چئيس تہ اندر وڏو نانگ ويٺو آهي متان

(1) ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

تو کي نقصان نہ رسائي سو اندر وڃڻ جي کوشش نہ ڪجانءِ.
شيخ شهاب الدين چيو: اوهان فڪر نہ ڪريو، اهو نانگ نہ
پر خود منهنجي همياڻي آهي. ائين چئي اندر ويو ۽ پنهنجي
همياڻي ڪڍي واپس آيو. ماڻهن کي تپرس وڌي وئي ۽ ڇيائون
تہ بيشڪ خدا حي خاص بندن کي وڏي طاقت آهي جو
همياڻيءَ کي نانگ بڻائي ڪنهن جي امانت با سلامت رکيائون.
ان کان پوءِ هرڪو روضي ۾ وڃڻ ۽ ڏيئو ٻارڻ لڳو.

ان زيارت کان فارغ ٿي هيڏانهن هوڏانهن گهمياسين. هتي کيڻي
وڏا شهر هٿا جن ۾ کيڻي عجيب نظارا ڏسڻ ۾ آيا. اسان
ڏينهن ۾ آرام ڪري وري سفر جي سانباهي ۾ لڳي وياسين.
هلندي اچي ويلم ولايت، ۾ پهتاسين، هتي ڪڏهن ياجوج ماجوج
رهندا هٿا جن کي حضرت نوح نبي جي پٽ يافث جي اولاد
مان ليکيو وڃي ٿو. هن دنيا وارن ۽ انهن ياجوج ماجوج وارن
جي وچ ۾ هڪ وڏو جبل آهي جنهن ٿي سڪندر ذوالقرنين
ست سو ڪوهہ ڊگهي سد (بند) ٻڌرائي هئي. اهي ياجوج
ماجوج دنيا جي آبادي کان نوَ حصا وڏيڪ آهن.

انهن جو دستور آهي تہ هر روز انهيءَ بند ٿي کاهي
ان جو اڌ حصو ڊاهي شام جو واپس هليا وڃن ٿا. وري ٻئي
ڏينهن اچي بند جو رهيل حصو ڀڃي هن دنيا جي ماڻهن
سان جنگ جوڙين ٿا. ليکن اها جنگ ايامن کان ائين ٿي
هلندي اچي ٿي، ڇو تہ اها بند جيئن شام جو ياجوج ماجوج
ڀڃي ٿا وڃن تيئن اڌ رات جو الاهي امر سان ٺهي ٿيڪ ٿي وڃي ٿي.
ان جنگ ۾ اهي ياجوج ماجوج تڏهن ڪامياب ٿيندا جڏهن
انهن مان وري هڪڙي ٻي قوم پيدا ٿيندي جنهن جو انشاءالله
نالو هوندو. اها قوم جڏهن وڏي ويجهي وڏي ٿيندي تڏهن
ان کي امر ٿيندو تہ اي انشاءالله (قوم) هل تہ هلي
هاڻ انهيءَ بند کي ڀڃي پورا ڪري پاڻ اڳتي وڌون! ائين
چوڻ سان اها بند ڀڃندي. تڏهن ياجوج ماجوج انهيءَ انشاءالله

www.maktabah.org

واري قوم سان گڏجي دنيا جي ماڻهن تي ڪاهي آڻندا ۽ ماڻهن کي قتلام (قتل عام) ڪندا آڳاهان ٿيندا ويندا. هي ايڏي وڏي تعداد ۾ هوندا جو جنهن درياهه وٽان لنگهندا تنهن جو پاڻي پي هڪ سپي ۽ جيترو ڏڪ به ڪونه بچائيندا. پوءِ اولهه ڪان اوپر ٽائين سڄي سڄ تي ويندي. آخر اهي وڃي آسمان تي رسندا جيئن انان جي خلق کي به ختم ڪري ڇڏين. اوڇتو حضرت عيسيٰ نبي ڏرتيءَ تي لهندو جنهن کي حضرت عيسيٰ جو دور ڪوٺيو ويندو.

حضرت عيسيٰ قتلام کان بچيل باقي مسلمانن کي وٺي وڃي ياجوج ماموج واري جبل تي چڙهندو جيئن ڪال نه پٽجي وڃي. اتي خدا کان دعا گهرندو ته هن ياجوج ماجوج جي قوم جو خاتمو ڪر! دعا گهرڻ سان ياجوج ماجوج جي قوم ۾ بيماري پٽجي ويندي، اهي مرندا زمين تي ڪرندا ويندا. سندن لاش جا ڍير لڳندا ۽ زمين تي ايڏي بدبوءِ ٿيندي جو ڪو به گهمي ڦري نه سگهندو. حضرت عيسيٰ، وري خدا کان دعا گهرندو ته غضب مان پکي لهي ايندا جڪي لاش آگهي ميدان صاف ڪري ڇڏيندا، پوءِ خدا جي حڪم سان مينهن وسندو ۽ سڄي زمين ڏوپي اڇي اجري ٿي پوندي، تڏهن حضرت عيسيٰ جبل تان هيٺ لهي ايندو.

اسان اهي سپ ماڳ ڏسي پسي طلان ولايت ۾ آياسين. هتي خواجه ڪبير جيسريءَ جو آستان آهي سندن ڪمال اهو هو ته جو شخص به وٽس ٿي ويو سو سندس مريد بڻجي ٿي پيو. پاڻ هر مريد کي پنهنجي توجهه سان سيني حجابن (پردن) مان پار ڪري خدا سان ملائي ٿي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح هن جا چوڏهن هزار مريد ٿي ويا، جيڪي سپ وڏيءَ پهچ وارا ٿي گذريا. اتان ٿي زيارتون ڪندا ٻن فقيرن سان گڏ پاڻيءَ واري جهاز ۾ چڙهياسين. اچانڪ طوفان اچڻ جي ڪري درياهه

www.maktabah.org

ھر وڏو خطرو پيدا ٿي پيو پر درويشن جي دعا ۽ برڪت سان اسان جي سر تان هر بلا ٽري وئي.

اهو جهاز سلامتيءَ سان اچي هڪ شهر پهتو ٿيو جتي شيخ علي سينا نالي هڪ بزرگ جو ننگر رات ڏينهن هلندو رهي ٿو. انهيءَ ننگر مان هرڪو مسافر ۽ سيلاني وقت سر پنهنجو رزق کائي ٿو. انهيءَ شيخ جا مريد هر وقت ذڪر فڪر ۾ محو رهن ٿا، هتي به به ٽي ڏينهن گهارڻ کان پوءِ وري ٽڏو پٽي اصفهان ولايت ۾ رسياسون. جتي شيخ عبدالله طيفوري جو باغ مشهور آهي. انهيءَ باغ جي نگهباني شيخ عبدالله جا مريد کن ٿا جنهن جي سڄي ذميداري شيخ حسين انارياءَ کي سونپيل آهي. هن پورا چار سال باغ جي سنڀال ۾ گذاريا. هڪ ڏينهن شيخ عبدالله کيس گهرائي چيو ته مونکي هڪ ڏاڙهون گهرجي جنهن جي کائڻ جي خواهش جاڳي اٿم. شيخ حسين هڪدم وڃي باغ مان ڏاڙهون پٽي آيو جيڪو کائڻ ڏي کٽو نڪري پيو، جنهن تي شيخ عبدالله فرمايو: اي حسين تو هاسيڪاري اهو کٽو ڏاڙهون اسان لاءِ ڇو آندو؟

شيخ حسين جواب ڏنو: خدا جو قسم آڻون پورن ڇٽن ورهين کان اوهان جي باغ جي سار سنڀال لهندو پيو اچان، هيلتائين مون انهي باغ جو ڪو به ميوو چکي ڪونہ ڏٺو آهي ته کهڙو ٿئي ٿو. ان ڪري مونکي کٽي مٺي هڻڻ جي ڪل نہ پئجي سگهي. شيخ عبدالله طيفوري پنهنجي مريد شيخ حسين جي جواب کان متاثر ٿي مٿس توجهہ ڏنو ته هن جي دل جا سڀ پردا کلي پيا ۽ سٺون سڏو پنهنجي پالڻهار سان ملي هڪ ٿي وبو. پوءِ کيس وليءَ وارو درجو عطا ٿيو. هاڻ جيڪو مسافر يا سيلاني اتي پهچي ٿو ته اڳ ۾ شيخ حسين انارياءَ جي زيارت ٿو ڪري تنهن کان پوءِ شيخ عبدالله طيفوري جو در پيٽي ٿو.

www.maktabah.org

اسان پٹي (شيخ مغل پين ۽ سلطان سرور) انهيءَ زيارت جو شرف حاصل ڪري وري مشهد مقدس ۾ آياسين جتي امام علي ابن موسيٰ رضا جو سونهري روضو آهي. سندس پچري ۽ مقبري مبارڪ تي الماس، جواهر، فيروزي ۽ مروارين وغيره جڙاوت ٿيل آهي جنهن تي آن زماني ۾ نوَ ڪروڙ روپيا خرچ ٿيا هئا.

هتان جي بادشاهه وٽ جيڪو خزانو پيداوار مان پُر پٺي ٿيو، سو آڻي روضي تي ٿي رکيائين. پوءِ ان مان ضرورت مطابق ڪجهه ڪٽي باقي روضي لاءِ ٿي ڇڏيائين، ائين چئي تہ آڏون امام جي روضي جو خادم آهيان.

امام علي موسيٰ رضا جي روضي تي اسان ٿي چلا ڪڍيا ۽ ذڪر اذڪار ڪيوسين. اتان پوءِ خراسان جي جبل ڏانهن وڪ وڏائٽي پٽي جنهن ۾ هڪ وڏو غار موجود آهي. جنهن کي امام مهديءَ جو غار سڏيو وڃي ٿو. مشهور آهي تہ هتي سج لهڻ کان پوءِ قسمين قسمين شين جون بازاريون لڳي وڃن ٿيون ۽ شهرن وانگي هتي وڏو لشڪر اچي ڪٺو ٿئي ٿو. ماڻهو هڪدم تيار ٿي نڪرا وڃائي غار جي ٻنهي پاسن کان ٻيهي مشعلون ٻاري زور سان نعرا هڻندا آهن تہ:

بسم الله الرحمان الرحيم.

اي امام مهدي آخر زمان!

غار کان ٻاهر اڇ جو سواري تيار آهي. ان تي چڙهي دنيا جهان جي بادشاهي اچي ماڻ!

اسان اتان زيارت ڪري پنڌ هتي شهر حيات آياسين جيڪو تمام وڏو شهر هو. هتي شيخ نظام الدين ڪرخيءَ جو ننگر هنڌين ماڳين هاڪارو آهي. جتان آيو ويو مسافر ۽ سيالاني ڪاڏو ڪائي ٿو. پر اتان جا رهاڪو بہ اچي هتان ئي رزق حاصل ڪندا رهن ٿا. عام ماڻهن کان سواءِ ڪيئي بادشاهه

www.maktabah.org

ٻ هن بزرگ جا مريد هٿا. اتان ٻ زيارتون ڪري ڪي ڏينهن سير سواد ڪندا آخر اچي استنبول ۾ داخل ٿياسين. هي ٻ هڪ وڏو شهر آهي جنهن ۾ بادشاهه جو بي انت لشڪر موجود رهي ٿو. هن شهر جي ويڪرائي ايڏي ته آهي جو چون ٿا ته عيد جي ڏينهن هتان جو بادشاهه عيدگاه ڏانهن نماز ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿئي ٿو ته پهرين تاريخ رمضان جي هلي پهرين شوال تي عيدگاه ۾ وڃي قدم ٿو رکي. موت تي وري سڄو شوال جو مهينو پنڌ هڻي آخر پهرين ذوالقعد جي پنهنجي دولت خاني تي ٿو پهچي ..... هتي ٻيا ٻ ڪيترا عجيب غريب نظارا آهن.

اسان ڪيترن بزرگن ۽ فقيرن سان گڏ ملاقاتون ڪري وري اڳتي پنڌ ڏوريو سين. نيٺ اچي زنگين جي ولايت ۾ داپو ڪيوسين. هتان جي بادشاهه وٽ هڪ لک اسي هزار سوارن جو لشڪر آهي، جنهن کي شاهي ننگر مان ماني ملي ٿي. هن بادشاهه جو ٻيو لشڪر بي حساب کان ٻاهر چيو وڃي ٿو.

زنگين هتي هڪ قبو اڏايو آهي جنهنجا محراب سون چاندي ۽ جواهرن سان سنواريل آهن انهن جي قيمت جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. قبي جي اچائي ۽ ويڪر ٻ اندازي کان مٿي ٿيندي. خاص ڪري عاشورت جي ڏينهن ۾ بادشاهه ۽ ٻيا ماڻهو انهي قبي ۾ اچي مجلسون ڪندا آهن. هتي ڪاڏو ٻ ڪارايو وڃي ٿو ته خيراتون ٻ ڪيون وڃن ٿيون. امام حسن حسين جا مرثيا پڙهيا ويندا آهن ۽ ماتم ٻ ڪيو وڃي ٿو.

اسان اتان فيرو ڏئي وري حبشين جي ولايت ۾ آياسين، انهي عرصي ۾ ڪيترن ٻلارن جون زيارتون ڪندا آياسين. اسان کي سڄي مسافري ۾ ست گودڙيون ملينون جيڪي وڏن بزرگن جون ڏياريل هيون. اهي گودڙيون ڏ ڪيندي اسان جي حال ۽ فال ۾ ايڏو ته فيرو اچي ويو جو جيڪي پئي چيوسين

www.maktabah.org

سوئي پئي ٿيو ۽ جيئن به ٿي چاهيوسين تيئن ٿيندو پئي رهيو. ٿوري توجهه سان هر ڪنهن جي دلي مراد اسان وٽان پوري پئي ٿي. ڪيئي بيمار جهڪي ڪيترين بيمارين ۾ ورتل هئا تن کي اسان جي هٿان شفا نصيب ٿي. جيڪو به مسڪين، محتاج ۽ يتيم اسان وٽ ڪو سوالي ٿئي ٿي آيو ته اسان اهو پورو ٿي ڪيو. اسان جي نظر پوڻ سان، ڏاموءَ شيهوءَ پٽ، پٽ سپ سون چاندي ۾ بدلجي ٿي ويا. اهڙي ڪشف، ڪرامت جي ڪري ڏينهون ڏينهن اسان جو مان وڌندو ويو، جتي به ٿي وياسون اتي ماڻهو اسان جي چوڌاري مڙي ٿي آيا. هر روز هزارين ماڻهن جا هجوم اسان وٽ اچي اسان کان دعائون ۽ مرادون پندا ٿي رهيا. اسان جيئن ٿي جند ڇڏائڻ جا جتن ڪيا، تيئن ماڻهو اسان کي سوڙها پوندا ٿي ويا. ائين ڪندي اسان حبشين جي قوم مان ڪاسي وياسين جنهن هڪ گهڙي به اسان کي آرام جي مهلت نٿي ڏني. اسان جي جان تڏهن آجي ٿي جڏهن ڇڇي وڃي جبل جو پاسو ورتو سين. آخر صلاح ڪري مون پنهنجي دوست کي حبشين وٽ رهايو جنهن وٽ ايتري خلق اچي گڏ ٿيندي هئي جيتري ڪنهن مشائخ وٽ ايندي آهي. هو به مون (شيخ سلامت) وانگي پنهنجي پر ۾ ڪشف ڪرامت جو مالڪ هو حبشي هن وٽان پنهنجون حاجتون به پوريون ڪرائيندا رهيا ته سندس چيٽ چاڪري به ٿي ڪيائون.

آءٌ جبل جي پاسي اچي جهنگلي ٻوٽن جي پنن مان پنهنجو ڊٺ تيار ڪري افطار لاءِ رکي ذڪر فڪر ۾ لڳي ٿي ويس. مون وٽ خلق جو ڪوبه گوڙ گهمسان ڪين هو، ان ڪري هيڪاري وڌيڪ بي اونو ٿي پيس. جبل ۾ هڪ غار تاڙي ان ۾ ويهي هڪ ٻي پٽيان ڏهم چلا پورا ڪيم. هر چلي پوري ٿيڻ تي ساهي پٽڻ جي ارادي سان غار مان ٻاهر نڪري، پير ساهي ٻوٽن جا پن ڪٽي ڊٺ تيار ڪري افطار جو بندوبست پئي ڪيم ۽ وري ٻئين سر چلي ۾ ويهي ٿي رهيس

www.maktabah.org

جڏهن جبل جي غار ۾ ڏهه چلا پورا ڪيم ته جبل جي چوٽيءَ تي وڃي ٻيا ڏهه چلا ڪڍيم. اتي جيڪي به جهنگلي جانور ڏاڪڻ، بلائون، شينهن ۽ مرون وغيره موجود هئا، سڀ سندم مطيع ٿي ويا ۽ هر وقت منهنجي اڳيان پوءِ ۾ رهڻ لڳا. منهنجو دوست جنهن کي حبشين وٽ ڇڏيو هيم ڪڏهن ڪڏهن مانيءَ جا سڪل ٽڪرا اوسي پاسي کان گدائي ڪري مون کي آڻي ڏيندو هو. پاڻيءَ جي ڪا کوٽ ڪانه هئي ان ڪري ڏکيائي ڪانه پئي ٿيم. جبل جي چوٽيءَ تي ڏهه چلا ڪيڙي پورا ڪيم ته وڏيڪ ڏهن چلن ڪيڏ جو خيال ٿيم جيڪي وچ سمنڊ ۾ ڪيڏا هئا. ان پاسي جتي پوين چلن ڪيڏ جي نيت ڪيم. خوفناڪ هاٿين ۽ خطرناڪ جانورن جو گهڻو زور هو پر ماڻهن جي موجود نه هڻ ڪري مطمئن هئس ته هتي کو به ڏنگ ڪرڻ وارو ڪونه آهي.

خدا جي حڪم ۽ مهر سان اهي هاٿي ۽ ٻيا هيبتناڪ جانور اهڙيءَ طرح تابع ٿي ويا جو هي حقير ۽ نحيف (شيخ سلامت) انهن جي مٿان حڪم هلائڻ لڳو. پوءِ چا ڪيم جو اتان هڪڙو هاٿي جيڪو ڏاڍو ڪٽ مست ۽ نهايت حشمت وارو هو، تنهن کي ڪنهن نموني زير ڪري، جهنگ مان ڪاڍيون پيچي، هودي ناهي آن جي پٺيءَ تي رکيم. هوديءَ ۾ وڃڻ جا پن وڃائي مٿان تاريون ڪڍي پڏم ته هڪ اهڙي جهوپڙي تيار ٿي پئي جنهن ۾ هڪڙو ماڻهو آرام سان ويهي ٿي سگهيو. خدا جي توڪل ۽ رسول جي مدد سان اڳ وانگر جهنگ جي پوڻن مان ڏٺ تيار ڪري مٿو پاڻي پاڻ وٽ رکي ان هوديءَ ۾ ويهي ذڪر فڪر ۾ محو ٿي ويس جنهن جو اذن هادين ۽ مرشدن وٽان ملي چڪو هيم. آخر ماڻهن جي وٽ پڪڙ ڪان آجو ٿي پنهنجي رب سان لنوُ لاتم. هوڏانهن هاٿيءَ کي جڏهن ضرورت پيش ٿي آئي ته اوسي پاسي چڪر ڏئي گاهه پٽو چري ۽ پاڻيءَ سان پيٽ پري وري ساڳي هنڌ

www.maktabah.org

ٿي اچي ٽانيڪو پٽي ٽيو.

جڏهن به پنهنجو ڪو چلو پورو ٿيو ڪيم تہ هاٿيءَ تان لهي ڏينهن ۾ زمين تي گهمي قري ڏٺ پاڻي گڏائي وري اچي هوديءَ ۾ ويهي نئين سر چلو شروع ٿي ڪيم، اهڙيءَ طرح ڏيهر ڏهہ چلا پورا ٿي ويا، جڏهن پويان ڏهہ چلا هاٿيءَ جي پٺيءَ تي هوديءَ ۾ ويهيءَ پورا ڪري ورتم تہ واندڪائي ۾ وڃي پنهنجي دوست سان مليس جنهن کي حبشين وٽ ڇڏي آيو هيس.

حبشين جي زالن، مردن جڏهن مون کي ڏاڍي ضعيف ۽ نحيف حال ۾ ڏٺو تہ ويچارا زار زار روئڻ لڳا ۽ مون تي سر ساهہ صدقي ٿي ڪيائون، پر مون جو وري ماڻهن جا ميڙ ڏٺا تہ بيزار ٿي پيس ۽ رات وچ ۾ اتان پڇي نڪتس. منهنجو دوست ب. مون سان گڏ حبشين کي ڇڏي اڳ جڏان هم سفر ٿي هليو. مون کي رکي رکي دل ۾ خيال پٽي آيو تہ جيڪر اڃا ڏهہ چلا ٻيا ڪيو ڪل چاليهہ چلا پورا ڪجن. پڇاڙيءَ حرمين شريفين وڃي حضور صلعم جن جي زيارت کان فارغ ٿي ڪائڻ اسم اعظم جو اذن ونڊي لاٿا سجايا ڪجن. پوءِ ب جيڪڏهن حياتي باقي رهي تہ حضور اڪرم جي اجازت سان پنهنجن بزرگن سان ملڻ لاءِ وطن واپس ورندس جيڪي مون لاءِ قبلي جي حيثيت رکن ٿا ۽ جن ڏي مون کي چڱي ڏيهہ ڏيکاريو هو. خير اهي پور پڇائيندو پنهنجي دوست سان گڏ سمنڊ جو ڪنارو ڏٺي اڳتي وڌندو رهيس. سمنڊ ايڏو تہ اٿاهہ هو جو ان جو پريون ڪنارو ماڳهين ڏسڻ ۾ نٿي آيو. سمنڊ جون ويرون ايتريون تہ پوائتيون ۽ ڏهڪائيندڙ هيون جو ڊپ کان اسان جو ساهہ پٽي نڪتو. اسان مڙئي پنڌ ڏوريندا وياسين تان جو هڪ اهڙي هنڌ تي اسان جو پهچڻ ٿيو، جتي اچانڪ سمنڊ جون ڇوهيون ڇوليون اسان جي متان وري ويٺون، پاڻ سنيالي اڳيرا ٿياسين تہ ب ساڳي ڪار- پاڻي گهڙيءَ پني پوڙ تہ گهڙي

www.maktabah.org

گوڏن ۾ ۽ ساعت چيلهه کان چاتيءَ تائين لهندو چڙهندو ٿي رهيو. انهيءَ ٻڏ تر ۾ اسان مورڳو ساهه تان آسرو ڇڏيو. ايتري ۾ پاڻي وات ۽ نڙيءَ تائين اچي رسيو. آن مهل رب سائين کي ياڏايوسين. انت اسان جو عرض اگهاميو. اوچتي غيب مان ۽ نوراني ڇهرن وارا پاڪيزا پکي جن جي پرن مان نور جون تجليون ۽ اندر مان الاهي آواز واريون هونگارون ٿي نڪتيون. سمنڊ جي مڇريل موجن تان ٽهلندا ٽهلندا اسان ڏانهن وڌندا آيا. آن گهڙيءَ سمنڊ ۾ هر طرف سيلاب واري صورتحال نظر ٿي آئي ڇولين کان سواءِ ڪو ڇيهه ئي نه هو. جيستائين پکي اسان تائين پهچن تيستائين اسان ۽ چار گوتا کائي چڪا هئاسين ۽ سمنڊ جو کارو ڪسارو پاڻي اسان جي نڙيءَ مان پار ٿي چڪو هو.

پکين ايندي شرط پنهنجا چنبا ڦگهيڙي اسان کي پاڻ ڏانهن چڪي ورتو. اسان بس حوصلي سان انهن جي چنبن ۽ پنين تائين هٿ وجهي پاڻ کي سوگهو ڪيو. هو اڪ چنبي ۾ اسان کي اهڙي سولائي سان ڇولين جي مٿان کڻي اڏاڻا جو کاٻو ڏکيائي کائن ٿي، اسان هو هو جي هونگار ۾ تہ پکي پنهنجي رفتار ۾ مست، جهٽ نه گذري تہ هو آڏامندا اچي اونهي سمنڊ تي پهتا جتي هيانءَ ڦاڙ ويرن کي ڏسي اسان جا اوسان خط ٿي ٽيا. سامونڊي مڇين ۽ ٻين سهدارن جو ايڏو تہ لڙ گوڙ لڳو پيو هو جو پانءَ تہ ڪنن ٿي اجهو ٿيون تاڙيون ۽ تاڪيون چڙهن. هلندي ايڏا هير دل ٿي پياسين جو اجل چڙ اسان جي مٿان اچي چڪو هو. خيال بدلائڻ لاءِ مون جيئن مٿي نهاريو تہ پاڻ واري پکيءَ کي ساون چنبن سائي چهنب سائي ڪلنگي سان ڏنم ۽ سندس سينهي تي طوطائي رنگ نظر آيو باقي سڄو بدن پرن سميت اڇو اجرو هئس جنهن مان نوراني ريڪائون ٿي آيريون. هر گهڙيءَ هو هو جي هونگار ٻڌي ڪيائين اڪ کڻي جو پاڻ واري دوست ڏانهن ڏنم تہ آن واري پکي

www.maktabah.org

جا چنبا گاڑها، چهنب ۾ گاڙهي ته کلنگي ۾ گاڙهي هيس. پيٽ وارو پاسو ۾ گاڙهسرو پٽي ڏنس، ٻيو سڄو بدن سون واري پکيءَ جيان پرن سميت اڇو اجرو هيس جنهن مان نور جون لاڻون ٽي ڦٽي نڪتيون. هي ۾ هو هو جي هونگار ۽ لڳو پيو هو، اهو عالم ڏسي ڪجهه آئٽ آئي ۽ موت جو ڊپ لهي ويو.

پکي پنهنجي موج ۽ آڏامندا اونهي سمنڊ جي هڪ خاص هنڌ تي اچي لٿا، جتي غيب جو موڪل ياقوت ۽ جواهرن سان جڙيل تخت کڻي آيا، جيڪو طرحين طرحين پوشن سان سنواريل ۽ سينگاريل هو، سنگ مرمر جو اهو گهرو تخت پاڻيءَ تي ڪک پن جيئان بيهي رهيو ته وري هيرن جواهرن جي جڙاوت سان هڪ وَسَنءَ جهڙي ڪرسي آڻي ان تخت جي پر ۽ رکي ادب سان پاسيرا ٿي ٻيٺا، سڄو ڪم راس ٽيندو ڏسي نوراني پکين اسان ٻنهي کي انهيءَ ڪشادي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ پٽي آن ويڪري تخت تي ويهي رهيا. هنن جي ويهڻ سان سمنڊ جا سڀ نندا وڏا جانور ٽولا ڪري اچي آتي سهڙيا ۽ سلامي ڏئي رمندا رهيا. انهن مان قد ڪاٺ ۽ ڪي جبل وانگي پٽي ڏٺا ته ڪي پتڪڙا پٽي نظر آيا. جڏهن انهن جي سلامي پوري ٿي ته ساموندي مخلوق جو وارو آيو جنهن ۽ ساموندي گهوڙا ۽ ساموندي آدم هو، هي سلام ڪري قطارن ۽ بيهي رهيا. ساموندي آدم، اسان آدمزادن وانگي پٽي پاسيو پر قد ڪاٺ ۽ هنن مان ڪو جبل جيڏو ته ڪو اسان جهڙو ٽي ڏسڻ ۽ آيو.

نوراني پکين ساموندي مخلوق مان چند آدم ۽ اٺ گهوڙا طلبيا جيڪي سندن آڏو حاضر ڪيا ويا، هنن انهن کي تاڪيد ڪندي حڪم ڏنو ته هي پٽي فقير (شيخ سلامت ۽ سندس دوست) خدا جي پيارن مان آهن ۽ رسول پاڪ جي آمت ٽيڻ جو شرف رکن ٿا. هي خدائي راهه جي گولا ۽

www.maktabah.org

ڏکتا آهن جيڪو مالڪ الملڪ ۽ صاحب الاملاڪ آهي جنهن اڑڻهن هزار عالم کي پيدا ڪري هيءَ ڪائنات وجود ۾ آندي آهي، انهي وحده لاشريڪ له جي عشق محبت ۽ ذوق شوق ۾ ۽ پنهنجي رسول مقبول ﷺ جي ظاهري باطني ملازمت ۽ خاڪ بوسي جي نيت سان دنيا جهان جي بادشاهي ۽ سرداري ڇڏي، ماڻ پيءُ ۽ مٽ مائٽن جو وڇوڙو سر تي سهسائي فقر فاقا اختيار ڪري، پالٿهار جي پاڻوهه ۾ هيڏو سارو ڪشالو سر ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. اهو ئي اصول ۽ ارادو ولين، نبين، متقين، مشائخن، ابدالن، اوتارن، ڪاملن، اڪملن، مڪملن، عابدن، واصلن، زاهدن ۽ عالمن توڙي عاملن جو هو جنهن جي ابتدا ۽ انتها علم اليقين، عين اليقين ۽ حق اليقين تي انحصار رکي ٿي.

جيڪي بہ ڪاشف، مڪاشف، موحد، مربي، مرشد، مهدي ۽ مُحدث، خدا جا مقرب ليکيا ويڻ ٿا جن حيات توڙي ممات ۾ ڪائنات جي ڇپي ڇپي تي پنهنجا آثار ۽ اُهڃاڻ ڇڏيا آهن. هي ٻئي انهن برگزيدن بزرگن ۽ پلارن جي استفادي لاءِ آتا آهن، انهيءَ عقيدت ۽ ارادت سان جيڪي انهن وٽان هٿن کي بہ ڪا هدايت ۽ ولايت نصيب ٿي. ان لاءِ هي ٻئي بزرگ ۽ ولي جن مان هڪڙو قريشي، فاروقي ٿم ٻيو سرور سلطان آهي. نبين، ولين، مشائخن وٽان جيڪي بر بحر، خشڪي ۽ تريءَ ۾ وسن رهن ٿا، استفادو ڪري، گرمي سردي، توڙي سختي سهي، ڪشف ڪرامت ۾ ڪمال تائين پهچي خدا شناس ٿي هيستائين اچي پهتا آهن، هاڻ چاهين ٿا تہ اهي ولي ۽ ڪامل جيڪي درياهي ۽ ساموندي علائقن ۾ اندر باهر واسو ڪن ٿا تن جون زيارتون ڪري ۽ فائدو وٺي اوري پري تائين پڇهندڙ عجيب اسرارن مان فيض پرائي رهن.

ان بابت هيءَ رت ڪٿي وئي آهي تہ هي ٻئي ساموندي گهوڙن تي سوار ٿين، اهي گهوڙا جيڪي پرن وارا ۽ اُڏامندڙ

www.maktabah.org

آهن، باقي ڇهن گهوڙن تي ساموندي آدم مان ڇهه ڇٽا سوار ٿي هلن ۽ هنن ٻنهي ولين کي هر هڪ ولي ڪامل جي زيارت ڪرائين جنهن جو سمنڊ اندر آستان آهي. هنن کي اهي مڙئي مقام ۽ منزلون جن کان اوهان واقف آهيو گهمائي پڇاڙيءَ ڪوهِ قاف جو سير ڪرائڻو آهي. جيڪو وچ سمنڊ ۾ پهاڙن جي گهيري ۾ آهي. ان جبل جو هڪ بسرو تمام مٿاهون ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو ڇڻ آسمان سان چوٽي گسائي رهيو آهي، انهيءَ جي مٿان هڪ وڻ ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو سدرة المنتهيٰ ٿائي سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ وڏي ۽ وڪري وڻ جي چوٽيءَ تي هڪ وڏو آشيانو (آکيرو) اڏيل آهي جنهن ۾ هماء نالي پکين جو بادشاهه رهي ٿو. دنيا ۾ جتي به جيڪي به ننڍا وڏا پکي پيا ڏسجن آهي ان جا سلامي آهن، ان جو ئي حڪم مڃين ٿا ۽ ان جي هيٺان آهن ۽ هي انهن سڀني جو بادشاهه ليکجي ٿو. انهي پکي هُماء جي خوراڪ آهي پراڻا هڏا آهن جيڪي ايامن کان زمين ۾ پئي ڪاڇي چڪا هجن. (۱)

هي پئي بزرگ (شيخ سلامت ۽ سندس دوست) پنهنجي سرداري ۽ بادشاهي ڇڏي محض مولا پاڪ جي عشق ۽ محبت ۾ زمين آسمان هيٺ اوپر اولهه ڏائين سرگردان ۽ حيران رهي ان بي پرواهه ۽ بي نياز هستيءَ جي ڪولا ۾ جان، مال، شان شوڪت توڙي شاهي ترڪ ڪري آيا آهن. هنن کي آن وڻ ڏائين رسائڻو آهي جنهن جو نالو نشان اسان (نوراني پکي) مٿي ظاهر ڪري چڪا آهيون. انهيءَ وڻ جي آکيري ۾ جيڪو پکين جو بادشاهه هماء رهي ٿو، سو اسان جي امر جو تابع آهي. پوءِ نوراني پکي مون (شيخ سلامت) ڏانهن منهن ورائي چيو ته اسان پئي ساون ڳاڙهن آهيڻن وارا پکي رڳو اوهان جي مددگاريءَ لاءِ آيا هئاسين، هاڻ اوهان هنن ڇهن ڇٽن

---

(۱) هماء پکي بابت ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

ساموندي آدمين سان گڏجي روانا ٿيو ۽ وڃي پڪين جي بادشاهه هماء وٽ پهچو اسان ان کي چاڻ ڪريون ٿا ته هو اوهان جي هر ڪا مدد ڪندو. اوهان دلجاء ڪري روانا ٿيو، پڇاڙي انهن نوراني پکين ساموندي آدم کي چيو ته اوهان هنن ٻنهي (اسان کي) هماء پکي وٽ ڇڈي پوء پلي پنهنجي ماڳ هليا وڃجو، هاڻ اوهان کي اجازت آهي اوهان خير سان هلو ته اسان پنهنجي منزل ڈانهن هليا وڃون.

اسان پوء انهن ڇهن ڇٽن (ساموندي آدمين) سان گڏجي ساموندي گهوڙن تي چڑهي روانا ٿياسون، اسان اولهه طرف رخ رکيو ته نوراني پکي اوپر پاسي راهي ٿياء اسان جا گهوڙا جن کي پر پاتل هٿا زور سان وڌي آڏاٽا، اسان جنهن نموني انهيءَ سير دوران ولين صوفين نبين، متقين ۽ سمنڊ ۾ وسندڙ ٻين خدا جي پيارن ٽوڙي ساموندي نظارن جا مشاهدا ڪيا، تن جي تفصيل کان قلم قاصر آهي. قصو ڪوتاهه، اسان سمنڊ جو سير ڪندا انهن بزرگن جي زيارت کان مشرف ٿيندا وياسين جن جا اتي ٽاڪ هٿا. هر ڪنهن وٽان فيض ۽ فائدو وٺندا اڳتي وڌندا پئي وياسين تان جو اڇي ڪوهه قاف تي پهتاسين. هتي عجيب ۽ اعليٰ قسم جا باغ باغيچا ڏسي حيرت لڳي، قداور وڻن ۾ ڪيترن قسمن جا ميٺا ۽ سوادي ميوا موجود هٿا جن جي لذت بهشتي ميون کان گهٽ ڪانه هٿي. باغ بہ وري اهڙا سهٽا ۽ وٽندڙ جو روء زمين تي ڪين هونداء آهي ميوا ته وڻ ڪنهن جي اکين خواب ۾ بہ ڪونہ ڏٺا هٿا.

وڻڪار ۾ جيڪا گلزاري لڳي پئي هٿي تنهن جي ڇا ڳالهه ڪجي. وڙ وڙ جا وڻ ته طرحين طرحين جا گل جن جي رنگينيءَ ۾ ڪي ئي رونقون سمايل هيون. اسان جيئن اتي پهتاسين. دل باغ بهار ٿي وئي. موقعو غنيمت سمجهي چوٽيان ڏهه چلا بہ پورا ڪري ڇڈياسين جن لاء سفر تي رواني ٿيڻ مهل پئي پور پچايا سين. اهڙيءَ ريت خدا جي فضل ۽ رسول

www.maktabah.org

پاڪ جي مدد سان اسان جا پويان ڏهه چلا پورا ٿيا تہ ڪل چاليهه چلا ٿي ويا جيڪي پڪين جي بادشاهه هماءَ جي باغ ۾ ڪيڏياسين. اهي چلا مقبول ٿيا ۽ هماءَ جي بادشاهي ۾ رهندڙ پڪين اسان ڏانهن رجوعات رکي، انهن مان ڪي پڪي تمام قداور تہ ڪي بلڪل هلڪا ۽ ننڍي قد وارا هئا. پڪين جا مٺڙا آواز باغن جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پٽي پڌڻ ۾ آيا. هر طرف مٺي پاڻيءَ جون نهريون جاري هيون. پڪين جي سونهن جي ڪهڙي ساراهه ڪجي. رات لڙي ڪان پوءِ هنن جي اندر جا آواز جڏهن سندن ڇهنبن تان ٽي وريا تہ ذڪر فڪر جي بيخودي ۽ بيهوشي ڪان هرڪو بي خبر ٿيندو پئي ويو. ڪيترن پڪين تي وجد جي حالت طاري پئي ٿي تہ ڪيترا پڪي حال مست ٿي نيزارين ۾ پئجي ٿي ويا. اسان جي ذڪر فڪر مان ٻڌ ڇڪو لاب ٿي پرايو. اتي جيڪي پٽي ڏٺوسين تنهن ۾ محو ٿيندا پئي ويا سين. باغن جي ڪا پيٽي ڪانہ هئي تہ نهرين جو بہ آڏو مٿو ڪونہ ٿي نظر آيو. اسان پڇائون ڪندا وڃي ڪوهہ قاف جي چوٽيءَ تي بيٺل ان وڻ وٽ پهتاسين جنهن کي سدرةالمنتهيٰ ثاني سڏيو ٿي ويو. اتي جبل جي وري ٻي چوٽي ڏسڻ ۾ آئي جيڪا آسمان تائين هئي. اسان اڏامڪ گهوڙن ٽي چڙهي ان چوٽيءَ تي رسياسين. آتي بہ باغ باغيچا جام هئا ۽ پڪين چوڪيداري ٿي ڪئي. اسان انهن کي ٻتايو جن وڃي پڪين جي بادشاهہ هماءَ کي جاڻ ڪيو. هن (هماءَ) حڪم ڏنو تہ اسان ٻنهي بزرگن (شيخ سلامت ۽ سندس دوست) کي آڏو آندو وڃي.

اسان جيئن آشياني آڏو حاضر ٿياسين تہ پڪين جي بادشاهہ اسان کي ڪڙڪي مان ڏسي فرمايو هي ٻئي اڃا الاهي دربار ۽ حضور اڪرم ﷺ جي مجلس ۾ وڃڻ لائق نہ ٿيا آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي زهد ۽ عبادت وسيلي ڪامل ۽ اڪمل پيا ڏسجن تہ بہ منجهن دنيا جي بوءِ سان گڏ هلڪي سلڪي خواهش بہ

www.maktabah.org

ڪنهن حد تائين سندن هڏن ۾ ڏسجي ٿي، ڪين ڪپي تہ اڃا به پنهنجي فقر کي آڻاهين درجي تي پهچائڻ جي ڪن، جيئن دنيا جي بادشاهيءَ جي بوءِ جيڪا ستن پيڑهين کان هنن جي بدن ۾ وسي رسي ٿي سا بلڪل نابود ٿي وڃي. هي ٻئي تيستائين قطبن، موحدن ۽ عارفن جي منزل تائين نہ رسندا جيستائين چاليهه چلا نہ ڪيو پاڻ کي گهاري ماري نئين سر تيار نہ ٿي ايندا. آن کان پوءِ ٿي هنن کي الاهي ديدار ۽ رسول جي زيارت جو شرف حاصل ٿي سگهندو ٻئي صورت ۾ سڀ ڪجهہ مشڪل ۽ ناممڪن آهي. هي ٻئي هن مهل تائين سخت رياضتون ڪري ڪامل، اڪمل، اطهر ۽ انور تہ ٿي چڪا آهن پر اڃا به ولين ۽ صوفين سان برابري رکن ٿا يا انهن کان ڪجهہ سرس نظر پيا اچن، تنهن هوندي به اسان جو خيال آهي تہ وڏيڪ آنہ، اعليٰ، افضل ٿي. هنڊ، سنڌ، عرب، عجم ۽ روم شام جي ولين جا سرتاج ٻڌجن جيڪي دنيا ۾ خدا ۽ رسول جي دين اندر مقبول ۽ منظور آهن. هنن جي لاءِ اسان جي اها ئي تمنا آهي تہ هي انهن سڀني کان متاهين درجي وارا ٿين جيئن ڪين زمين آسمان جي ستن طبقن ۽ هر مڪان توڙي منزل جي بادشاهي نصيب ٿئي. هي ڪيئي مقام ۽ منزلون طئ ڪري متانهان ٿي چڪا آهن، هنن ناسوت، ملڪوت ۽ جبروت تنهي کي پوئتي رهائي لاهوت ۾ اچيون تہ ڪپايون آهن پر هنن کي اها توفيق گهرجي جنهن جي وسيلي لاهوت جي سير کان پوءِ باهوت پهچي پڇاڙيءَ هاهوت تائين رسي سگهن. انهيءَ طريقي سان ئي هي ٻئي الاهي بارگاهہ ۾ جهڙا ٿي پوندا.

هي ٻئي ننديي جمار جا آهن. لوح محفوظ جي لکت موجب هنن جي عمر هڪ سؤ ورهين تائين ٿيندي. هن وقت جوان هئڻ ڪري زهد ۽ رياضت جا ڪشالا ڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري ڪين همت ۽ جرئت کان ڪم وٺي اها مهم به سر ڪرڻ گهرجي. هنن لاءِ منهنجي صلاح آهي تہ نئين سر

www.maktabah.org

ست ساري چاليهه چلا ٻيا ڪيڊي پورا ڪن! انهيءَ محنت، رياضت ۽ عبادت کان پوءِ ٿي ڪين نبي ڪريم ﷺ پنهنجي حضور ۾ ڪوٺائي دلي ديدار سان سرفراز فرمائيندو جتان هنن کي اهي اعليٰ خدمتون مقرر ٿي ملنديون جن جو درجو ۽ رتبو سڀ کان مٿانهون پيو ٻڌجي. ٻي پاسي سڀ ڪجهه سندن مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ڇو ته هي پاڻ هيلتائين محنتون ۽ مشقتون ڪري پاڻ کي زماني جو قطب ۽ ٻنهي جهانن ۾ مقبول ٻڌائي چڪا آهن. دنيا جي ولين وانگي هنن به پاڻ کي آخرت جي حساب ڪتاب توڙي سوال جواب کان آجو ڪري ڇڏيو آهي. هنن ٻنهي جي ايمان جا ڪاگر ان ڏينهن پريا ويا جڏهن هي پنهنجا گهر گهاٽ، مال، ملڪيتون، ترڪ ۽ تاراج ڪري، شاهي عزت کي ٻن ڏئي مولا پاڪ جي عشق ۽ محبت ۾ بي وطن، غريب، مسڪين، عريان، بريان ۽ گريان ٿي دانهيندا ۽ ڪاهيندا اڳتي وڌندا ويا. هنن محلن ماڙين سان گڏ عيش عشرتون ڪک برابر نه ڄاڻي ڇڏي سڀ کي ترڪ ڏئي دنيا سان گڏ دنيا وارن کان ڇڄي بيزار ٿي، پرديس ۾ هاڃا هٽي گداگر ٿي جيڪي جتن ڪيا تن جي طفيل جنتي ٻڌجي ٻيا ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال ٿيا. ڪين حورن، قصورن توڙي بهشتي محلاتن ۽ باغن بهارن جي مالڪي ملي وئي. پر جيستائين صاحب ۽ رب پاڪ جي وصال ۾ محو ۽ محيط ٿي وڃن درجن حاصل ڪرڻ جو تعلق آهي ان لاءِ اڃا ڪي ڪجهه گهرجي ٿو. جيڪڏهن هن کي وڌيڪ محويت ۽ محيطيت جو خيال آهي ته پوءِ وڌيڪ ٻيا چاليهه چلا ٻه ڪيڊي پورا ڪن جيئن بروقت ڪين ٻڌايو ويو. ان مهابي ٿي رب پاڪ سان موصل. محو ۽ محيط ٿي سگهندا، پر شرط هي آهي ته سري ۽ روحي ذڪر جا مرحلا طئ ڪري تنهن کان پوءِ ذڪر خفي ۽ اخفي ۾ پاڻ کي ايترو غرق ڪن جو پاڻ کان ٿي بي خبر ٿي وڃن ۽ بيجان ٻڌجي پون. نه رڳو ايترو بلڪ

www.maktabah.org

حقيقي عشق جي جذبي ۾ پاڻ کي قتل ۽ شهيد ڪري ڇڏين جيئن سڀني پردا لهي وڃن ۽ هي رب پاڪ سان ملي هڪ ٿين. وري به هنن جي اختيار ۾ آهي جيڪڏهن همت پڏن ته ٿيڪ نه ته آڏون ٻنهي کي حضرت خضر ۽ حضرت الياس جي حوالي ڪري ڇڏيندس جيڪي دين دنيا جو ڪاروبار چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿا ۽ انهن وٽان ئي سڀ مسئلا حل ٿيندا ٿا رهن. هو جيڪي چاهين ٿا سو ئي ٿئي ٿو. هو هنن جي وجود کي جنهن ۾ اڃا سوڙي دنيا جي گندي ڊپ موجود آهي. چاليهه چلا ٻيا ڪيڙائي نوراني ڪري سگهن ٿا. هنن جو سڄو بدن معرفت جي نور سان ڀرپور ٿي ويندو جنهن ۾ ماسوالله، خدا کان سواءِ ڪابه چيز باقي نه هوندي.

پڪين جي بادشاهه هماءِ اسان کي ايڏي ڏگهي هدايت ۽ نصيحت کان پوءِ چيو ته هاڻ سڀ کجهه اوهان جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. اسان ٻئي (شيخ سلامت ۽ سندس دوست) هيڏي ساري حقيقت ٻڌي ٻنهنجي رتبي بابت سوچڻ لڳاسين. اسان ائين ٿي ڄانيو ته هيڏن ڪشالن کان پوءِ ٻنهنجي فقر کي پختو ڪري رب پاڪ سان پورا پڄجي ۽ ان ڏائين پهچي نه چڪا آهيون. ايتري قدر جو جيئن چئون تيئن پيو ٿئي. دنيا ۽ اهل دنيا کي ترڪ ڏئي ايتري حد ڏائين عبادتون ۽ رياضتون ڪيون اٿون، جو سڄي عالم جو احوال اسان ڏي عيان ٿي پيو آهي. زمين آسمان جي ستن طبقن جي ظاهري، باطني حقيقت ۽ خدائي راهه جي ڪيفيت کان وڌي ان جي پاڪ ذات جي محويت ۽ محيطيت ڏائين نه اسان هڏي هٿ ڪيو آهي. پر پڪين جي بادشاهه هماءِ جي خيال ۾ اسان اڃا اهو ماڳ نه ماڻيو آهي جيڪو پهتل هستين جي پاڳ ۾ اچي ٿو. اسان پاڻ ۾ اها ڪوٽ محسوس ڪري نانگ وانگي وڪڙ ڪاڌي ۽ ڪيري جهان ڦٽڪي زمين ڏي لٽڙيون پائڻ لڳاسين. اسان کي ائين سمجهڻ ۾ آيو جڏ جيڪي کجهه ڪيوسين سو سڀ ڪين

www.maktabah.org

ٿي پيو. پورا ايڪويهه سال گهر کان بي گهر ٿي وطن ڇڏي خدا جي جستجوءَ ۾ ڪيئي ڪشالا ڪڍي هن پنڌ تي اچي پهتاسين ته به منزل نصيب ۾ ڪانه آئي، يار سان ملڻ جي آس ڪنڊي ويتر وڇوڙي ۾ ونجي وياسين؟ هاڻ هن حال ۾ ڪيڏانهن وڃون ۽ ڪنهءَ ڪريون! ڪنهن وٽ وڃي ٻاڏايون ته اسان جو ڪو داد ڪيو وڃي.!!

اسان جيئن اهو سڄو مذڪور ٻڌو تيئن دل ۾ آيو ته جيڪڏهن جياپي تان سوس پلي پاڻ کي ڪوهه قاف جي چوٽيءَ تان هيٺ ڪيرائي پنهنجو انت آڻجي، پر هيءَ گهڙي خيال پئي ٿيو ته يار جي ياري وري به وڏي ڳالهه آهي. نيٺ ته هو اسان سان سنمک ٿي رهندو. آخر فيصلو ڪيوسين ته جنهن صورت ۾ اسان کي پاڻ مارڻ ڪري يار کي ڪا به پرواهه نه رهندي ۽ هن تي اهڙا لکين سر گهورجن تڏهن به ڪيس کا غرض نه رهندي ان ڪري اُن جي قضا ۽ رضا تي راضي ٿي وڃڻ چاليهن چلن ڪيڻ جو ارادو ڪيوسين. انهيءَ خيال سان ته جيڪڏهن اهڙي طريقي يار جو وصال نصيب ٿيو ته به اسان لک ڪٽيو. اسان جهڙا ڪيئي جيڪڏهن يار جي راهه ۾ قربان ٿيا ۽ مري کپي ويا ته پٽئي ڪانهي. نيٺ ته ان کي رحم اچي ويندو. اهو سوچي پکين جي بادشاهه کي عرض ڪيو سين ته اسان کي هي شرط به قبول آهي. اهو پڌي هن حڪم ڪيو ته ساموندي آدمين ۽ گهوڙن کي ڇڏيو وڃي ته هو پنهنجي منزل ڏانهن موت ڪائين. تنهن کان پوءِ اسان کي فرمايائين ته هتان کان پر پرو ڪوهه قاف جي هڪ پي چوٽي آهي جيڪا اوهان کي سڄي سون جي نظر ايندي چو ته ان ۾ نبي ڪريم جي عاشق حضرت اويس هڪ غار اندر ويهي ڇلا ڪڍيا هٽا جتي ڪيس حق جو مشاهدو ٿيو هو ان ڪري انهي چوٽي وارو سڄو جبل سونو آهي. انهيءَ جبل جي چوٽيءَ تي هر طرف حضرت اويس چار چونڪيون قائم ڪيون هيون

www.maktabah.org

۽ پاڻ جبل جي غار اندر ويهي خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهيو هو. هن جي اتر ۾ شينهن جي ڏڪ ۾ چيتن جي اوپر ۾ ارڙ بلائن جي تہ اولهہ ۾ وڇن (پٽڻ) جي چونڪي آهي اهي وڇون (پٽون) ٻلي جيڏا ظالم ۽ زهريلا آهن پر حضرت اويس انهن کي تابع ڪري ڇڏيو هو، تنهن ڪري اڄ تائين اهي موذي جانور به اسم ذاتي جي ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مست رهندا اچن ٿا. ليڪن انهن جي ڊپ کان ماڻهون ۽ مرون تہ ڇا پڪي به اوڏانهن وڃڻ جي سگهہ نٿو ساري ان ڪري اهو غار ميدان سميت اڇو اجرو رهي ٿو. غار سڄو سونو آهي ان جي اندر هڪ چشمو نظر ايندو، جنهن جا نارا حوض ڪوثر مان نڪرن ٿا ۽ انهي چشمي کي اويسي چشمو ڪوٺيو وڃي ٿو.

جيڪو شخص علوي درجا طئ ڪري مڪمليت ۽ اڪمليت جي حد تائين رسي ٿو يعني ناسوت، ملڪوت ۽ جبروت جون منزلون آڪري لاهوت ۾ داخل ٿئي ٿو، آن کي انهي چشمي جو پاڪ پاڻي پياري وضو ۽ غسل ڪرائي پنجاهہ نفل ان جي ڪناري تي پڙهائي سندس بدن کي سيني مامرن کان پاڪ صاف ڪيو ويندو، پوءِ ان کي لاهوت جي مقام کان آگاهہ ڪري روحي ۽ سري ذڪر جو ڏس ڏئي خفي ۽ اخفي ذڪر کان آشنا ڪري باهوت واري مقام تي رسائي آڻان ڪيس هاهوت جي مقام تائين پهچايو ويندو، جتي صرف ذات پاڪ جي تجلي هوندي جيڪا آن کي نصيب ٿيندي، پر شرط انهيءَ سان تہ اويسي غار ۾ آن کي چاليهہ چلا ڪيڏا پوندا. غار جي دروازي تي اسان جي پاران چوڪيدار رکيل آهن جيڪي اسان جي حڪم هيٺ هلن ٿا. انهيءَ غار جي چشمي مان اڳئين زماني ۾ حضرت علي ۽ پوئين دور ۾ ڪيئي نامياريا ولي پاڻي پي وضو غسل کان فارغ ٿي چڪا هئا. حضرت اويس پڻ پنجٽيهہ سال ان ۾ خدا کي ياد ڪندو رهيو ۽ انهيءَ

www.maktabah.org

چشمي منجهان پاڻي ٽي پيتائين. هاڻ آئون اوهان کي پنهنجي شهبازن جي حوالي ٿو ڪريان جيڪي فقط حق جي طالبن ۽ واصلن کي پنهنجن پرن تي کڻي اتي رسائيندا آهن. اوهان کي لازمي طرح اتي چار ورهيه پنج مهينا ۽ ڏهه ڏينهن رهي چاليهه چلا ڪيڏا پوندا. هي شهباز انهي عرصي ۾ اوهان جي ملازمت تي مامور هوندا. اوهان انهي حوض ڪوثر واري چشمي مان سيراب ٿي وضو ۽ غسل ڪري دل جمعي سان ذڪر فڪر خفي ۽ اخفي ۾ مشغول رهندا. جيستائين اوهان اتي هوندا تيستائين اهو چشمو اوهان جي ملڪ رهندو اوهان ان جي پاڪ پاڻيءَ سان پياس آجهائيندا رهجو ۽ پنهنجي منشا موجب دل جا مڙئي مطلب پورا ڪجو. آئون پاڻ وڃي حضرت اويس قرنيءَ کان غار ۽ چشمي جي موڪل ونندس ۽ اويسي باغ جي وٽن مان ڦڙي ڏڻ تيار ڪري کڻي ايندس، اوهان جي لاءِ ان وڏان دعا پنندس ۽ ڪيس اوهان جي پارت ڪري ڇڏيندس.

پڪين جي بادشاهه آخر اسان کي پنهنجن شهبازن جي تحويل ۾ ڏنو ۽ پاڻ کي پکي ساڻ ڪري حضرت اويس قرنيءَ ڏانهن هلڻو ويو. شهباز اسان کي پنهنجي پڻيءَ تي کڻي انهيءَ غار ۽ چشمي وٽ وڃي ويا. اسان اتي لهي ائين محسوس ڪيو جڻ بهشت ۾ پهچي ويا آهيون. زمين تي وڻن جا ٻيلا ڦن پکڙيل هئا. وڻن ۾ ڪيترن قسمن ۽ رنگن وارا ميوا انب، صوف پستا، بادام وغيره ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پاڻي برابر پاڪائي وارو ۽ جاءِ به پاڪ صاف ڏسي دل خوش ٿي رهي هئي. هرهنڌ نور جون تجليون هيون اتي رهندڙ سڀني جانورن شينهن، چيتن، ارڙ بلائن ۽ وڃن (ڀٽن) اڇي اسان جي سلامي ڀري سڀني مرحبا مرحبا ڪئي سلاميءَ کان پوءِ سڀئي ادب سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڃي ٽانيڪا ٽيا.

اسان چشمي مان پاڻي پي وضو ۽ غسل ڪري ڏڻي پاڪ جا شڪرانا ادا ڪيا ۽ ٿورا مڃياسين تنهن کان پوءِ نفل

www.maktabah.org

پڑهي دعا گهر اويسي غار ۾ گهڙياسين. چا پيا ڏسون تہ غار جا در ديوارون، ڇت ۽ فرش سڀ وڏي واڪي ذڪر ذاتي ۾ مشغول هئا. هر هڪ وڻ، پن ۽ ٽاريون، گل، ميوا، پکي ۽ شهبار سڀئي ذڪر ذاتي ڪندا ٿي رهيا. هتي ڪهڻن جو بيان ڪري ڪهڻن جو ڪجي. بهرحال اسان جنهن ڪم لاءِ آيا هئاسين تنهن ۾ لڳي وياسين. غار جي پٽ تي ويهي چلا ڪيڻ شروع ڪري ڏناسين. جيئن ٻہ ڪو چلو پورو پئي ٿيو، وري وضو ۽ غسل ڪري وڃي نئين سر چلي ۾ ٽي ويهي رهياسين. ائين ڏٺيءَ جي ڪرم سان، رسول ڪريم جي حرمت وسيلي ۽ حضرت اويس قرنيءَ جي توجهہ سان ذڪر سري ۽ خفي توڙي اخفي اسان جي وجود ۾ پيهي، وار وار مان نروار ٿيڻ لڳو. الحمدلله جو آهو بند جيڪو اسان جي حواسن درميان هو سو پڄي پورا ٿي پيو ۽ اسان استغراق عالم ۾ اهي چاليهہ چلا پورا ڪري ورتا.

جڏهن چار سال پنج مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن پورا اچي ٿيا تہ اسان ائين پائيو جڻ صرف هڪڙي ساعت گذري چڪي آهي جيڪا اسان مراقبو ڪندي ٽپائي ڇڏي هئي. پچاڙيءَ انهن شهبازن جيڪي اسان کي اتي ڇڏي ويا هئا، اچي سڏ ڪري چيو تہ اوهان کي پکين جي بادشاهہ هماءَ پاڻ وٽ گهرايو آهي. اسان هڪدم خبردار ٿي غار مان باهر آياسين، جتي سڀئي وحشي ۽ درندا شينهن چيتا، نانگ ۽ وڇون (ڦٽون) چونڪين تان لهي اسان جي سلاميءَ تي آيا. اها رات چشمي جي ڪناري تي گذاري، انهيءَ مجلس ۾ شريڪ ٿياسين جيڪا حضرت اويس قرني، رسول مقبول ﷺ جي عاشق لاءِ ڪوٺائي وئي هئي. هن ڪامل ولي اسان کي پوري توجهہ سان فيض ۽ فائدو رسايو. اسان صبح جو شهبازن تي سوار ٿي هماءَ پکي جي آشياني تي اچي حاضر ٿياسين. هن پري کان ئي اسان کي ڏسندي حد کان وڌيڪ تعظيم ڏني ۽ فصيح انداز ۾ فرمائين:

www.maktabah.org

اها حقيقت سڀ کنهن اڳيان واضح آهي ته اسان وٽ جيڪو به آيو، اهو خدا ۽ رسول پاڪ ﷺ جي حڪم سان دنيا جو بادشاهه بڻجي ويو. هن جو ڏڏ ڏاڏو ۽ مان شان ڪائنات جي چڪني ڪندڙ تائين عام جام ٿيو. اهي سلطان ابن سلطان ۽ خاقان ابن خاقان جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي زماني ڪان وڌي هنن ڏن شهزادن جي دور تائين پنهنجيون بادشاهيون ڪڪ برابر سمجهي انهن کي ترڪ ڪري، مال املاڪ لٽائي ڦرائي گهر گهاٽ ڇڏي ۽ وطن کان وڇڙي مولا پاڪ جي راهه تي رمندا آيا آهن، تن جي آڏو آڻون پاڻ کي شرمسار ٿو پائيان، ان لاءِ ته کين ڪجهه ڏيڻ لاءِ مون وٽ صرف عزت، دولت، حڪومت، عملداري، مال ملڪيت ۽ دنيا جو شان شوڪت ئي آهي. جنهن کي هي اڳ ئي ٺوڪاري ڦٽو ڪري هن پنڌ تائين اچي رسيا آهن. هنن جي لاءِ آڻون بس ايترو ڪي ڪري سگهان ٿو ته سندن طرفان پنهنجن انهن خاوندن وٽ سوالي ٿي وڃان جن جي غلاميءَ جو ڪٺ منهنجي ڳچيءَ ۾ پيل آهي ۽ منهنجو سڀائين سائين واسطو رهي ٿو اهي دين دنيا جا امام آهن، حضرت امام حسن رضه ۽ امام حسين رضه، جن وٽ آڻون اڳواٽ ئي وڃي اهو مسئلو حل ڪرائي آيو آهيان. هنن جو چوڻ آهي ته اسان نبي ڪريم ﷺ کي اهڙي ڏسي ريت عرض ڪنداسين جيئن اوهان اسان کي چوندا. پر جيئن ٻين بزرگن کي صلاح ڏيندا رهون ٿا تيئن توهان کي به ڄاڻائيجي ٿو ته سيڀي پنهنجي پنهنجي مدعا ۽ مقصد جي لاءِ مڪي شريف وڃي هڪ وڻ هيٺان اوسيڙو ڪن ٿا جنهن جو نالو ابرق الغراف آهي. (1) اهو وڻ نبي اڪرم ﷺ جو خاص وڻ ڪري ليکيو وڃي ٿو جنهن جي پاڇي ۾ پاڻ خلق کي خدا جي دين ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني هٿائون. اتيئي وعظ ۽ نصيحت

(1) اهو وڻ ڪجيءَ جو هو يا ٻير جو؟ ڏسو تعليقات ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾.

www.maktabah.org

فرمائيندا هئا ۽ انهيءَ ڏي هنڌ مسلمانن جي لشڪر کان بيعت کرائي وئي هئي جنهن کي بعيت رضوان سڏيو وڃي ٿو. اهو وڻ اصل ۾ ڪجيءَ جو وڻ آهي جيڪو مڪي جي شهر کان ٻوڙو ٻاهر تي ٻڌجهي ٿو.

هتي جيڪڏهن رمضان مهيني جي پهرين رات پهچي اوسيئڙو ڪرڻ ۾ ايندو ته حضور رسالت پناهه جن وٽان جواب با صواب ملي ويندو. انهيءَ بيان کان پوءِ پڪين جي بادشاهه انسان کي حڪم ڏنو ته هنن شهبازن جي پٺيءَ تي سوار تي اوهان مڪي کان ٻاهر ان وڻ وٽ وڃي ساري رات جاڳي اوسيئڙو ڪندا ته اوهان کي ضرور اهڙو رستو ملي ويندو جنهن سان اوهان جي ذهن کي سڀ کا آگاهي نصيب ٿيندي، اوهان کي اتان جيڪو حڪم ملي ان جي اوهان کي پوڻواري ڪرڻي پوندي. اسان هماءَ پکيءَ جي هدايت موجب شهبازن جي پٺيءَ تي چڙهي هلياسين ته هو اسان کي هوا جي ڪلهن تي اڏائيندا آخر انهيءَ وڻ وٽ آيا. اسان هڪدم انهن جي پٺيءَ تان لهي پنهنجو ٽاڪ ٽاهي وري وڃي ڪعبي جو طواف ڪري آياسين اتان واپس اچي وڻ جي هيٺان ويٺاسين. ٻي ڏينهن تي رمضان مهيني جي پهرين تاريخ هئي اسان دستور مطابق ٽهي ٽڪي آئندي جو اوسيئڙو ڪرڻ لاءِ هيڪاندا ٿي ويٺاسين ته اڌ رات کان پوءِ سائي ڳاڙهي رنگ وارا ۽ نوراني پکي اڏامي اچي ان وڻ تي ويٺا جنهن جو نالو "ابرق الاغراف" هو. هنن ويهندي ئي چهنب چوري مٺڙي آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. اوهان ٻنهي لاءِ سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ، ازواج مطهرهٓ ۽ خلفاء راشدين هزارين سلام آفرينون ۽ مبارڪون موڪليون آهن جو اوهان الاهي معرفت جا پهرين چارئي حصا فقط دنيا کي ترڪ ڏيڻ، حرص هوس ۽ خوف خطرن وارن خيالن کي اندر مان ٽڙي ڪيڻ سان حاصل ڪري ورتا، باقي ٻه حصا جيڪي اقدسي وات وارا آهن تن مان هڪ حصو ڏاڍن

www.maktabah.org

ڏکين ڪشالن ڪيڏ سردي گرمي ۽ سختي نرمي سهڻ سان گڏ عبادت، رياضت، زهد ۽ چلن وسيلي اوهان جي پاڻ ۾ آيو آن دوران اوهان هر طرح جا مرض ۽ مصيبتون ڪاڻي خدا جي رضا تي راضي رهي وڃي پاڻ پياڪ پويون حصو جيڪو عرش جي عظمت ۽ اقدسي بلندي سان تعلق رکي ٿو. ان جو هڪ حصو اوهان کي انهي ڪري پلئه پيو جو اوهان خدا جي برگزيدن پاڻهن جي توجهه، مهرباني ۽ لطف ڪرم تي پروسو رکي انهن ڪاملن، مڪملن، اڪملن، عابدن زاهدن ۽ حق جي عارفن جي آستانن تي (جيڪي حيات چاهي ممات ۾ آهن) وڃي طواف ۽ زيارتن جو شرف حاصل ڪيو ۽ اهي مرحلا اوهان الاهي عشق محبت ذريعي طئ ڪيا. باقي بچي حصي مان ڪشف ڪرامت، ولايت هدايت، حقيقي اسباب زمين آسمان جي ستن طبقن واري سير، لوح قلم، بهشت دوزخ جي ڏيک، عرش، آسماني فرشتن، حورن قصورن جو ديدار ڪري اوهان جي بلي ٿي وياء هاڻ اوهان لاءِ اهڙي ڪابه شيءِ بري بحري ۽ ڪوهي ڪاڻ رهي آهي جنهن جا اوهان مالڪ نه ٿيا هجو، نه وري عمل در حق ڪو اهڙو مسئلو رهيو آهي جنهن جي حل ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪنهن تڪليف جي ضرورت درپيش اچي. توهان هر شيءِ تي غالب آهيو ۽ هر شيءِ اوهان جي مغلوب ٿي چڪي آهي. دنيا توڙي آخرت جي بادشاهي اوهان جي ٿي ڏن ۾ رهندي ۽ هر شيءِ تي اوهان جو حڪم پيو هلندو. بس رڳو هڪڙو حصو وڃي رهيو آهي اهو هيءُ تہ اوهان جو واسطو هڪڙي شيءِ سان پوندو جنهن تي دنيا جي هر چيز جو دارومدار رهي ٿو. اوهان ۾ اصل تہ ان شيءِ لاءِ هيلتائين حيران پريشان رهندا آيا آهيو انهيءِ جي پيٺ ۾ جيڪي ڪجهه بيان ڪيو ويو سو ڪچ برابر نه آهي. اها شيءِ آهي، حضور پاڪ ﷺ محبوب رب العالمين ۽ خدا وند ڪريم رحمان رحيم جن جو ديدار مبارڪ جنهن ۾ محو المحو ٿيڻ جي

www.maktabah.org

سپ کي آون رهي ٿي.

هاڻ پوئين چوٿين حصي مان هڪ حصو وڃي بچيو آهي، هي حصو رتبي، مرتبي، درجي ۽ عروج سان لاڳاپو رکي ٿو. اهو سواءِ کنهن کامل مرشد، اکمل العارفين، هادي ۽ رهبر جي ٻڌي کنهن جي قسمت ۾ نٿو اچي سگهي. ان کي ئي هادي ۽ مرشد ليکيو ويندو جيکو چوڏهن ظاهري ۽ چوڏهن باطني علمن وارو، ان سان گڏ کاملي، مڪملي ۽ اکملي درجن جي حصول کان پوءِ مٿانهون اوج حاصل ڪيل هوندو. اتان ئي مٿي بيان ڪيل رتبو، مرتبو، درجو توڙي عروج ميسر ٿي سگهندو.

رسولي ۽ ربوبي راهه تائين رسائي ڪرڻ ڏاڍي ڏکي گهاله آهي، هادي ڪامل، رهنما، سالڪ ۽ اکمل العارفين جي مدد کان سواءِ کو به انهيءَ منزل کان آشنا نٿو ٿئي. هن راهه ۾ ڪيئي رهزن، ڪاڏکو ۽ شيطان: آدمين جي ويس ۾ هادي رهنما ۽ مرشد بڻجي ماڻهن کي گمراهيءَ جي اوڙاهه ۾ وڃي اڇلائين ٿا. جيڪڏهن ان جي ابتڙ واقعي صحيح نمونو کو هادي ۽ رهبر ملي پوي ٿو ته ماڻهن جا ٻيڙا پار ٿي وڃن ٿا ۽ کين منزل مقصود تائين پهچڻ ۾ کا به اهنجائي ڪانه ٿي ٿئي.

مرشد کامل پنهنجي طالب صادق کي هزارن ورهين وارو رستو هڪڙي ڪرشمي سان طئي ڪرائي سگهي ٿو. هو شيطانن ۽ رهزنن کي پڻ هڪ ئي غمزي سان بي خبر بڻائي ٿو ڇڏي ته کهڙيءَ ريت مرشد پنهنجي مريد کي لڪ لنگهائي پار ڪري ٿو ڇڏي. انهن کي اهڙو ڪوبه پتو نٿو پوي ته هڪ ڪامل هٿان ڪنهن طالب کي ڪيئن سرمدي راهه جو ڏس ملي ٿو ۽ کهڙيءَ طرح وچ ۾ آيل سيئي پردا هڪدم دور ٿي ٿا وڃن ۽ هو سنئون سڌو وڃي ذات پاڪ سان ملي هڪ ٿئي ٿو.

—

www.maktabah.org

باب ڏيو

حضرت شيخ محي الدين عبد القادر رحم جي زيارت

O

آبرق الغراب وڻ تي ويٺل ساڻا ۽ ڳاڙهما نوراني پکي حقيقت ۾ امام حسن رضہ ۽ امام حسين رضہ هئا، جن انسان کي هدايت ۽ ولايت واري وات کان روشناس کيو، پچاڙيءَ ۾ انسان انهن جي ئي ترغيب ڏيارڻ تي مرشد کامل ۽ اکمل العارفين ڏانهن رجوع ٿياسين.

انهن نوراني پکين جي پرسان چار ٻيا پکي نظر پئي آيا جيکي سندن خدمتگار هئا. جڏهن امامن سڳورن پنهنجو مذکور پورو کيو تہ خدمتگار پکي جيکي هٿ ادب جا ٻڌيو پاسيرا ٻيٺا هئا، تن عرض کيو: اي امام المحققين! هي ٻئي بزرگوار زهد رياضت ۾ ايتري حد تائين اڳيرا ٿي چڪا آهن جو پنهنجي محنت ۾ کنهن به قسر جي کوٽاهي کانہ ڪئي اٿائون. هي وحدت جو درياهہ نوش ڪري مست ۽ مخمور ٿي وحدت واري عشق ۾ مستغرق ۽ محيط ٿيڻ کان پوءِ هن پنڌ تي اڇي پهتا آهن. دنيا ۾ تہ اهڙو کو به ماڻهو نٿو سڃهي

www.maktabah.org

جيڪو سندن جتيءَ ۾ پير پائي سگهي، هي ڪامل مرد، هدايت ۽ رهنمائيءَ ۾ سڀ پردا پار ڪري عشق جي آناهين منزل مائي چڪا آهن. هنن جيڪي ڪشف ڪائيا آهن تن سان ڪنهن جي پيٽي ۾ ڪانه ٿي ڏسجي، هي فنا في الله، ۽ فنا في الرسول ﷺ تي اڳرن کان اڳرا بنجي ويا آهن. جهڙيءَ ريت نبوت اسان جي نبي تي ختم آهي، تهڙيءَ طرح ولايت به هنن ولارن تي ختم سمجهي وڃي. اسان جي خيال ۾ نبي جي ذات کان سواءِ ڪو به اهڙو خدا جو بندو نه رهيو آهي جيڪو هنن حق جي عارفن جي وڏيڪ رهنمائي ڪرڻ جي لائق ليکيو وڃي، اسان کي اچرج اها آهي ته آخر اهو ڪهڙو برگزيدو شخص دنيا ۾ موجود ٿي سگهي ٿو جنهن کي هنن جو هادي فيصل ڪيو وڃي؟ جواب ۾ امامن سڳورن فصيح زبان ۽ ملهج بيان سان فرمايو ته: اوهان جيڪي چئي رهيا آهيو سو سراسر سچ آهي، بيشڪ هنن ڪامل مردن جي ولايت ۽ ڪمالييت جو درجو بلند ليکجڻ ڪپي، هي واقعي زماني جا عارف ۽ هن دور جا ڪامل ٿي چڪا آهن. ان ڪري عرب عجم جي ولين ۾ کين يگانو شمار ڪري سگهجي ٿو. هي ظاهري، باطني ڪمالن ۽ مڪملن کان بلڪل بالاتر آهن، ليڪن ان جي باوجود هنن کي اجا هڪ وڏو سفر جهاڳٽو پوندو، جيڪو لاهوت جي مقام کان متي ناسوت ۽ هاهوت واري مقام تائين آهي. انهيءَ اوکي ۽ اڻائي سفر جي وات کان واقف ٿيڻ، ذڪر ٿيل مقامن تائين پهچڻ ۽ سڀ ڪجهه ڏسڻ پسڻ کان پوءِ سموري حقيقت کي سمجهڻ ۽ هيٺين سان هنڌائڻ کي سولو ڪم نه آهي. ان لاءِ کنهن هادي، اڪمل، رهنما ۽ سالڪ جي ضرورت پوندي جيڪو محرم ۽ منزل شناس هجي ۽ جنهن ڪيئي ڀيرا اهي اڻاوا پنڌ پيچرا ۽ ماڳ مقام طئ ڪيا هجن. انهيءَ قسم جو هادي ۽ مرشد ئي هنن ولارن جي رهنمائي ۽ رهبري ڪري سگهي ٿو. جيڪو هنن کي لاهوت

www.maktabah.org

ٽپائي باهوت جو رستو ونائي انسان وري کين هاهوت رسائي.
اُن مهل ئي هنن جا مڙئي مطلب پورا ٿي پوندا ۽ يقين سان
چئجي ٿو ته هنن کي الوهيت جي اتاهينءَ جي آشنائي به نصيب
ٿيندي. هي وحدت جي حد ۾ پهچي رب پاڪ سان محيط
(هيڪاندا) ٿي ويندا. تحقيق انهي گهڙيءَ خدا ته نه ٿيندا پر
خدا کان الڳ به نه هوندا. جيڪي عرش کان متي ۽ هيٺاهينءَ
ته وسي رسي ٿو، هي ان جا مالڪ بڻجي ويندا.

خدمتگار پڪين وري نوراني پکين کان سوال ڪيو:
اهڙي قسم جو منزل شناس مرشد هن آخري زماني ۾ سواءِ
ڪنهن پيغمبر جي ايڏو اڪمل ٿي نٿو سگهي جيڪو هنن کي
سڀني مرحلن مان ٽپائي انت وچي اصل مقام تي پهچائي اچي.
اهو ٻڌي امام سڳورا چوڻ لڳا. اوهان کي ڄاڻ هجي ته،
فخر المرسلين حضرت پيغمبر عليم السلام جڏهن پنهنجي مولا سان
ملاقات ڪرڻ لاءِ معراج هليا ته ڪي ئي ملائڪ ۽ مقرب ساڻن
گڏ هٿ جيڪي اڳتي هلندا پنهنجي پنهنجي ماڳ تي ترسندا
ٿي ويا. ايتري تائين جو هڪ هنڌ خود حضرت جبريل به
پنهنجي ماڳ تي پهچندي بيهي رهيو. نبي ڪريم ﷺ جن کي
اڃا اڳتي وڌڻو هو. جڏهن عرش عظيم ڏانهن وڌندي ڏاڪڻ
(چاڙهي) تي پير رکيائون ته اوچتي هڪ ڏاڪي تان سندن پير
مبارڪ ترڪي ويو. ايتري ۾ هڪ شخص ٻوڙي اچي پنهنجي
تيري نبي پاڪ جي پيرن هيٺان ڏئي کين متي وڃڻ ۾ مدد
ڪئي. حضور جن اهو لقاءُ ڏسي مات ٿي ويا. رکي رکي سندن
دل ۾ خيال پيدا ٿئي ٿيو ته هن جاءِ (عرش اعظم) تي به اهڙا
خدا وارا مرد موجود آهن. جڏهن پاڻ سڳورا الاهي حضور ۾
پهتا ۽ الاهي ديدار کان مشرف ۽ معزز ٿيا ته کين قدسي ارشاد
ٿيو ته اي محمد منهنجا حبيب، منهنجا حبيب! ٽون بيشڪ
نسورو نور ۽ معرفت جي خزاني سان معمور آهين، اسان تنهنجي
ذات جي مقابلي ۾ ٻئي ڪنهن کي به نه خلقيو آهي. ۽ اهو

www.maktabah.org

مرد کامل جنهن عرش جي ڏاڪ (چاڙهي) چڙهندي ڏاڪي ڏاڪي تان پير ترڪ مهل تري ڏني، سو فاني دنيا جي حياتيءَ واري جامي بدلائڻ کان پوءِ به عالم بقا ۾ پيو ويندو، هي سيني قطبن، غوثن پويان تنهنجي اولاد مان پيدا ٿيندو، هن وقت آسماني مقامات ۾ ظهور پيو ڪري ۽ آسماني منزلن جا سير ڪندو ٿو رهي. اهو ٻڌي حضرت پيغمبر صلعم جن پنهنجي رب جا هزارين ٿورا مڃيا. جڏهن پاڻ معراج تان موٽيا تہ انهي مرد ڪامل کي فرمايائون: اي فرزند! اڄ اسان جو قدم تنهنجي مٿان آهي تہ سڀاڻي تنهنجو قدم روءِ زمين جي قطبن، ولين، غوثن ۽ متقين تي هوندو.

اهو غوث الثقلين، قطب رباني، محبوب سبحاني، حضرت ميرمران، پير پيران شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني رحم آهي جيڪو بغداد ۾ وسي رسي ٿو. جتي ناقصن ۽ طالبن جي قلب ۾ وحدت ۽ الوهيت جون هونڪارون ۽ جهونڪارون پيدا ڪري ڇڪو آهي. سڀئي ولي، صوفي، اوتار، ابدال، نقيب، نجيب، غوث، قطب، بادشاهہ، گداگر، مير توڙي پير سندس قدمن هيٺان آهن ۽ هن جو قدم انهن مڙني جي مٿان آهي. هن جي نوراني طبق ۽ جهان نما جام مان هويت، احديت، وحدت، هدايت، ولايت، نوريت ڪماليت ۽ ڪرامت جي حصي رسي سان گڏ قدوسي ڪمال، ڪرامت خلعت ۽ خدمت جي سرفرازي سميت وزارت ديواني ۽ مدار المهامي جا عهدا، فرمان ۽ مذهب، روحاني رازن، الاهي اسرارن ۽ تنهائي وارن نڪتن سميت سپ پلاري پيڻ جي واسطي ۽ ڪوٽوالي جي خدمت جيڪا ظاهري باطني ولين لاءِ مخصوص ٿيل هوندي چبوتري سميت سندس رفيق سلطان سرور لاءِ حضرت پيران پير وٽ امانت رکيل آهن. هي ٻئي قطب الاقطاب ۽ زماني جي غوث جي خدمت ۾ پهچي، پنهنجي پنهنجي امانت حاصل ڪندا، بس رڳو اتي پهچڻ جي دير آهي.

www.maktabah.org

امامن سڳورن جي زبان مبارڪ مان اهو ارشاد ٻڌي
اسان استغراق جي عالم مان بيدار ٿي ادب وچان عرض ڪرڻ
لڳاسين تہ اوهان سڳورن اسان جي رهنمائي ڪري اسان کي
منزل مقصود تي پهچائي اسان کي جيڪي ارشاد فرمايو آهي،
ڏٺيءَ جي حڪم سان اهو جيئن جو تيئن پورو ڪيو ويندو.
پر هاڻي اسان جو ارادو آهي تہ رسول مقبول ﷺ جي زيارت
کان مشرف ٿيندا وڃون، فرمايائون تہ: اهو ڪم بہ غوث الثقلين
هتان سر انجام ٿيندو ۽ اوهان کي جسماني ملاقات ۽ ملازمت
نصيب ٿيندي. پهريان اوهان کي حضرت پيران پير رسالت پناهہ
حضرت رسول ڪريم ﷺ جي بارگاهہ ۾ رسائيندو، پوءِ اوهان
کي خود سرور ڪائنات جن خداوند ذوالجلال جي درگاهہ
تائين پهچائيندا. هاڻ پنهنجون اکيون بند ڪري هٿ اسان جي
قدمن ۾ وجهي تيار ٿيو تہ هلجي! جڏهن اسان پنهنجا هٿ
امامن جي قدمن ۾ سوگها ڪيا ۽ اکيون بند ڪري چڪاسين
تہ انهن (نوراني پکين جي ويس ۾) اسان کي اک چنپ ۾
آڏائي حضور اڪرم ﷺ جن جي روضي مبارڪ تائين آندو، ان
کان پوءِ اسان کي پنهنجن خدمتگارن جي حوالي ڪري پاڻ
روضي پاڪ جي زيارت کان پوءِ غائب ٿي ويا.

اسان دلجاءِ سان زيارت ڪري هفتو حضور جن جي
آستان بوسي ڪندا رهياسين. آخر اتان موڪل وٺي اچي ساڳين
پکين جا پير جهليا سين جن کي نوراني پکي اسان جي خدمت
لاءِ چڏي ويا هئا. ويرم نہ گذري تہ اسان ولايت ۽ هدايت
واري شهر دارالڪرامت بغداد ۾ پهچي وياسين. اسان کي بغداد
جي درياهہ جي ڪنڊيءَ تي هڪ باغ ۾ لاٿو ويو جيڪو
پيران پير جو باغ سڏيو ٿي ويو، ڏاڍو عجيب ۽ وٺندڙ
باغ هو جنهن ۾ نهرون جاري هيون. هر طرف گلزاريون ۽
بهاريون نظر ٿي آيون. هتي شيخ محي الدين جي مڙني پهتل
مريدن جون جڳهيون محلاتن جي صورت ۾ موجود هيون.

www.maktabah.org

جتي وعظ نصيحت جون مجلسون قائم ٿيندیون پئي رهيون.

اسان جڏهن اتي پهتاسين تہ سيڻي وعظ ٻڌڻ ۾ مشغول هٿا ۽ الاهي ۽ محمدي بيان پئي ٻڌائون. پاڻ پاسو ونی باغ جي هڪڙي ڪنڊ تاڙي مراقبي ۾ ويهي رهياسين ۽ مولا پاڪ جي محبت ۾ پاڻ کي محو ڪري ڇڏيوسين. نيٺ اسان واري عشق جي شوق جي آتش حضرت پيران پير جي وجود کي اثر ۾ آندو. پاڻ وعظ هلندي، ٿوري دير ماٺ ٿي وري مراقبي ۾ ويا ۽ ڪنڌ متي ڪري الله جي اسم جو نعرو هڻي آڻيا، اتي جيڪي عارف، ڪامل هٿا آهي بيخبري ۽ بيهوشي مان بيدار ٿي آيي پيرين اٿي بيهي رهيا.

حضرت پيران پير سيني کي واکو ڪري چيو: اي حق جا واصلو ۽ يارو ٻڌو! ۽ ٻڌي غور ڪريو تہ هن مهل ۾ الاهي عاشق ذڪر فڪر. مجاهدي ۽ مڪا شغي واري چادر ڍڪي سيني اسرارن جا محرم ٿي توحيد ۽ احديت جي عنايتن سان درست ۽ محڪم ٿي پنهنجي فقر کي پختو ڪري دنيا جي حرص هوس کان آجا ٿي پنهنجي وجود کي نور ۾ غرق ڪري اچي هتي رسيا آهن.

هي پئي سيد آهن هڪڙي جو تعلق حضرت عمر فاروق رضہ، بي بي آم ڪلثوم رضہ ڏيءَ حضرت علي رضہ ۽ بي بي فاطمہ زهره رضي الله عنهم جي حسب نسب ۽ پاڪ نسل سان آهي، جنهن کي پين پلارو ڪوٿيو وڃي ٿو. هي دنيا جي وڏن مشائخن مان ڳڻيو وڃي ٿو، سندس ڪاملیت اها آهي جو سڄو سارو وحدت جو درياهہ نوش ڪري عشق جي اوڀڙن ۾ غرق ٿيل آهي ۽ اجا ٿائين جڏ آجايل پيو نظر اچي.

پيو سيد سلطان سرور پنجاب پرور آهي جيڪو ڪرسي ۽ ڪرسي امام زين العابدين رضہ سان واسطو رکندڙ وڏو مشائخ ليکجي ٿو. هي پئي پلارا حضرت تاج الانبيا و الاولياء نبي نورالعالمين اسان ڏانهن آماٿيا آهن جيئن بلند مذهب ۽ مرتبي

www.maktabah.org

سان سرفراز ٿـي حضور راکرم ﷺ جي بغلگيريءَ جي لائق بڌجن. اهڙيءَ ريت وچ ۾ آيل سيڀي پردا هٽائي وجود محمديءَ ۾ محو ۽ محيط ٿي سگهن. ائين فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول ٿي پوڙي فنا في الله جو درجو ماڻي رهن. جيڪو هنن کي حضرت رسول مقبول ﷺ جي حرمت سان نصيب ٿيڻ وارو آهي. پوءِ هي تمام متاهينءَ تي رَسي ذات الاهي محو المحو ٿي ويندا. هنن کي ايستائين پهچائڻ لاءِ مشائخن جي ضرورت ٿيندي، هاڻ صلاح هيءَ آهي تہ اسان سيڀي گڏجي هلي انهن سان ملاقات کريون ۽ کين دلداري ۾ ڏيون. اهو چئي پاڻ حضرت پيران پير ات تي چڙهي هليا. پيا بزرگ ۾ پيرين پنڌ روانا ٿيا، بغداد جي شهر ۾ پڙهو گهمايو ويو ۽ ماڻهن کي خبر پئي تہ حضرت پيران پير پنهنجي باغ ڏانهن راهي ٿيو آهي جنهن کي ارم جو ثاني سڏيو وڃي ٿو. پوءِ تہ انهن سان گڏ سڄو جهان آڻي کڙو ٿيو. حضرت پيران پير باغ ۾ پهچي پلاري پيئءَ سان پاکر پائي مليو ۽ کيس مرحبا چوڻ لڳو. پوءِ سيد سلطان سرور پنجاب پرور ساڻ ٻڌ ڏاڍي قرب ۽ محبت سان آڏر پاءِ ڪمائين. ان وقت خدا جي عاشقن ۽ طالبن تي اهڙو وجد جو عالم طاري ٿي ويو جو کي هوش کان باهر تہ کي هوش ۾ رهي آهون الاهون کرڻ لڳا. حضرت پيران پير هٿ جي اشاري سان سيني کي ويهي رهڻ جو حڪم ڪيو ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ وٽي آرام سان ويٺو.

مخدوم شيخ بهاءالدين ذڪريا جيڪو پنهنجي سراتي موجود هو، پنجاهم دربانن ۽ چوبدارن سان گڏجي هر ڪنهن ڪامل ولي، توڙي خاص عام جي سار سنيال ۾ لڳي ويو. حضرت پيران پير هڪ وڏي ڪرسي گهرائي ورتي جيڪا شاهي تخت وانگي ويڪري ۽ سينگاريل هئي، اسان ٻنهي چڙڻ کي هٿ کان وٽي آن شاهي ڪرسيءَ تي آڻي ويهاريائين ۽ پاڻ ۾ اسان

www.maktabah.org

پنهي سان گڏجي ان تي ويهي رهيو. سندس اٺ سان جيڪي ماڻهو ادب وچان اٺ لڳا تن کي ويهڻ جو ارشاد ڪيائين.

مخدوم شيخ بهاء الدين ذڪريا(1) جيڪو پنجاهه دربانن ۽ چوبدارن سان گڏ ولين ۽ عام خاص ماڻهن جي ٽهل ۾ رڌل هو، تنهن کي حضرت پيران پير ياران حڪم ٿيو ته دربانن کي ساڻ ڪري چوڏاري وڃي پڙهو گهماءِ ته اڄ جيڪو به هنن پنهي جو ديدار ڪندو، سو سڀني ننڍن وڏن گناهن کان آجو ٿي ڇڻ ٻيهر پنهنجي ماءُ جي پيٽان جاڄي سنئون ٿيندو بهشتي ٿي پوندو، دوزخ مٿس حرام ٿي ويندو. مخدوم بهاءالدين ملتاني هڪدم ٻڌا ڪم ڇڏي حضرت پيران پير جي حڪم جي پوئواري ڪئي، چئني پاسن کان خلقن جا ڪٽڪ کهي اچي جو ديدار ۽ سلام ڪرڻ لڳا، هرڪو عشق، وجد ۽ استغراق جي عالم ۾ ڏٺيءِ جي در پاڏائي رهيو هو. اڻين سڄو ڏينهن پورو ٿي ويو، تان جو مٿان رات اچي وئي. اڌ رات کان پوءِ حضرت پيران پير اسان کي پاڻ سان گڏ وٺي اتان اٿيو ۽ پنهي کي پنهنجي حويليءِ ۾ وٺي آيو. حويليءِ ۾ داخل ٿيندي قطب الدين دهلوي (2) ۽ قوام الدين شيرازيءِ کي سڏي حڪم ڪيائين ته سيد سلطان سرور پنجاب پرور کي پاڻ سان وٺي وڃي ڪوٽواليءِ واري خلعت پهرائي معرفت ۽ هدايت کان آشنا ڪري، حضرت امام موسيٰ ڪاظم وٽ پهچايو جتي ابد تائين ڪيس رهڻو آهي. اهو فرمان جاري ڪري پوءِ شفقت پري نگاهه سان مون ڏانهن نهاري فرمايائين ته هي پلارو پين اسان جي محلات جي هڪ خاص حجري ۾ رهندو جتي اسان پاڻ هن پياري مهمان جي پرگهور پيا لهنداسين. حڪم موجب آڻون خاص حجري ۾ رهڻ لڳس، جتي حضرت پيران پير رات

---

(1) ڏسو تعليقات
(2) ڏسو تعليقات

www.maktabah.org

ڏينهن ۾ هڪ پيرو دروازي تي اچي، سڏ ڪري مون کان خير عافيت پڇي، مونکي افطار لاءِ ڏڻ پاڻي ڏئي وري حجري جو دروازو بند ڪري هليو ٿي ويو. جڏهن منهنجا ٽي چلا آتي پورا ٿيا تہ حضرت پيران پير پنهنجي سر مون کي کوڙي طهورا سان غسل ڪرائي، پوشاڪ پهرائي مرحبا ۽ مبارڪ چوندي خاص ديوان خاني ۾ وٺي آيو، خلق کي منع ڪئي وئي تہ تن ڏينهن تائين کوبہ انهي ديوان خاني ۾ نہ اچي. پوءِ اسان ٻئي اندر ويهي رهياسين. ٽي ڏينهن گذريا تہ اسان نوراني مشعلن سان اتان نڪري ديوان عام ۾ آياسين. حضرت پيران پير حڪم ڪيو تہ سيئي ڪامل، مڪمل، اڪمل، واصل ۽ عارف مطلق (جيڪي ذات الاهي ۾ محيط آهن) هڪ هنڌ اچي گڏ ٿين. جڏهن سڀ مڙي آيا: شيخ بهاءالدين کي امر ٿيو تہ خدا جا جيڪي بہ خاص ولي آهن تن کي سمجهايو وڃي تہ هي شيخ سلامت "پلارو پين" بادشاهي ترڪ ڪري گدائي قبولي چڪو آهي اسان بہ چڙ گداگر آهيون. اسان ٻنهي جو مزاج بہ ساڳيو سمجهڻ ڪپي. هي اسان لاءِ حقيقي پٽ بلڪ ان کان بہ مٿي آهي اسان کيس پنهنجي اولاد تصور ڪندي سيڪجهہ (جيڪي ڏيڻ بخشش لائق آهي) سندس حوالي ڪري ڇڏيوسين، اسان کي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ وٽان جيڪي ڪجهہ حصي ۾ آيو هو سو هاڻ هن جو ورثو هوندو. هن کي جيئن وٺي ٽيئن اهي ڪتب آڻي، حق سان هڪ ٽي پنهنجا مقصد ۽ مطلب پورا ڪندو رهي. هي ٻنهي جهانن جو بادشاهہ ٻڌجي چڪو آهي، اها بادشاهي هن کي قيامت تائين حاصل رهندي. هاڻ خدا ۽ رسول جي حڪم، چئن يارن ۽ پنجن تنن جي رضا سان، وزارت جي خلعت، ديواني جو منصب ۽ دين دنيا جا ڪاروبار جيڪي وزارت ۽ ديواني سان لاڳاپيل آهن خاص عام مهرن سان سندس تحويل ۾ ڏجن ٿا. هن کان پوءِ سيڪجهہ سندس اختيار ۾ رهندو ۽ هر ڪم

www.maktabah.org

هن جي ئي رضا سان پيو ٿيندو جو هي اسان جو وزير الممالک بڻجي چڪو آهي خود حضور کريم ﷺ جو به اهو ئي امر هو.

انهيءَ فرمان کان پوءِ مخدوم سهروردي (1) ڏانهن نهاري فرمايائون ته اي شهاب الدين اها وزارت ۽ ديواني واري خلعت کڻي هن پلاري پيءَ کي ڏيکاءِ ۽ پٽي مهرون جيکي خاص عام آهن سندس حوالي کري ڇڏ!

انهيءَ اعزاز ملڻ کان پوءِ، اول پاڻ حضرت پيران پير دستگير رحم مبارکباد ڏني تنهن کان پوءِ عارفن کاملن مون کي مبارکون ڏنيون پوءِ مون کي وزارت ۽ ديواني واري مسند تي ويهاريو ويو ۽ دين دنيا جا سڀئي کاروبار مون ڏانهن رجوع کيا ويا. سڀئي عام خاص منهنجي حڪم جي پيروي ۾ اچي ويا. مون حضرت پيران پير جن جي حياتيءَ ۾ ڏهه سال اتي رهي وزارت ۽ ديواني جو کاروبار سنڀاڻ روبرو هلايو، پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي مرشد حقيقي ۽ کعبي تحقيقي سلطان العارفين حضرت پيران پير دستگير جيلاني وٽان موکلائي پنهنجي اباڻي وطن ڏانهن واپس وريس. (2)

---

(1) مخدوم سهروردي. ڏسو تعليقات.

(2) هن کان پوءِ:

شيخ سلامت شيخ مغل پيءَ جي رفيق سفر جي ساڻي سلطان سرور جو نالو کونه ٿو اچي، جنهن مان سمجهيو وڃي ٿو ته هو کانئس جدا ٿي هليو ويو.

www.maktabah.org

باب ٽيون

شريعت جي بيان ۾

○

شريعت موجب ڪئين پرهيزگار ۽ نمازي ٻڌجي روزي، نماز، حج، زڪواة ۽ امرنهيءَ جي ادائگي ڪئي وڃي، ان لاءِ نبي سڳوري ﷺ جو ارشاد آهي ته: شريعت ڪير وانگي، طريقت ڏهيءَ جڏان، حقيقت مڪڙ مثال ۽ معرفت سچي گهر سمان سمجهڻ ڪجي. اهو به فرمان آهي ته شريعت وڻ، طريقت ڏاري حقيقت ٻن ۽ معرفت ميوي وانگر ليکي وڃي. ان بابت هن رسالي ۾ جيڪي آهي سو علم اليقين تصور ڪري ان مان عين اليقين تائين رسائي ڪجي، پچاڙي پنهنجي دل کي حق اليقين جي حوالي ڪيو وڃي. اهو ئي مقصود ماڻڻ جو رستو آهي.

حق جي طالبن کي چاڻڻ گهرجي ته: ڪل چار مقام چار علم ۽ چار عمل آهن، انهن کان متي وري به مقام ٻيا ليکجڻ ۾ اچن ٿا جيڪي مرشد ڪامل وٽان حاصل ٿي سگهندا. اهي مقام ناسوت ۽ هاهوت جا آهن. پهريون مقام ناسوت ليکجي جنهن جو علم شريعت، عمل امر معروف ۽ نهي منڪر آهي. ٻيو مقام ملڪوت جنهن جو علم طريقت، عمل الله تعالي جو

www.maktabah.org

ذکر ۽ فنا في الشيخ آهي. ٽيون مقام جبروت جنهن جو علم حقيقت، عمل توحيد بابت فکر ڪرڻ ۽ فنافي الرسول ٿيڻ آهي. چوٿون مقام لاهوت جنهن جو علم معرفت، عمل فنا في الله تعالي، يعني خدا جي وحدانيت ۾ استغراق اختيار ڪرڻ آهي. معلوم هجڻ گهرجي ته شريعت بغير طريقت، طريقت بغير حقيقت ۽ حقيقت بغير معرفت ڪجهه به ناهي.

نقل آهي ته جڏهن خداوند ڪريم لوح قلم خلقيو ته لوح کي صحيفي واري صورت ملي، قلم ذريعي پنهنجي پڏرائي ذات پاڪ پاڻ فرمايو ته آئون ئي خدا آهيان مون کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪونهي. سو سموري توحيد انهيءَ ۾ آهي. حديث قدسي ٻيا ڪتاب ۽ تصوف جو علم جيڪو بزرگن، ولين عالم ڪيو آهي، اهو انهن ئي گالهين جي چنڊ چاڻ لاءِ آهي. ان کان پوءِ حڪم ٿئي ٿو ته جيڪو منهنجي قضا تي راضي نٿو ٿئي، جيڪو منهنجي مصيبت تي صبر نٿو ڪري، جيڪو منهنجي نصرت تي شڪرانو بجا نٿو آڻي، سو آسمان هيٺ رهي نٿو سگهي. اهڙيءَ ريت رب کان سواءِ ٻيو ڪي طلب فضول آهي.

خداوند ڪريم ميثاق واري ڏينهن ارواح پيدا ڪري انهن ۾ پنهنجي ذات جا ٻه تاثير آپاريا، جن مان هڪ کي جمالي، ٻئي کي جلالي صفت وارو تاثير سڏيو وڃي ٿو. جن ارواحن اندر جمالي صفت جو تاثير وڌيڪ آهي تن کي مسلماني جو لقب ڏئي اسلام ۾ داخل ڪيو ويو، انهن جي اڳواڻي نبي ڪريم ﷺ کي سونپي وئي، انهيءَ جو علم حسنات، مقام جمالي ۽ اسم بهشت رٽيو ويو. جن ارواحن اندر جلالي صفت وارو تاثير وڌيڪ آهي، تن کي ڪافريءَ جو خطاب ملیو ۽ انهن جي اڳواڻي شيطان جي حوالي ٿي ۽ انهن جا سيئي اعمال سياهه ٿي ويا. مقام جلالي جو نالو دوزخ رکيو ويو جيڪو انهن لاءِ ئي مخصوص ٿي چڪو آهي. سا گي ميثاق واري

www.maktabah.org

ڏينهن خدا تعالي حڪم ڪيو: "ڇا آئون اوهان جو خدا آهيان؟" سڀني جواب ۾ هاڪار ڪئي. پر جن تي جلالي صفت جو تاثير وڌيڪ هو، اهي هيڪي بيهي رهيا. نتيجو اهو نڪتو جو ڪي جنتي ٿي جهنمي ٻڌجي ويا.

اهو پڻ جماڻڻ لازمي آهي ته: ڪو به شخص پنهنجي حال کان خبردار نه آهي يا سڀ ڪجهه سمجهندي به ڪجهه قبول نٿو ڪري ۽ نابري واريندو ٿو رهي. ان باري ۾ رب پاڪ پاڻ فرمائي ٿو ته: "مون جنهن کي هدايت ڪئي تنهن کي ڪو به گمراهه ڪري نٿو سگهي ۽ جنهن کي مون گمراهيءَ جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو تنهن جو چاڙهو ڪنهن وٽ ڪونه آهي." هـو جنهن کي گهري تنهن کي نوازي ٿو ۽ جنهن کي نٿو چاهي تنهن کي ڏڪاري ٿو. هن کي فيصلي ڪرڻ ۾ ڪابه دير نٿي لڳي ۽ پاڻ ئي سڀ ڪا خبر چار ڏيندو رهي ٿو، هو جيڪڏهن گهري ۽ جهڙيءَ ريت حڪم ڪري ٿيڻ ئي سڀڪجهه ٿيندو رهي ٿو.

اها به خبر هڪڙ گهرجي ته خدا جا ڪم ئي انتهائي آهن باقي مڙي ئي بهانا ثابت ٿين ٿا. ابوجهل ڪعبي مان نڪتو ۽ ابراهيم خليل الله بتخاني کان باهر آيو. اهو ئي خدائي ڪم ۽ ڪارنامو ليکجي ٿو.

نقل آهي ته ڇهه بزرگ توحيد جي راهه هٿ ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتا، هڪڙو شرف پاڻي پٽ وارو جيڪو علم واري بازو جي قوت سان توحيد جي دروازي تي پهچي ويو پر مرشد ڏي هڪڙ ڪري اندر وڃڻ بدران اتيئي ڪسجي پورو ٿيو. ٻيو شيخ منصور حلاج جيڪو پڻ توحيد جي گهليءَ ۾ قتل ٿيو. ٿيون عين القضات جيڪو پڻ آڻي ڪسجي مري ويـو، چوٿون خواجه احمد غـزالي جيڪو توحيد جـي اڳڻ ۾ خواجه ابوعلي سينا (پنجين) سان گڏ پورو ٿيو. ڇهون شيخ فريدالدين عطار جنهن جو به توحيد جي دروازي تي خاتمو

www.maktabah.org

ٿيو. (1) اهي سيئي نوري هٿا ۽ توحيد جي دروازي تي پهچي پنهنجا پساهه پورا ڪيائون. ابليس ڏوڙي وڃي اصل سبب دريافت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو. دل ۾ چيائين، خواجه فريد سجدو ڪيو ته خاڪ ٿي ويو. ابو علي سينا پنهنجي مشائخي ۾ بيٺو رهيو (سجدو نه ڪيائين)، آخر ڇا لاءِ؟ اڳتي وڌي ابو علي سينا کان پڇيائين: تون رسول جي واسطيداري سان آيو هئين؟ ابو علي جواب ڏنو: رسول ته ناقصن لاءِ آهي ڪاملن لاءِ ناهي، آن تي محمدي چمات لڳس ۽ وڃي اسفل السافلين ۾ ٻيو.

اي طالب! اهي سالڪ ۽ ڪامل هٿا جن ڏٺيءَ در پهچي پاڻ کي فنا ڪيو، ٻيو هن زماني ۾ ٻلا ڪير آهي جيڪو ايڏي محنت مشقت ڪري سگهي ٿو؟ اي طالب، جڏهن خدا ڪنهن جو هٿ جهلي ٿو ته اهو ماڳ تي رسي ٿو، اهڙيءَ طرح هر عمل ڪنهن نه ڪنهن راهه تي انحصار ٿو رکي. اڄ جيڪي ڪجهه (نيڪ بد) بندي جي آڏو اچي ٿو اهو ميثاق واري ڏينهن جو مقسوم آهي.

ماڻهن کي ڏن ڳالهين جي ڪري مونجهارو پيش اچي ٿو: هڪ هيءُ ته هو هر ڪم وقت کان اڳ ڪرڻ چاهين ٻيو ته هو پنهنجي قسمت کان وڌيڪ حصو طلبين ٿا ۽ ٽيون ته هو پاڻ ڪجهه ڪرڻ بدران ٻين ۾ لالچ رکن ٿا. اهيئي ٽي ڳالهيون انهن کي خوار خراب ڪن ٿيون. ٻئي پاسي جيڪڏهن هو صابر شاڪر ٿي گذاري ته هر راحت سندس نصيب ۾ اچي. خطرن ختم ٿيڻ کان پوءِ ٽي هر ڪا آس اميد پوري ٿي سگهي ٿي ۽ ماڻهو پريشانيءَ کان آجو ٿي ڪجهه ڪرڻ لائق ٿئي ٿو. ان کان پوءِ جيڪو به ڪم ڪندو خدا جي حڪم سان ڪيس فتح حاصل ٿيندي. حضور جن جو فرمان آهي: شريعت، خلق سان منهنجي قول جي حيثيت رکي ٿي،

(1) ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

طريقت نفس سان فعل جي، حقيقت خدا سان احوال جي ۽ معرفت ۾ خدا سان اسرار واري اهميت رکندڙ آهي.

اي طالب! هي سيئي مقام هڪ هڪ ڪري بيان ڪرڻ ۾ ايندا تہ جيئن تون انهن تي پوريءَ طرح عمل ڪري ڪامل ٿي سگهين. هاڻ ٻڌ! ناسوت جي مقام جو علم شريعت، عمل امر مصروف ۽ نهي منڪر آهي.

رسول ڪريم ﷺ چوي ٿو شريعت منهنجو قول آهي ۽ محققن جو قول ناسوت جو علم ۽ عمل آهي، اول علم پوء عمل آهي: جيڪو شريعت جي پيروي سان طريقت جي راهہ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. شريعت واري مرحلي کان اڳتي وڌي طريقت جي منزل ۾ پير پائڻ ڏکيو ڪم آهي. جيڪڏهن طريقت پنهنجي ليکي شريعت سان کا موافقت نٿي ڪري تہ پوء محمدي نعمت کان آدميءَ کي محروم رهڻو پوندو. ان جو اصل سبب هي ٻڌايو ويو آهي ٿو تہ بندي لاء اول ڪلمو پڙهڻ واجب ٿئي ٿو جيڪو عين فرض آهي. جيڪڏهن ڪلمو نہ پڙهيائين تہ مسلمان کين ليکيو ويندو. جو تہ ڪلمي پڙهڻ کان پوء ئي هو مسلماني جي خاني ۾ داخل ٿئي ٿو. پي آهي نماز جيڪا دل جي حضور سان با جماعت پڙهڻ کپي ان جا سيئي احڪام، ارڪان، فرض ۽ واجب سنتن سميت ادا ڪرڻا پوندا. پي حالت ۾ آخرت جي عذاب کان جند کانہ ڇٽندي. اهڙي نموني ذکواة مالدارن تي، حج هلندي‌ءَ وارن لاء فرض ڄاڻايو ويو آهي، تنهن کان سواءِ، وضو، غسل، حيض، نفاس ۽ حلال حرام جي مسئلن کان واقف ٿي آمر نهي بجاء آڻڻ گهرجي ۽ جيتري قدر پڄي سگهي فقيرن کي خيرات ڏجي جيئن رب پاڪ فرمائي ٿو: "اسان اوهان کي رزق رسايو تہ اوهان کي بہ کپي تہ فقيرن کي ان مان ڪجهہ ڏيو." اها خيرات ڪنهن بہ ڪافر يا مومن تائين محدود نہ آهي. هن

www.maktabah.org

باري ۾ هڪ آيت اچي ٿي (1) اها آيت حضرت ابوبڪر صديق رضہ لاءِ لٿي هئي. جڏهن کائنس کا شيءِ گهري وئي، پاڻ چيائين تہ ان لاءِ خدا کان پڇيو ويجي. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: مسلمان تي لازم آهي تہ صدقو ڏي. پوءِ آيت لٿي تہ، "تون کنهن جي لاءِ کا به راهہ راس ڪري نٿو سگهين، جاکاڻ تہ راهہ ڏيکارينڊڙ پاڻ خدا آهي جيڪو جنهن لاءِ گهري تنهن کي راهہ ڏيکاري". جيڪي خيرات ڏين ٿا ان جو هر گهڙي ثواب ملڻ لڳي ٿو پوءِ آها خيرات مؤمن توڙي ڪافر لاءِ به هجي تہ کا خطا ناهي. خيرات خدا جي راضي ۽ ثواب جو باعث بڻجي ٿي تنهن ڪري ان کان کنهن به حالت ۾ کيبائڻ نہ گهرجي.

اي طالب! کلمي پڙهڻ سان انسان کي جان، مال، ظاهر ۽ باطن جو امن حاصل ٿئي ٿو. ڪافرن وٽ مسلماني نہ آهي جيئن حضور پاڪ ﷺ جن فرمائن ٿا (2). زماني جا عالم

---

(1) ليس عليك هُدا هم ولكن الله يهدي من يشاء وما تنفقون فلا نفسكم وما تنفقون الا ابتغاء وجه الله وما تنفقون من خير يوفو اليكم و انتم لا تظلمون.

يعني: ناهي توتي ان جي هدايت جي ذميداري، الله جنهن کي گهري تنهن کي هدايت ڪري ٿو. اوهان جيڪي خرچ ڪريو ٿا سو اوهان جي لاءِ آهي ۽ جيڪي خرچ ڪريو ٿا اهو الله جي رضامندي لاءِ آهي. جيڪو به چگو خرچ ڪريو ٿا تنهن جو اجرو ٿي بدلو اوهان کي ملندو ۽ اوهان سان ظلم (هرگز) نہ ڪيو ويندو.

(2) لا يؤمن احدكم حتي لا يحب للا خير كما يحب نفسه،

اوهان مان (قيستائين) کو به مؤمن ٿي نٿو سگهي، (جيستائين) پنهنجي (مسلمان ڀاءُ) کي پاڻ وانگي پيار نٿو ڪري.

www.maktabah.org

توحيد جو ڪلمو پڙهڻ آسان ٿا سمجهن پر ان لاءِ چار فرض آهن: اول هڪ ڀيرو پڙهڻ فرض آهي، ٻيو ٽيڪ پڙهڻ ٽيون قلب جي صدق سان پڙهڻ فرض آهي، چوٿون موت تائين ڪلمو پڙهڻ (پوري صدق سان) فرض ليڪيو وڃي ٿو. جيڪو شخص اهڙي صدق واري نيت سان ڪلمو پڙهندو سو مسلمان سڏيو ويندو ۽ قيامت ڏينهن ان کي مسلمانن مان شمار ڪرڻ ۾ ايندو. ليڪن حقيقي مسلماني پي آهي جيڪا نبين ۽ ولين کي خدا جي فضل سان حاصل ٿئي ٿي. (1)

شريعت ۾ پنهنجي پوشاڪ ۽ بدن کي پاڪ صاف رکڻ جي هدايت ڪيل آهي. ان ۾ ظاهر باطن سڀ شامل سمجهڻ گهرجي. تنهن سان گڏ خدا جي حڪم جي پيروي ڪرڻ ۽ نهيءَ کان پاسي رهڻ به ضروري آهي. حقيقت جي راهه کان طريقت ۽ عالم ملڪوت ۾ پهچڻ کان پوءِ چاڙهو ٿئي ٿو.

اي طالب! شريعت کي ڏرڪ ڏيڻ دنياداري ڇڏجي ۽ دنياداري اها آهي جيڪا آخرت ۾ ڪم نٿي اچي. جيڪا شيءِ خدا جي راهه ۾ خرچ ڪئي ويندي اها دنياداريءَ کان مٿي ليکبي، ليڪن جا شيءِ ريا طور، ننگ ناموس لاءِ خرچ ٿيندي اها روزي، نماز، زڪواة ۽ خيرات تائين دنياداري شمار ڪرڻ ۾ ايندي. ان جو آخرت ۾ ڪم اچڻ ناممڪن آهي.

اي طالب! خدا ٿو فرمائي: "ولقد ڪرمنا بني آدم". ان موجب تو کي واقعي ڇڳن کان ڇڳو ڪري خلقيو ويو آهي. وري ٻي هنڌ ٿو ارشاد ڪري: "لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم" - يعني انسان کي انسان کي بهتر کان بهتر ڪري، خلقيو آهي.

اي طالب! زبان کي ان کان روڪ جيڪي نه چوڻ کپي ۽ اکين کي ان ان کان جهل جيڪي نه ڏسڻ گهرجي.

---

(1) روزا ۽ نمازون اي پڻ ڇڳو ڪم
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان رسين رب کي - شاهه

www.maktabah.org

ائين ڏي ٿون هر معاملي ۾ سوپيارو ڏي سگھندين. آدمي لاءِ آدميت لازمي آهي. جيڪڏھن عود ۾ خوشبوءِ نہ هوندي تہ ان کي صرف کائي ليکيو ويندو.

خدا ٿو فرمائي: (وَ العصر) ان الانسان لفي خسر الاالذين آمنو او عملواالصلحت. (زمانو شاهدي ڏيندو) تہ انسان (سراسر) خساري (نقصان ـ گھاٽي) ۾ آهي سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. پي جاءِ تي چوي ٿو: و ما خلقت الجن والانس الا ليعبدون." اسان انسانن توڙي جنن کي عبادت لاءِ ئي خلقيو آهي. انسان ڪمال جي لاءِ ڏي پيدا ڪيل آهي، نہ کي خواب خيال لاءِ ان کي وجود ۾ آندو ويو.

اي طالب! اج فرصت اٿئي. جيڪي ڪرڻو هجئي ڪري وڃ! ڇو تہ سياڻي ٿوکي وار ڪنھن جي واند بہ ڪانہ هوندي اي طالب! انسان آٿائي خصلت وارو آهي. طبيب جڏھن ڪنھن مريض کي چوي ٿو: فلاڻي شيءِ توکي نقصان رسائيندي، اها نہ کائجانہ ڪپي. تڏھن ان کي پرهيز جو خيال پيدا ٿئي ٿو.

خدا ٿو فرمائي: اوهان جي اولاد اوهان جو مال اوهان جون زالون سڀ (ڏي سگھي ٿو تہ) اوهان لاءِ دشمن ثابت ٿين. رسول ڪريم ﷺ جو ارشاد آهي تہ دنيا ڏوندِ جي حيثيت رکي ڏي ۽ ان جا طلبيندڙ ڪتن وانگر آهن. پر ڏون خدا ۽ رسول جي چوڻ تي نڏو هلين. خبر ناهي تنهنجي عاقبت الاجي ڪهڙي ٿيندي. توکي ائين ٿو جڳائي تہ سياڻي جو ڪم اج ڏي پورو ڪري ڇڏ. جيئن پوءِ کا پريشاني نہ ڏسين.

(نقل) هڪ ڏينهن شيخ سلامت کان ڪنھن سائل سوال ڪيو: مون کي ڏي ڏکيائيون آڏو آهن: هڪ جيڪي دل ۾ رهي ٿو سو نماز مهل ظاهر ٿئي ٿو. ٻيو ڪلام الاهي پڙهڻ وقت ننڊ ڏي اچي، ڏيون جڏھن الله وارن جي ڳالهہ ٻڌان ٿو تہ هڪدم روئڻ ٿو شروع ٿئي ۽ دانهون ٿو ڪرڻ لڳان. جواب ۾ شيخ سلامت فرمايو: نماز سراج القلوب آهي جيئن

www.maktabah.org

ڏيئو گهر ۾ ٻري ٿو تہ گهر جي هر شيءِ ظاهر ٿئي ٿي تيئن نماز ۾ دل جي معاملن جو ظاهر ٿيڻ سمجهيو وڃي. ٻيو: عاشقن جي دل مولا پاڪ جي ذڪر سان قنديل رهي ٿي ۽ خدا جو ڪلام ان لاءِ مرهم جو ڪم ڏئي ٿو، جڏهن مرهم قنن تي پوي ٿو تہ ازخود آرام اچڻ لڳي ٿو. ان ڪري اوڏيءَ مهل ماٺهوءَ کي ننڊ اچڻ لڳي ٿي. ٽيون: الله وارن جون ڳالهيون نيش (ڏنگ) برابر هونديون آهن ۽ اهڙو ئي حڪم رکن ٿيون، جيئن تہ درويش جي دل اڳواٽ ئي قنديل ۽ زخمن کان چور هوندي آهي ان ڪري جڏهن سندس قنن تي ڏنگ لڳي ٿو تہ انسان هڪدم روڄ راڙي ۾ پئجي ٿو وڃي.

www.maktabah.org

باب چوڏون

طريقت جي بيان ۾

○

طريقت جو علم آهي: الاهي راهه تي هلڻ، ان جو عمل خدا پاڪ جو ذڪر ڪرڻ ٻڌايو وڃي ٿو، پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ، فنافي الشيخ ٿيڻ ۽ پنهنجي اندر کي هر قسم جي ناپاڪين کان پاڪ ۽ پري رکڻ. جيئن نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي: تہ طريقت نفس سان منهنجو فعل آهي، جنهن ۽ نفس کي سڃاتو تنهن ڇڻ پنهنجي رب جي پوري سڃاڻپ ڪئي. ٻي هنڌ فرمايل آهي: جنهن ۽ فنا کي ڏيان ۾ رکي پنهنجي نفس جي سڃاڻپ ڪئي، تنهن ڏي بقا سان پنهنجي نفس کي سڃاتو! سالڪ جڏهن مقام ملڪوت ۾ داخل ٿيو تہ ذاڪر ٿي پوندو ۽ پوء هو رات ڏينهن رب جي ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندو. ائين ڏاڪي ۽ ڏاڪي (درجي ۽ درجي) هو قدم وڌائيندو اڳيرو ٿيندو ويندو. طالب تي لازم آهي تہ هو اول ڪلمي جي پوڏواري ڪري. نفي ۽ اثبات جو انت لهي. لا الاالا الله سندس دل جي ڦرهيء تي لکجي وڃي. خدا پاڻ چوي ٿو: مون کي ڏٺندي وهندي، سمهندي ۽ بيهندي ياد ڪندا رهو! حضور جن ۽

www.maktabah.org

فرمائين ٿا: ته رات ڏينهن سانده خدا جي يادگيري ڪرڻ ان کان افضل آهي جو خدا جي راهه ۾ ترار وهائي وڃي (1) ڪلمي جو مطلب آهي ته خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي به عبادت جي لائق نه سمجهيو وڃي. ذاڪر توڙي عالم به ائين ئي ٿا چون ته خدا کان سواءِ ڪابه شيءِ موجود ناهي، ته پوءِ اها عبادت لائق ڪيئن ٿي سگهي ٿي. ڪلمو ناسوت جو ذڪر آهي. لا الا تائين - الا الله ملڪوت جو ذڪر آهي - الله الله جبروت جو ذڪر، ته هو هو وري لاهوت جو ذڪر ليڪجي ٿو. اهڙيءَ ريت لا الله زبان جو ذڪر ته الا الله قلب جو ذڪر، الله الله روحي ذڪر ۽ هو هو سري ذڪر ڄاڻايو ويو آهي.

خدا ٿو فرمائي: تون مون کي ياد ڪر ته آئون تنهنجي يادگيري ڪريان! ذڪر جي معنيٰ ياد ڪرڻ آهي. وري فرمايل آهي: اوهان مون کي زبان سان ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ذڪر جي توفيق سان ياد ڪريان جيئن اوهان سدائين قلبي ذڪر ۾ مشغول رهندا اچو. جڏهن اوهان انهيءَ قلبي ذڪر سان مون کي سارينداتہ آئون موٽ ۾ اوهان کي روحي ذڪر ذريعي ياد ڪندو رهندس. ائين هوريان ڏاڏيان اوهان کي ذڪر سري ڏانهن راغب ڪيو ويندو.

ڄاڻ گهرجي ته ذڪر لساني جڏ مجاهدو آهي ۽ ذڪر قلبي 'ملاحظو' اهڙي نموني ذڪر روحي مڪا شفو ۽ ذڪر

---

(1) جهاد نفس به است از جهاد اسلامي
ڪ در درون امان است دشمن دين را.
"شاه قطب بکري"

پنهنجي نفس سان جهاد ڪرڻ، اسلامي جهاد کان افضل آهي ڇو ته دين جو دشمن (نفس) تنهنجي اندر ۾ پناهه وٺي چڪو آهي.
- مترجم

www.maktabah.org

سري مشاهدو کونجي ٿو. پي پاسي ذکر لساني لاگاپو، ذکر قلبي وسوسو، ذکر روحي راحت ۽ ذکر سري مشاهدو چاٹايو اٿن.

حضور اکرم ﷺ جن جو فرمان آهي خدا وٽ نيڪ بندا آهي ليکيا ويندا جيڪي وڌ کان وڌ ان کي ياد ڪندا يعني خدا جي ذکر ۾ مشغول رهندا. واجب اٿين آهي ته غفلت کان پاسي رهجي اٿين ٿي طالب جي دل ذاکر ٻڌجي ٿي.

بندي وٽ جيڪي ڪجهه آهي سو خدا جي راهه ۾ خرچ ٿيڻ گهرجي. خدا ٿو فرمائي: جنهن پوري پاڪائي سان مون کي ياد ڪيو اها پاڪائي جنهن جي تعريف هيءَ آهي ته خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن جي محبت يا رغبت دل ۾ نه رهي. ته پوءِ اهڙو شخص اٿين سمجهي ته هو بيشڪ آڏجي ويو. وري ٿو فرمائي: پاڻ وساري به پنهنجي رب کي ياد ڪريو! پي هنڌ فرمايل آهي: جيڪو دنياداري جي مزو فڪريءَ ۾ رهيو اهو ڇڻ مڙل آهي. جيڏو ان کي چئجي جنهن پاڻ کي خدا جي ذکر ۾ مشغول رکيو. خدا جي ذکر کان سواءِ جيڪو به پساهه اندر مان ڪڍي ٿو اهو ڇڻ مماتي ۾ شمار ٿيو ٿئي، يعني اهو بلڪل ته هڻڻ برابر تصور ٿيو ٿيندو. حضور اکرم ﷺ جن فرمائين ٿا ته: خدا سان حب، خدا جي ذکر سان حب آهي ۽ ان جي برعڪس (آبتڙ) خدا جي ذکر سان بغض ڇڻ خود خدا سان بغض رکڻ برابر آهي.

پي هنڌ فرمايو اٿن ته ٻي عمل تمام سخت آهن: هڪ هر حال ۾ خدا جو ذکر ڪرڻ، ٻيو پنهنجي ڀاءُ کي ڪنهن مصيبت مان ڇڏائڻ ۽ ٽيون خود پنهنجي نفس سان انصاف روا رکڻ. ان کان علاوه اهو ٻڌ فرمائن ٿا: خدا جو ذکر ايمان جي علامت، نفاست کان نيزاري، شيطان لاءِ حصار (ڪوٽ) اڏڻ ۽ دوزخ کان پناهه ملڻ مثل آهي. اهڙي حالت ۾ ٻانهي کي ڪپي ته رات ڏينهن رب جي ذکر ۾ مشغول رهي.

www.maktabah.org

حضور اڪرم ﷺ جن فرمائين ٿا: سيني (ڪتيل، ڪسيل) مشين جي صفائي لاءِ حيقل (سُونهڻ يا رواڻي) جي ضرورت ٿئي ٿي، سو دل جي صفائيءَ واسطي ذڪر ڪي سونهڻ يا رواڻي (حيقل) سمجهڻ گهرجي.

اي طالب! دل جي صفائي ضروري آهي ان لاءِ ايتري ڪوشش ڪجي جو بدن تي ماس نه رهي، ان کان پوءِ ئي نور جي تجلي نصيب ٿيندي. بدن تان ماس گهٽجڻ ڪري رياضت آسان ٿي پوي ٿي. حديث ۾ آيل آهي ته، "جڏهن تون بکيو ٿيندين تڏهن ئي مون تائين رسندين ۽ جڏهن هيڪلو رهجي ويندين تڏهن ئي منهنجو ميل تو کي ميسر ٿيندو." هي ڀهريون مرتبو ليکجي ٿو جيڪو بيان ٿيو. ان بابت ٻيو مرتبو آهي: دل جي پاڪائي، جيستائين دل پاڪ نه ٿيندي تيستائين ارواح ڪشف نه ٿيندو. انهيءَ طريقي سان ئي پنهنجي دل ۾ روشني ۽ خبرداري پيدا ٿئي ٿي.

اي طالب! دل جا هيٺ متي مڙئي چوڏهن مقام آهن. ڀهريون مقام هي آهي ته دل کي ساڃي پاسي کان سجاڳ رکجي. ٻيو مقام هي ٻڌايو وڃي ٿو ته دل جو ڪاهو پاسو سجاڳيءَ ۾ رهي. اهڙيءَ طرح ساڃي ڪاهي ۾ مقام ٻيا آهن. جن مان ساڃي پاسي ظاهر باطن جو علم ته ڪاهي پاسي حرڪت ۽ بُعد آهي. وري ساڃي پاسي ۾ مقام ٻيا آهن جن مان هڪڙي پاسي بزرگي ته ٻي پاسي فضل آهي ائين ئي ڪاهي پاسي مقام آهيت جنهن ۾ غفلت، واسو ڪري ٿي.

دل جي ساڃي پاسي صحت سلامتي ته ڪاهي پاسي شهوت ۾ آهي، وري ۾ مقام ٻيا آهن جن مان ساڃي پاسي سخاوت جاني ۽ مالي ته ڪاهي پاسي بخيلي ۽ ڪاوڙ آهي. انهيءَ نموني دل جي ٻنهي پاسن ساڃي پاسي ڪي مقام ٻيا ۽ آهن جيڪي دانائي، دانشمندي، حسد ۽ دشمني سان لاڳاپو رکن ٿا.

www.maktabah.org

جڏهن طالب پنهنجي دل کي چڱي ريت پروڙي ٿو ته کيس چڱي مٺي ماموري جي سڃي سڌ پئجي ٿي وڃي. انهيءَ وقت جا به دعا گهرندو قبول پوندي. کيس کپي ته انهيءَ حالت ۾ کشف حاصل ڪري. انهيءَ مقام تائين پهچڻ لاءِ طالب کي ڪيئي منزلون مارڻيون پونديون، پهريون هي ڪم ڪندو جو گهٽ کائيندو، پيو گهٽ سمهندو، جيئن خدا جي يادگيري جو شغل جاري رکي سگهي. ٽيون هي ته ماڻهن سان آٽ ويهه گهٽ ڪندو. چوٽون گهٽ گهالهائيندو. پنجون ماڻهن سان گهٽ حجت رکندو. ڇهون حرام کان پاسو ڪندو. ستون سدائين وضوءَ پاکائي سان هوندو. اٺون معدو خالي ۽ صاف رهندس. نائون ذڪر کان کا گهڙي واندو نه ٽيندو. ڏهون ذڪر ڪرڻ مهل ٽورو دم اندر ڪٽي وڃي جيئن بيقرار ٽيڻ لڳي ۽ دل گهاڙائي ۾ اچي. رياضت ۾ به ايترو احتياط ڪري جيئن بدن تي ماس نه چڙهي ۽ رت بلڪل گهٽجي وڃي. ان کان پوءِ ئي طالب کي معرفت واري واٽ هٿ اچي سگهندي.

فرمايل آهي ته توهان جو هڪ هڪ پساهه اهو گوهر آهي جنهن جي کا به قيمت کانهي، نڪو بدل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو ضايع ٿيو ته واپس نه ورندو پوءِ واجب آهي ته پاڻ کي ضابطي ۾ رک ته جيئن ٻنهي جهانن جو نفعو توکي پلئي پئجي سگهي.

اي طالب! ذڪر ذريعي پاڻ ۾ ڪمي آڻي پاڪ صاف ٿي رهو، ان کان پوءِ توکي رياضت راس ايندي ۽ تون پنهنجي دل کي پرکي سگهندين.

اي طالب! هر ڪم جيڪو تومان ظاهر ٿئي ٿو تنهن جو اسرار ڏڏهن سجهندين جڏهن سالڪ جي حيثيت ۾ تون پاڻ کان خبردار ٿيندين. ان کان پوءِ تنهنجو کو به ڪم اجايو نه ٽيندو.

www.maktabah.org

حديث پر آهي تہ "جيڪو جنهن سان چاهه رکندو قيامت جي ڏينهن ان سان گڏجي پوءِ کڻي اها قوم هجي يا کا شيءِ چو نہ هجي" ٻئي هنڌ آهي تہ "جيڪو جهڙي ڪرت ڪندو محشر ڏينهن ان سان ئي اٿندو." اي طالب! تو کي کوشش ڪرڻ جڳائي جيئن خدا جي ذڪر ۾ مشغول رهندو اچين تہ جيئن قيامت جي ڏينهن تون بہ انهيءَ سان گڏ اٿين. خدا تو فرمائي، "جيڪو دنيا ۾ (عقل کان) اندو رهيو قيامت ۾ بہ اهو ائين اندو (عقل کان کورو) رهندو. خدا کنهن جي جي صورت کي نہ پر سيرت کي ڏسي ٿو ۽ اوهان جي دلين جو پارکو آهي." پوءِ اي طالب، پنهنجي دل کي خدا کان سواءِ کنهن جي يادگيريءَ ۾ نہ ڦاساءِ جيئن توکي بہ خدا وارن جو مقام حاصل ٿئي.

حضور پاک ﷺ جن فرمائين ٿا، جنهن شخص خدا جي وحدانيت تي ڏيان ڏنو تنهن ڇٺ ستر سالن جي عبادت ڪئي، چو تہ خدا جي وحدانيت بابت هڪ ساعت سوچڻ ستر سالن جي عبادت کان افضل آهي. توکي کپي تہ دل کي ڪدورت کان پاڪ صاف رک جيئن خدا سان واصل ٿئين، طريقت جي مقام ۾ ترڪ محبت لازم آهي. طريقت کان حقيقت ڏانهن رجوع ٿيڻ لاءِ اها خاص ۾ خاص ڳالهه ليکجي ٿي. طريقت جو عمل هي آهي تہ خراب ڳالهين کان جيڪي ٽي چڪيون هجن يا ٿيڻ واريون هجن هر طرح پاسو ۽ پرهيز ڪجي. چو جو اهي ظاهري باطني عبادت ۾ رندڪ وجهن ٿيون.

طريقت جي مقام بابت چاڻايل آهي تہ اهو مقام ماڻهوءَ جي دل ۾ آهي، دل ئي سلامتيءَ جو گهر ۽ جنت آهي، اتان ئي لاهوت جي راهه ملي ٿي انسان کي الله ڏانهن روانو ٿي ڪري شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي چاڻ کان پوءِ اربع عناصر جي ڪيفيت معلوم ٿي وڃي ٿي.

www.maktabah.org

اي طالب! توکي جيئن ٻڌايو ويو تون تيئن ڪندين تہ توکي هر ڪم ۾ فتح نصيب ٿيندي. حضور اڪرم ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ "جڏهن دل تان ڪٽ لهي ٿي تڏهن ان ۾ هر صورت صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پوءِ ٿي هرڪو مشاهدو ماڻي سگهجي ٿو. جڏهن ائين انهي مقام تائين رسائي ٿي وئي تڏهن ٿي ڪل عالم جي مالڪي ملي ويندي. جيئن فرمان آهي: "جيڪڏهن خدا ملیو تہ سڀ ڪجهہ ملي ويو." انهي مقام تي پهچندي سالڪ کي ڪنهن شيءِ جي حاجت نٿي محسوس ٿئي. بيت: "جيڪڏهن تون سچو طالب آهين تہ خدا کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ طلب نہ ڪر." ڇو تہ حق جو طالب ڪنهن شيءِ جو ڳچهو (محتاج) نہ هوندو آهي. خدا فرمائي ٿو: "اي بندا جيڪڏهن تون منهنجو ٿيندين تہ مان تنهنجو ٿيندس." طالب توحيد تائين روشناس ٿيو تہ سندس زبان خدا جي ساراهہ ڪندي ۽ سندس دل ۾ اهو اثر پيدا ٿيندو جو اها ازخود ذاڪر ٻڌجي پوندي ۽ پوءِ ان جو وار وار پيو ذڪر ڪندو انهي ڪهڙي هو ذڪر جو بادشاهہ ٿي پوندو اتان تر ٿي ڪري جڏهن روح جي مقام تائين رسندو تہ زبان بند ٿي ويندس ۽ اتفراق ۾ اچي ويندو.

جنهن جو مرشد ڪو به نہ آهي تنهن لاءِ چاڻايو وڃي ٿو تہ ان جو مرشد شيطان آهي. ڪنهن کي پئي آهي جو شيطان کي پنهنجو مرشد ٻڌائيندو؟ ڪير آهي جو هٿ وڌي پاڻ کي زهر ڏيندو.

نقل آهي تہ مڪي ۾ خواجہ نجم الدين ڪبرا نالي هڪ عارف هو قرآن ويڙي پڙهيائين جڏهن فرعون جي قصي تي آيو ۽ هي پڙهيائين تہ فرعون پنهنجي قوم کي گڏ ڪري چيو: "آئون اوهان جو وڏو ڪان وڏو خدا آهيان." تہ خواجہ نجم الدين دل ۾ چيو: فرعون پان کي وڏو رب سڏيو ۽ منصور به پاڻ کي خدا ڪوٺيو گهلهہ تہ ساڳي ٿي! پوءِ خواجہ نجم الدين خدا ڏانهن متوجہ ٿيو. اي ڏٺي! فرعون ۽ منصور ڪهي ساڳي

www.maktabah.org

خدائيءَ جي دعوا ڪئي، مونکي ٻڌاءِ تہ ان جو نتيجو آخر ڪهڙو ٿي چڪو! خواجہ نجم الدين کي ڪشف ذريعي معلوم ٿيو تہ فرعون سخت عذاب ۾ آهي ۽ منصور راحتون پيو ماڻي. خواجہ کي ڏاڍي حيرت لڳي تہ اوچتو هاتف هڪل ڪئي: اي خواجہ نجم الدين! هنن ٻنهي توحيد جي مقام ۾ پاڻ کي داخل ڪيو پر معلوم ٿيو تہ فرعون کي مرشد ڪونہ هو ۽ هن پنهنجي خودي سان پاڻ کي خدا سڏيو. ان ڪري عذاب لائق ليکيو ويو. منصور کي جيئن تہ مرشد هو ان ڪري بچي ويو ۽ راحت نصيب ٿيس. ساڳي وقت سئون سڌو توحيد جي مقام ۾ داخل ٿيو. اهڙيءَ ريت اي طالب، هن راهہ ۾ بنا مرشد جي قوم نہ ڪٽڻ گهرجي نہ تہ صحيح رستو نہ ملندو. جيڪڏهن مرشد ڪامل هوندو تہ ظاهري باطني علم حاصل ڪرڻ سان هر قسم جي دلجاءِ ملي ويندي. بيت آهي تہ:

"مرشد ڪپي جيڪو وڏي جاڻ وارو هجي جيئن اهو هر لباس ۾ يار کي ڇاڻي سيجاڻي."

حضور اڪرم ﷺ جن فرمائين ٿا: مسلمان مردن توڙي زالن تي علم جي طلب فرض آهي. اهو علم پيو نہ بلڪ توحيد جو علم ٿي ليکيو وڃي ٿو. طالب کي ڪپي تہ توحيد جي علم لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي. جيڪڏهن چين ڏائين وڃڻ جو وارو اچي تہ بہ علم جي طلب کان پري نہ ٽجي. رات ڏينهن پاڻ کي علم جي طلب ۾ رجهائڻ کان پوءِ عالمن جي قطار ۾ اچي نبين جي وارث ٿيڻ جو شرف ملي ٿو. کي ماڻهو اهڙا بہ دنيا ۾ پيا آهن جيڪي ٻنهي جهانن کان پري ٿا رهن.

خدا جي راهہ وار کان سنهي ۽ ترار کان تکي ٿئي ٿي. عشق جا ڪونگرا ڏاڍا اڏاهان آهن، جيستائين ڪو پير نہ ڦهائيندو تيستائين هٿ متي ڪونہ پهچندس. عشق جي گهلي انهيءَ ٿي پار ڪئي، جيڪو پنهنجو متو پير ڪري رمندو رهيو.

اي طالب! درويشيءَ جو ڪم ايترو آسان نہ آهي ان

www.maktabah.org

جو موت تائين الکو رکڻو ٿو پوي، درويشيءَ ۾ وات هلائڻ کان وڌيڪ هٿ هلائڻ جي حاجت پوي ٿي. ڳالهاءِ گهٽ، ڪم وڌيڪ ڪر. چو ته هن راهه ۾ ڪم ئي ڪم گهرجي.

اي طالب! نفس کي نفساني خواهش کان پري رکڻ ۽ دل کي اجائين پريشانين ۾ نه وجهه! خدا ٿو فرمائي: "جنهن شخص پاڻ کي نفساني ڳالهين کان پاسي رکيو تنهن جو ٺڪاڻو جاءِ جنت ۾ جوڙائي ڇڏي." ماڻهوءَ کي بيڪار ڪندڙ اهوئي نفس آهي. نفسانيت جيئن غالب ٿئي ٿي خودي منهن ڪڍي ٿي. عزازيل ۽ خودي ڏيکاري جنهن ڪري گمراهي نصيب ٿيس، ۽ لعنتي جو خطاب لڏائين، فرعون ۽ هامان سان به ساڳي جٽ ٿي. فرمايل آهي ته هلڪڙو ماڻهو منزل تي پهچي ٿو، ٿون به هلڪڙو ٿي، عارفن جي صحبت ۾ اچي انان کو اثر پراءِ، ان لاءِ توکي ڪنهن متقي مرد جي پٺيان لڳي فنافي الرسول جو درجو حاصل ڪرڻو پوندو جتان توکي فنافي الله واري وات سؤلائي سان هٿ اچي سگهندي.

www.maktabah.org

باب پنجون

حقيقت جي بيان ۾

○

جبروت واري مقام جو علم حقيقت ۽ عمل فنا في الرسول آهي، هن ۾ ٻيو سڀڪجهه ڇڏي فقط توحيد تي ويچارڻو پوي ٿو. جيئن ارشاد آهي: عارف، هر شيء جي اصليت مان پنهنجي رب جي ذات سڃاڻي ٿو. حضور ﷺ جن فرمائين ٿا: جنهن به مون کي سڃاتو تنهن ڇڻ رب کي سڃاڻي ورتو. اهو به فرمايل آهي ته: احمد بنا ميم جي احد بڻجي ٿو، ان ۾ اهوئي فرق سمجهيو وڃي. اصل ۾ سڄو عالم انهيءَ ئي ميم اندر غرق ۽ گم رهي ٿو.

طالب کي چڱيءَ پرَ سمجهڻ گهرجي: ته جيستائين سالڪ توحيد تائين رسائي نٿو ڪري تيستائين ان کي ڪاب حقيقت معلوم ٿي نٿي سگهي، يعني ان کي ڪنهن به حقيقت جي ڪا پروڙ نٿي پوي. سالڪ جڏهن به توحيد جي معرفت حاصل ڪري ٿو ته ان کي تڏهن ئي حقيقت جو پتو پئجي ٿو وڃي. هن کي معرفت وارو مقام "ربي بربي، لايعرف الله غير الله"(1)

---

(1) منهنجو رب منهنجو رب آهي، نٿو سڃاتو وڃي الله کي سواءِ الله جي.

www.maktabah.org

ٻ ڏهن حاصل ٿيندو. ياد رکيو وڃي تہ جڏهن صفات تي توجهہ ڏنو ويندو تڏهن ٿي رسول اڪرم ﷺ جي ذات تائين پهچڻ جو ڪيئنت (امڪان) پيدا ٿيندو ۽ اتان ئي حق جي ذات سان هڪ ٿيڻ جي راهہ کلي ٿي.

طالب کي خبر هجڻ کپي تہ سالڪ کي جڏهن عرفان جو درجو حاصل ٿئي ٿو تڏهن ان جي زبان ازخود (پاڻ واڻي) خدا جي ثنا ۽ ساراهہ ڪرڻ لڳي ٿي، ڇو تہ الاهي عشق جو جيئن ڪنهن دل ۾ اثر ٿئي ٿو، تيئن اها دل ذاڪر بڻجي ٿي پوي ۽ ان جي عشق ۾ پڻ روز بروز واڌ ايندي وڃي ٿي. انت اها دل مڪمل سلامتي حاصل ڪري وڃي اونهائيءَ پيڙي ٿئي ٿي. جيئن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمائين ٿا: "هڪڙي گهڙيءَ جو ذڪر هزارن ورهين جي عمل کان متي آهي." اي طالب! خدا پاڻ فرمائي ٿو: "اُدْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ" دعا گهر تہ قبول ڪريانءِ. اهوئي اتاهون مقام آهي. ان ڪري طالب تي واجب ٿئي ٿو تہ رات ڏينهن الاهي ياد ۾ مصروف رهي.

ٻيو ڄاڻڻ گهرجي تہ: ماڻهو لاءِ خطرو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي: هڪ ماضيءَ جو خطرو، ٻيو حال جو خطرو ۽ ٽيون مستقبل جو خطرو. طالب کي سوچڻ کپي تہ ماضيءَ لاءِ سوچڻ ڪم عقلي آهي ڇو تہ جا گذري چڪي سا واپس اچڻي ناهي. ساڳيءَ طرح مستقبل (آئندي) جي ڳڻتي پڻ اجائي آهي. ڇا لاءِ تہ اوستائين ڪوبہ شخص ڪنهن بہ ريت کا رسائي ڪري نٿو سگهي. باقي رهي حال جي ڳالهہ! ان لاءِ اهو ويچار ضروري آهي تہ حال کي ڪنهن بہ حالت ۾ هٿان وڃڻ نہ ڏجي. بندي کي هميشہ خدا جي ذڪر فڪر ۾ مشغول رهڻ کپي.

بيت: جڏهن بہ کا اڻائي گهڙي، سڻائي ٿئي ٿي.
تہ جهرڪي بہ باز وانگي، زوراور بڻجي ٿي.

هڪ لڳان پنهنجي مرشد سڳوري کان سوال ڪيم: سائين ٻڌايو تہ طالب ڀلا ڪڏهن ذڪر کان فارغ (واندو)

www.maktabah.org

ٿيندو آهي. جواب ڏنائون: جڏهن هو ذڪر ڇڏي فڪر ڏانهن لاڙو رکي ٿو (مائل ٿئي ٿو). وري پڇيم: پلا فڪر کان ڪيس (طالب کي) ڪڏهن فراغت ملي ٿي؟ ارشاد ٿيو: جڏهن طالب فڪر کان شهود ڏانهن رجوع ٿئي ٿو. ڇو ته فڪر دل جي منزل ۽ شهود روح جو رتبو آهي.

وري سوال ڪيم: طالب شهود کان ڪيئن پار پوي ٿو؟ وراڻيائون: جڏهن شهود مان مشاهدي معائني کان اڳتي وڌي خدا جي رويت (جيڪا الاهي تجلي جڏان آهي) تائين وڃي رسي ٿو. پڇاڙيءَ ڪائن پڇيم: طالب جي رويت کان ڪڏهن فراغت ٿئي ٿي؟ جواب ڏنائون: جڏهن طالب جي دل تان سڄي دوئي (ٻيائي) دور ٿي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻيائيءَ جي هٿي وڃ ڪري سيئي سانگا لهي ٿا وڃن. اي طالب! ڏيان سان ٻڌ! تون ائين ورهين جا ورهيه اطاعت ۽ عبادت ڪندو رهندين ته به وحدت واري وات هٿ ڪري نه سگهندين ۽ تو کي ڪڏهن به وصال حاصل نه ٿيندو. پوءِ ڪٿي تون انهيءَ وچ ته ڪيترا احوال ۽ جلون ڏيرا واقعا ڏيو ڏسندين ته به گهاڻهه ساڳي رهندي. اي طالب! ٻڌي ڇڏ ته هي سيئي ويچا ۽ وٽيون ان ڪري وچ ۾ آيل آهن جو کوڙ سڀ ڪنهن کي هڪ ڪري نٿو سمجهي، نه وري هڪ ڪري ٿو ڏسي. جڏهن سڀ ڪنهن کي هڪ ڪري سمجهيو ۽ ڏسو ويندو تڏهن ٿي کو پنهنجي مقصود کي پهچي سگهندو.

اي طالب ياد رک! ته طريقت خدا جي ذڪر وارو عمل ۽ حقيقت فڪر ڪرڻ وارو مرحلو آهي، جنهن جو سنئون سڌو واسطو خدا جي وحدانيت (هيڪڙائي) سان رهي ٿو. جڏهن سالڪ وحدت واري مقام تي پهچي ٿو، ته ڪيس وليءَ جو لقب ٿو ملي، جيئن فرمايل آهي ته "خدا جا ولي موت جا محتاج نٿا رهن، نه وري هڪ هنڌان ٻي هنڌ ٿا هليا وڃن." خدا خود ٿو فرمائي ته آڏون مري ويلن کي ٻيهر جيئرو ڪري سگهان ٿو.

www.maktabah.org

اي طالب! پڪ ڄاڻ تہ جيڪي ڪجھہ آھي سو تو ۾ ئي آھي عرش، ڪرسي، لوح قلم، بھشت دوزخ سڀ صفات ۾ شامل آھن جيڪي ارواح سميت تو سان لاڳاپيل (متعلقہ) آھن. جڏھن تون پاڻ ايڏي پھچ وارو ٿئين تڏھن ئي پنھنجو پاڻ توتي سڀ ڪجھہ پڌرو ٿيندو. خدا قرآن ۾ ٻڌايو آھي: تہ اوھان کي ٽيستائين ڪابہ نيڪي پلئي ڪانہ پوندي جيستائين اوھان خير خيرات جي ڪا ڳالھہ (عملي طرح) نہ ڪندا جيڪا شيءِ اوھان کي پياري ھجي، حڪم آھي تہ ان جي خيرات يا قرباني ڪريو. جنھن مان اھا پروڙ پوي ٿي تہ اوھان کي ان کان مٿي ڪا شيءِ پياري ناھي. جڏھن اھائي شيءِ وچان نڪري (خيرات يا قرباني) جي صورت ۾ ويندي تہ خود تون وچ ۾ نہ ھوندين ۽ سڄو سارو ھم اوست (اھو ئي آھي) مارد عالم ھوندو. جنھن کي ڪوبہ زوال ناھي، ۽ يقين ڪر تہ اھڙي حالت ۾ تو لاءِ بہ ڪو زوال ڪونہ ھوندو.

اي طالب! خيال ڪر تہ خطا اصل تہ تنھنجي آھي پر تون نٿو ڄاڻين، حڪم آھي تہ جڏھن جسم اندر روح پوي ٿو تڏھن وجود، حرڪت (چرپر) سڪون (ٽاپر) بينائي (ڏسڻ) گويائي (ڳالھائڻ) شنوائي (ٻڌڻ) حياتي ۽ توانائي (جماپو ۽ سگھہ) سڀ ئي اچي ھيڪاندا ٿين ٿا. ان حالت ۾ اي طالب! توکي سمجھڻ گھرجي تہ اھي سڀ صفتون سنيون سڏيون الاھي ذات ۾ شمار ٿين ٿيون. جيڪي توکي ورثي ۾ ڏنيون ويون. توکي ڪپي تہ انھن سيني کي (شڪراني طور) خدا جي راھہ ۾ صرف ڪندو رھہ! تون سڀ ڪجھہ پنھنجي رب کي سونپي چڏ ۽ ڪڏھن بہ پاڻ کي وچ ۾ نہ آڻ! اھڙيءَ ريت جڏھن تون سڀ ڪجھہ چڏي خدا جي راھہ ۾ محو ٿئين تہ پوءِ بہ ڪجھہ ڪيڻ جي نہ ڪجانءِ، جا ڳالھہ تنھنجي راضپي جي علامت ھوندي.

آخر تون وڃي ان مقام تي رسندين جتي تنھنجي لاءِ

www.maktabah.org

سپ ڪجهه هوندو ۽ ٿون سراسر نور ئي نور ٿي پوندين.
شرط اهوئي ته ٿون اڳوات پنهنجو پاڻ قربان ڪري خدا جي
ذات ۾ گم ٿي ويندين. ڇو ته نفي سان ئي هيڪڙائي نصيب
ٿئي ٿي. ياد رکجانءِ ته دل ۾ بي ڪنهن جي جاءِ نه رهندي
ته ٿنهنجو محبوب از خود اچي اها جاءِ والاريندو. ٿون لاالـه
سان سپ ڪجهه اندر مان ڪوري ڏار ڪر ته خود بخود خدا
جي ذات جو ٿو ۾ ظهور ٿيندو. ان کان پوءِ الاالله واري منزل
ايندي، جيئن فرمايل آهي ته هر ڪنهن کي هر حال ۾ نهايت
(پڇاڙي) ئي بدايت (اڳپاڙي) ڏانهن رجوع ڪندي آهي.

www.maktabah.org

باب ڇهون

معرفت جي بيان ۾

○

لاهوت واري مقام جو علم معرفت، عمل فنافي الله ۽ بقا بالله ڄاڻايو وڃي ٿو، يعني رب پاڪ جي وحدانيت ۾ محو ٿيڻ ئي اصل معرفت آهي. حضور اڪرم ﷺ جن فرمائين ٿا: معرفت منهنجو راز آهي جنهن جي ذريعي خدا پاڪ سان سندم واسطيداري رهي ٿي. معرفت جي اصول موجب ٻيائي ترڪ ڪري، خدا جي ذات سان واصل ٿي، دل کي انهن سيني ڳالهين کان پراهون ڪرڻ گهرجي جيڪي غير حق ليکيون وڃن ٿيون. طالب کي ڄاڻ هڻڻ کپي ته معرفت ۾ پنج عمل پيش اچن ٿا: هڪ هي ته قسم نه کڻجي جيڪڏهن قسم کڻجي ته سچو کڻجي. ٻيو هي ته ڪوڙ بلڪل نه ڳالهائجي. ٽيون اهو ته سدائين مات رهجي. جيئن ارشاد آهي ته جيڪو مات رهيو، اهو ئي سلامتيءَ کي رسيو. جنهن کي سلامتي ملي انهيءَ ئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو. چوٿون اهو ته جيڪو به وعدو ڪجي اهو نياڻڻ کپي ۽ پنجون عمل هي آهي ته جاني ٿوڙي مالي سخا ڪئي وڃي. طالب کي هدايت ٿي ڪجي ته وس ويندي ٿورو ڳالهائجي

www.maktabah.org

سو به تڏهن جڏهن کو موقعو ملي نه ته مات ڏي رهجي. فرصت ملڻ تي جهنگ ٽوڙي بيابان ۾ وحدت جو مراقبو ۽ ملاحضو ڪرڻ کپي. ڳالهائڻ کان پوء جيڪي ڳالهايو وڃي سو دل سان هنڌائڻ گهرجي جيڪڏهن کا پل چڪ ٽي هجي ته ان جو ازالو ضروري چاتو وڃي، نه ته وحدت ۾ يڪانگي واري ڪسب کان محروم ٽيٽو پوندو. ٻيو هي ته ضرورت کان سواء ڳالهائڻ اجايو آهي. جيڪڏهن نه رهي سگهجي ته اهڙي حالت ۾ ٽورو ڳالهايو وڃي، هرو ڀرو حد نه اورانگهڻ کپي. وحدت کي هڪڙي گهڙي به پاڻ کان الڳ ٽيڻ نه ڏجي. ماڻهوء کي کپي ته جنهن به مجلس ۾ ويهي، پاڻ کي اڻ وانگي ڪرمش ۾ آڻڻ گهرجي، متان کا غفلت نه ٽئي. ڪوشش اها ڪرڻ کپي ته ڪثرت مان به وحدت جو ظهور ٽيندو وڃي. طالب کي ياد رکڻ گهرجي ته اڪيلو ويهڻ، اڪيلو رهڻ دل جمعي جو باعث آهي. وحدت جي پروڙ کان پوء ئي الاهي لطف جو اظهار ٽيڻ لڳي ٽو ان صورت ۾ سيٽي حق ادا ڪري سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن سبب جي ڪري رهجي ويل هوندا. پوء ڪنهن کي ڪنهن به شخص يا ڪهڙي به شيء جي ڪا حاجت نٽي رهي. ان حد ۾ اچڻ کان پوء خدا پاڻ بندي جو وڪيل ٽئي ٽو ۽ بندو سدائين پنهنجي حال ۾ حاضر هوندو.

جيڪي گذري چڪو هجي يا جيڪي ڪجهه آئيندي آڏو اچڻو آهي تنهن کي ياد نه ڪجي. ٻيو ته وحدت جو ملاحضو هر وقت ڏيان ۾ رکيو وڃي جيڪا به نيڪي بدي ڏسجي تنهن کي وحدت واري درياهه ۾ لوڙهي ڇڏجي جيئن معرفت وارو درجو حاصل ڪندي دير نه لڳي. وحدت بابت جيترو به گهڻو ڳالهايو ويندو، ٽورو ٽيندو، جيڪڏهن ان جو ڪو ٽورو بيان به ڪيو ويندو ته اهو گهڻو ليکجڻ ۾ ايندو.

طالب کي سوچڻ کپي ته هو جڏهن پاڻ کان پرتي

www.maktabah.org

ويو تہ جڏھن فنا ۾ داخل ٿيو ، جڏھن ھو فنا جي وچ ۾ آيو تہ جڏ بقا ۾ پھچي چڪو. سيني سان نياز مندي ۽ وارو رستو اختيار ڪرڻ گھرجي ڇا لاءِ تہ اھو ئي عين مطلوب آھي. دشمن سان بہ وس پچندي دوستي رکجي جو اھو خود مقصود آھي. آن سان گڏ لازم آھي تہ پاڻ کي بہ پنھنجي نگاھن ۾ رکندو اچجي جو اھا عين محبوبي آھي. (1)

طالب کي معلوم ھجڻ گھرجي تہ جيڪي ڪجھ ھن جھان ۾ پڌرو ٿئي ٿو ، سو پھريان ذات جي پردي ۾ ھو ، پوءِ وري ذات خود ان جي صورت ۾ پڌري ٿي ، ائين ذات پنھنجي علم عين ۽ جلوي فرمائي ۾ آئي ۽ ان جو رنگ روپ اختيار ڪيائين. جيڪي ڪجھ پردي ۾ ھو سو بہ جڏ ذات جوئي وجود ھو. ٻي ڪابہ شيءِ ان ۾ ڪائنہ ھئي پوءِ ذات خود بخود (پاڻ واڻي) سڀ ڪجھ بڌجي عاشقيءَ جي پوشاڪ ۾ آئي ، پچاڙيءَ بندگي ۽ خدائي وچ ۾ وارد ٿي جنھن ازلي ابدي ڪارخانو قائم ڪيو.

طالب کي ائين سمجھڻ گھرجي جڏ اڃا اتيئي آھي جتان ھليو ھو. ائين ڪرڻ سان ئي ھو آزاد ٿي سگھي ٿو پوءِ ڪيس کو بہ غم الم محسوس نہ ٿيندو. سلطان بايزيد بسطامي ھن باري ۾ فرمائي ٿو: سبحاني ما اعظم شاني ، عين القضات جو پڌ اھو ئي فرمان پڌجي ٿو تہ قم باذني ، تون منھنجي اذن (اجازت) سان اٿي ڪڙو ٿيءَ ائين منصور حلاج بہ انا الحق جو نعرو ھنيو تہ

---

(1) عرفي چوي ٿو: خواھي ک عيب ھاءِ تو ، روشن شود ترا
گاھي منافقانہ نشين در کمين خويش.
جيڪڏھن پنھنجا عيب پاڻ ئي معلوم ڪرڻ چاھين ٿو تہ ڪا گھڙي پنھنجي تاڙ ڪري ڏس تہ تو کي پتو پڄي ويندو.
ـ مترجم

www.maktabah.org

خواجہ جُنيد بغدادي کي ہ آخر هيئن چوٽو ٻيو: آئون ٿيهن ورهين کان پنهنجي خدا سان ٻيو گهالهايان، پر خلق ٽي چوي ته هي اسان سان ٽي ٻيو گهالهائي. انهي ائين ہ چيو آهي: ما رايت شيئا اِلا رايت الله فيه (جيڪا شيءِ ڏسندو تنهن ۾ الله کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏسندو). اصل ۾ بزرگ (ولي) چئجي ٽي ان کي جيڪو ظاهر ۾ ته خلق سان مخاطب هجي پر باطن ۾ ہ ان جو سڏو سڏو خطاب الله پاڪ سان هجي.

بيت:

آئون ٽي خـدا آهـيـان، مون وٽ ڪهڙ ۽ ڪينو ڪونهي!
آئون خدا سان ملي هڪ ٽي چڪس، مون کي الاهي دفتر جي جاڻ ملي وئي.

طالب کي خبر هجي ته خدا وارن جي نظر ۾ سواءِ خدا جي ٻيو ڪي سمائجي نٿو سگهي، خدا پاڻ ٿو فرمائي: "اوهان جتي ہ هجو آتي آئون اوهان سان هوندس." وري فرمائي ٿو: "آئون اوهان ۾ ٽي آهيان، پر اوهان مونکي ڏسي پسي نٿا سگهو!" هي ہ سندس ٽي فرمان آهي ته: "آئون اوهان کي ڪنڈ جي رڳ کان ہ ويجهڙو آهيان." وري ٻيو فرمائي: "اي محمد! جڏهن توکان ڪو منهنجي باري ۾ پڇي، چوينس ته آئون (خدا) تنهنجي نزديڪ ٿـي آهيان." پڇاڙي ۾ ائين ہ ٻيو فرمائي: جيڏانهن ہ نهاريندين تيڏانهن توکي آئون ٽي نظر ٻيو ايندس. (1)

اي طالب، توکي جاڻ ٽي ڏجي ته: ڪائنات جي پيدائش چئن شين ٻاهر، پاڻي، هوا ۽ مٽيءَ مان ظهور ورتو آهي جن

---

(1) اِيـڪ قصر در لک، ڪـوڙيـن، ڪٽس ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پـرک، تيڏانهن سـجـڻ سامهون

"شاهہ" ـــ مترجم

www.maktabah.org

۾ نفس، آواز حرکات (چرپر) سکنات (ٽاپر) سيڪجهه آهي.
جڏهن کنهن کي کو مرشد کامل ملي ٿو ته اهو پنهنجي طالب کي انهن چئني عنصرن جي سمجهائي ۽ سجهائي ڏئي ٿو. جڏهن به کو اسم وچ منجهان نروار ٽئي ٿو ته سچو عالم ملي هڪ ٽي ٿو وڃي. جهان پنهنجي روپ ۾ اصليت (حقيقت) سان واسطو رکي ٿو. جڏهن اصليت کي ڏسبو ته هڪدم همراوست (اهو ئي سيڪجهه آهي) وارو حال نظر ايندو. طالب جڏهن اها سچي حقيقت پروڙي ٿو ته وحدانيت ۾ محو ٽي ٿو وڃي، ان مهل جيڪڏهن ان کان کو سالڪ سوال ڪري ٿو: ڪٽي آهين؟ ڪيڏانهن پيو وڃي! ۽ ڇا آهي؟ ته جواب ۾ هو فقط الله جو نالو ڏهرائي ٿو. جڏهن سالڪ جو ظاهر باطن (اندر باهر) هڪ ٽي وڃي ٿو ته هو ذات باري ۾ محو ٽي ٿو وڃي. پوءِ هن جي زبان منجهان رڳو الله ئي نڪرندو پيو کي به نه هوندو.

اي طالب! هي اهو مقام آهي جتي داخل ٿيڻ تي حيرت ۾ پئجي ڪڏهن ظاهر ته ڪڏهن باطن ۾ وڃڻو پوي ٿو. سالڪ اتي پهچي جڏهن به کنهن کي سڏ ڪندو يا طلبيندو ته رڳو پاڻ کي ئي لهي سگهندو.

جيستائين کو مرڻ کان اڳ نٿو مري تيستائين ان کي مٽيون مقام نٿو ملي. جنهن شخص فقر کي انتها تائين پهچايو، سو ئي جاڻ ته پنهنجي رب تائين رسي چڪو. پوءِ اهو بندو سچي عالم جو حاڪم بڻجي ويندو، سندس زبان مان جيڪي نڪرندو، سو ئي ٿيندو. ان لاءِ هڪ ارشاد آهي: "خدا جي ذات ۾ هڪڙي گهڙي محو ٿيڻ دنيا توڙي آخرت جي سڀني عبادتن کان افضل آهي."

اي طالب! جاڻ ته خدا وارا اهڙي مقام تي تا پهچي وڃن جو انهن جي هڪڙي گهڙيءَ جي عبادت به وڏي رتبي

www.maktabah.org

واري ليڪجڻ ۾ آڇي ٿي. انهن جو رات ڏينهن اهو ئي حال هوندو آهي جو رب جي ذات ۾محو رهي پاڻ کي دنيا و مافيها کان الڳ ڪري ڇڏيندا آهن. فرمان آهي ته جنهن پنهنجي رب کي سڃاتو سو گونگو ٿي ويو:

بيت:

پاڻ کي درگذر ڪري ڇڏ تہ وصال ماڻين!
ڇو تہ هن راهہ ۾ پاڻ وارڻ ڏي ڪمال آهي.

اي طالب! ڇڏو ائين جاڻ تہ: انهي بي رنگ ذات جو ڪسب ۽ تصور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪسب کان منهن موڙيو ويندو تہ پوءِ ان صورت ۾ اها کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ سيئي عبادتون ۽ سلوڪ واريون رياضتون ان بي رنگ ذات لاءِ ڪرڻيون پونديون. خدا بہ انهن ئي عارفن کي پيارو ٿو گهري جيڪي سڄي خلق سان پيار ڪندا رهن ٿا. توکي بہ ائين ڪرڻو پوندو. تون ڪنهن ساڻ بہ دشمني نہ رک! جيڪي ڪجهہ ڏسين، پسين پيو، سو سڀ پنهنجو ۽ پيار جي لائق ڪري جاڻ ان کي ڪڏهن بہ اوپرو نہ سمجهہ!

اي طالب! پنهنجي اندر توڙي باهر مان دوئي (پرائي) دور (پراهين) ڪرڻ ئي اصل مقصود آهي. جڏهن دوئي ڪنهن مان دور ٿي وڃي ئي تہ پوءِ اهو هيڪڙائي جي واسطي سان پنهنجي من ۾ صرف "الله" ئي رکي ٿو. سيئي ولي توڙي نبي ان گاله، تي اتفاق رکن ٿا. اي طالب! شغل ڪيترن قسمن جا ٿين ٿا. جن جي انتها (پڇاڙي) روحي کان شروع ٿي خفي، اخفي تائين رسي ٿي. اهي حقيقتون صرف لفظن ۽ حرفن تائين محدود نہ آهن بلڪ انهن جو لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو باهوت کان هاهوت تائين رهي ٿو. اهو راز رڳو مرشد ڪامل وٽان معلوم ڪري سگهجي ٿو. هڪ هنڌ ارشاد آهي تہ: "آدم ۾ روح، روح ۾ راز ۽ راز ۾ وري خفي اخفي جا سلسلا

www.maktabah.org

(ڪڙيون) موجود آهن جن ۾ هو پاڻ ئي وسي رسي ٿو ۽ ان جي ذات وڏين ڪاڪائين واري آهي.

نبي ڪريم ﷺ ٿو فرمائي: "دنيا آخرت وارن تي ۽ آخرت وري دنيا وارن لاءِ حرام آهي. تنهن ڪري دنيا کان هر حالت ۾ پاسيرو ٿي اصل حقيقت ڏانهن رجوع ٿيڻ گهرجي." اي طالب! خبردار ٿيءُ تہ ڪائنات ۾ خلق گهٽي آهي پر خوش نصيب اهوئي شخص ليکيو ويندو جنهن ۾ ماڻهپي جي ڪا بوءَ بڻاس هوندي. خدا پاڪ ٿو فرمائي: "انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون سندس راز آهيان."

هڪ پيري مون (شيخ مغل پيءُ) پنهنجي مرشد کان سوال ڪيو: تہ قبلا! بهشت بابت پڌڻ ۾ اچي پيو تہ اتي ڪيتريون خوبيون ۽ عيش عشرتون آهن. اوهان پلائي ڪري پڌايو تہ اهي وڌيڪ ڄائجن يا خدا پاڪ جو وصال وڌيڪ ڄاتو وڃي. جواب مليو: خدا پاڪ جو وصال ڇڻ هڪ درياهہ آهي. بهشت ان جي قطري (ڦڙي) برابر سمجهيو وڃي. قطرو درياهہ ۾ داخل ٿيندي ئي گم ٿيو وڃي ٿو، توکي به ڪپي تہ درياهہ پيڙو ٿي پاڻ کي قطري جڏان ان ۾ سمائي ڇڏ ڇو تہ جڏهن قطرو درياهہ ۾ داخل ٿئي ٿو تہ خود درياهہ بڻجي پوي ٿو. ڇاڻ تہ درياهہ کان سواءِ قطرو کاڌ، حيثيت نٿو رکي. اسان سڀئي درياهہ مان ٿي آهيون ۽ درياهہ اسان مان آهي. اها گاله اهوئي سمجهندو جيڪو الاهي اسرار کان واقف هوندو.

خدا ٿو چوي: مون آدم کي پنهنجي سُهاڻپي (صورت) تي خلقيو آهي. بيت: هو هڪ هنڌ در بند ڪيو ويٺو هو، اوچتي اتان اٿي آدم جي گودڙي پهريائين. آخرڪار آدميءَ وانگي نروار ٿي ميدان تي آيو. جنهن مان پئي جهان پڌرا ٿيا. جيڪي ڏسڻ ۾ آيو، سو دوست جوڙي روپ هو. خبر پئي تہ دوست کان سواءِ ٻيو ڪجهہ به ناهي بس اهو ئي آهي. هڪ

www.maktabah.org

ڏينهن رسول ڪريم ﷺ جن هاهوت واري مقام تي سڪر (1) واري عالم ۾ وينا هئا تہ ايتري ۾ جبريل اچي سندن در کڙڪايو. پاڻ فرمايائون ، ڪير آهي؟ جبريل جواب ڏنو: آڏون آهيان جبريل. پڇڻ لڳا: جبريل؟ ڪير! جبريل وراڻيو: محمد ۽ خدا کان سواءِ. پاڻ چيائون: محمد؟ ڪهڙو! جبريل ، اهو پڌي هڪدم ادب وچان اٿي بيهي رهيو. جڏهن پاڻ سڪر منجهان سجاڳ ٿيا ۽ جبريل کي پيرين ۾ در تي بيٺل ڏٺائون تہ پڇا ڪيائون: اي جبريل! جبريل چيو: اي رسول! ها، اي رسول اوهان هن کان اڳ ڇا ٿي فرمايو؟ جواب ڏنائون تہ اي جبريل! اسان اُن وقت اهڙي حال ۾ هئاسون جو اسان کي خدا کان سواءِ بي ڪنهن جي ڪا، ڪل ڪائنہ هئي.

اي طالب! ياد رک تہ خدا جو رسول ڪڏهن ڪنهن عالم تہ ڪڏهن ڪنهن عالم ۾ رهندو ٿي آيو ، جڏهن سالڪ بہ انهيءَ عالم تائين رسائي ڪري ٿو تہ اهو بہ ڪڏهن قضائي سجاڳيءَ ۾ اچي ٿو ، ڇاڪاڻ تہ شريعت يا طريقن جي روءِ سان ائين ئي ٿيندو رهي ٿو. سالڪ کي انهن ئي مقامن تان ترقي ڪري اڳتي قدم وڌائڻو پوي ٿو. جيستائين کو اهڙي ترقي نٿو ڪري تيستائين انتهائي رتبي کي رسي نٿو سگهي. ان کان مٿي هلندي حقيقت ۽ معرفت وارو مقام ماڻي سگهجي ٿو. حقيقت آهي ذات اندر محو ٿيڻ ۽ معرفت وري آهي تہ خدا جي ذات ۾ محو المحو (صفا گم) ٿي وڃڻ!.

اي طالب! هوشيار ٿي ٻڌ! خدا جا عاشق ، عارف ۽ اڪمل حقيقت ۽ معرفت جون ڪيئي رمزون آشڪار (پڌريون) ڪري ويا آهن جن مان هڪڙي رمز اها آهي تہ پهريان ڪنهن

---

(1) سڪر. اهڙي حالت جنهن ۾ عشق انتهائي پهچي عقل سان گڏ سيني قوتن تي حاوي ٿي سالڪ کي بي سُڌ ڪري ڇڏيندو آهي. "جامي" – مترجم.

www.maktabah.org

پاڻ جهڙي عارف سان ملي صلاح ڪجي، اها صلاح ائين ٿيندي جيئن پکين پاڻ جهڙن پکين سان گڏ جي گهٽي ويچار ڪان پوء عنقا جي گولا جي تياري ڪئي هئي، ائين ئي ويچاري پوء ڪجهه ڪرڻ لڳي. پکين هڪ دفعي چا ڪيو جو شروعات ۾ انهن پکين کي گولي هٽ ڪيائون جيڪي اڳواڻ عنقا پکيءَ سان ملي آيا هئا. جڏهن انهن کان عنقا جي باري ۾ هنن پڇا ڪئي، جواب ڏنائون ته جبلن جي مٿان هڪ جبل آهي جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ وڻ ڏسڻ ۾ ايندو، انهيءَ وڻ جي مٿان هڪ وڏو آکيرو آهي جتي عنقا پکي رهي ٿو. اهي پکي جيڪي پانت پانت جا ڏسڻ ۾ پئي آيا تن ۾ ڪو پکي سائو ڪو گاڙهو ڪو ڪارو ته ڪو چتڪبرو ته ڪو وري صفا اڇو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، هڪ پکي وري اهڙو به پئي ڏٺو جنهن کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه رنگ ڪونه هو. سيئي پکي صلاح ڪري عنقا پکيءَ جي گولا ۾ آڏامي هليا آخر هٽندي ماريندي وڃي ڪوهه قاف جبل جي وڙاهه ۾ پهتا، جنهن پکيءَ جو جهڙو رنگ هو اهو ان رنگ واري وڻ تي وڃي ويٺو پر جنهن کي ڪوبه رنگ ڪونه هو اهو ٻي ڪا واهه نه ڏسي هڪ وڏي وڻ جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳو: آئون ئي عنقا پکي آهيان.

اي طالب! توکي ستڻ ڏجي: مرد کي گهرجي ته پنهنجي محنت وسيلي وڃي ان مقام تائين پهچي جنهن کي شاهي مقام سڏيو وڃي ٿو. جڏهن اوستائين رسائي ٿئي تڏهن شاهي حڪم هلائي پاڻ کي بادشاهه ثابت ڪري رهجي.

اي طالب! چگيءَ طرح پڌ! ته ڪلما ڪل چار آهن. انهن مان هڪ ڪلمو طيب آهي: لااله الاالله محمد رسول الله، ٻيو آهي ڪلمو طريقت: لااله الاالله عظمت محمد رسول الله، ٽيون ڪلمو حقيقت آهي: لااله الاالله بيد قدرت محمد رسول‌الله برسالت،

www.maktabah.org

چوٿون آهي ڪلمو معرفت جو: لااله الاالله حقاً حقا محمد رسول الله صدقا صدقا.

اي طالب! اها گالهه ڏيان ۾ رک! ته ڪي ڏينهن رياضت ۽ مجاهدي ۾ رهي پاڻ کي خدا جي هيڪڙائي (وحدانيت) واري راز ۾ رڌل رکجي، جيئن ٻيائي (دوئي) وارو باطل خيال دل تان دور ٿي وڃي ۽ ان جي جاه تي سراسر حق جو خيال بحال ٿئي.

www.maktabah.org

باب ستون

حضرت شيخ مغل پين جي وطن ڏانهن واپسي ۽ سندن شهادت جي باري ۾

○

شيخ سلامت مغل پين خير سان سير سلوڪ مان فارغ ٿي جڏهن پنهنجي وطن واپس آيا تہ باقي چمار حويليءَ جي هڪ حجري ۾ ويهي ذڪر فڪر جي شغل جاري رکڻ جو خيال ڪيائون. ان لاءِ اول حجري جو در وجهرايو ويو، پوءِ در بند ڪري پنهنجي رب کي ياد ڪرڻ لڳا ۽ رات ڏينهن سندن اها ڪرت هلندي رهي. ائين ڏينهن حجري جو در کولي باهر اچي پنهنجي مٽن مائٽن ۽ مريدن خادمن سان ڪچهري ڪري وري حجري اندر وڃي در بند ڪري ويهي ٿي رهيا.

انهيءَ شغل هلندي هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي پٽ شيخ مغل کي ساڻ ڪري صحرا (باهر) جي خيال سان شهر کان پرتي نڪري وڃي اهڙي هنڌ پهتا، جتي ٻپهريءَ جي نماز جو وقت ٿي ويو. شيخ سلامت مغل پين پنهنجي پٽ شيخ مغل کي حڪم ڪيو: بابا! ڪٽان وڃي سائو گاهم پٽي ڪٽي اڇ

www.maktabah.org

تہ پٹ تي وڃائي ان جي متان نماز پڙهجي. شيخ مغل پنهنجي والد بزرگوار جي حڪم تي گاهه پٽڻ لاءِ ويو، چوڌاري نظر ڪيائين. ڇا ٿو ڏسي تہ جتي ڪٽي سائو گاهه خدا جي ذڪر ۾ مشغول آهي، سو لاچار سائو گاهه چڏي سڪي گاهه جي ڀري ڪٽي اچي شيخ سلامت اڳيان حاضر ڪيائين.

شيخ سلامت کانئس پڇيو: پٽ سائي گاهه بدران هي سڪو گاهه ڇا لاءِ ڪٽي آيو آهين؟ مون تہ توکي ائين ڪونہ چيو هو! شيخ مغل ادب وچان ورائيو: بابا سائين! آڻون اوهان جي حڪم موجب جتي بہ سائي گاهه لاءِ ٽي ويس تہ اهو خدا جي ذڪر ۾ مشغول نظر ٽي آيم، ان ڪري ٻيو چارو نہ ڏسي هي سڪو گاهه ڪٽي اچي حاضر ڪرٽو ييم.

شيخ سلامت اهو ٻڌي ڏاڍي راضپي مان پياري پٽ کي چوڻ لڳو: ٻچڙا، خداوند ڪريم توکي اهڙي قديم وحدانيت واري علم سان سرفراز ڪري چڏيو. جو هاڻ تنهنجو رتبو سيني ولين کان متاهون ليکجڻ ۾ ايندو ۽ تنهنجو نالو (مغل) منهنجي نالي ييئن جي مٿڙ ۾ هوندو. اڄ کان مون پنهنجي هر ڪا امانت توکي سونپي چڏي.

مخدوم عاري ڳالهه ٽمو ڪري تہ هڪ لڳان آڻون حضرت شيخ سلامت مغل ييئن ۽ شيخ مغل جن جي خدمت ۾ ۽ حاضر ٽيس ۽ ڏٺم تہ هي ٻلارا هڪڙي هنڌ اعتڪاف ۾ ويٺل هئا. ڏهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ جڏهن اعتڪاف مان نڪتا، تہ روزي کولڻ لاءِ ڪير جي طلب ڪيائون جنهن لاءِ مون کي حڪم ڪيو ويو تہ ڪتان نہ ڪتان وڃي ڪير هٽ ڪري اچان. مون هيڏانهن هوڏانهن ووڙ ڪئي پر ڪير هٽ نہ آيم. سبب هي هو تہ اوسي پاسي جهنگ ۽ بر پٽ هٽ ڪري ڏور ڏيکا ڪين هئا. نيٺ مون واپس شيخ سلامت جن وٽ اچي سڄي ماجرا بيان ڪئي تہ اجهو هن ڪري ڪتان بہ ڪير هٽ نہ اچي سگهيو. پاڻ فرمايائون: بابا مڙئي خير آهي.

www.maktabah.org

ٿوري جهت رکي پاڻ زبان مبارک مان اسم اعظم: الله الصمد، فلا شيء کمثل الله الصمد ۽ الله کافي جو ورد جاري کيائون ته هڪدم چٽي پاسن کان سوا هرٽيون ٽولا ڪري اچي آٽي سهڙيون. شيخ سلامت جن مون کي اشارو ڪيو ته هنن کي ڏهي وڃ! مون آٽي سيٽي هرٽيون ڏهي ڪير جو ٿانءُ پري سندن خدمت ۾ حاضر ڪيو. حڪم ٿيو ته، اهو ڪير سنيالي رکيو وڃي. مون جيئن جو تيئن ڪير سنيالي رکي ڇڏيو. جيستائين شيخ سلامت جن پاڻ اهو ڪير نه پيتو تيستائين هرٽين جا ڏڻ اينڊا رهيا. مون به ڪير ڏهي سمورا پانڊا پري ڇڏيا. آخر پاڻ اٽي انهن هرٽين کي اجازت ڏنائون جيڪي واپس هليون ويون.

آڏون اڃان ڪير سانڊڻ جي خيال ۾ هيس ته ايتري ۾ غيب مان هڪ مرد نروار ٿيو، جيڪو سج وانگي سراسر نوراني پٽي لڳو ۽ اڇي سان ڇوڙاري چانڊاٽيون ڪري ڇڏيائين. اسمان جيئن سندس نوراني چهري ڏانهن نهاريو، اکين مان گوڙها جاري ٿي ويا. هن جي هٿ ۾ هڪ زمردي جام ڪير سان پريل ڇلڪي رهيو هو جيڪو اچي شيخ سلامت جن کي ڏنائين. شيخ سلامت ۽ شيخ مغل پنهي آن پيالي مان ڪير پيتو ۽ روزو کوليائون. باقي جيڪو ڪير پيالي ۾ بچيو سو مون (مخدوم عاري) کي ڏنائون. مون جيئن اهو ڪير پيتو، چوڏهن طبق روشن ٿي ويا، دل کلي پٽي ۽ الاهي تجلي سان ملي هڪ ٿي ويس. ائين پانيم ڇڻ دنيا جهان جون جيڪي راحتون ۽ نعمتون هيون سڀ مون کي ملي ويون. ايتري قدر جو انهن جو ڳاڻاٽو نٿي ته پٽي سگهيو. جيڪڏهن اهي جيئريون جاڳنديون حقيقتون بيان به ڪرڻ ۾ ايندیون ته انهن جو چيهه نظر نه ايندو. ان ڪير پيٽ ڪان پوءِ مون کي سڄي جمار آڄ ڪاڪ لڳي ۽ مون ڪڏهن به سهيو ڪري پاڻي ڪونه پيتو، منهنجي بدن ۾ جيڪي تڪليفون ۽ بيماريون هيون اڪ چنپ ۾ دفع ٿي ويون ۽ پاڻ کي نوبنو سمجهڻ لڳس. پنهنجي مرشد سڳوري جي

www.maktabah.org

ڪرامتن مان ڪي هتي چاڻايون اٿم جيڪڏهن تفصيل ۾ وڃڻو پيو تہ ڪنهن هڪ جي بہ تڪميل ڪانہ ٿي سگهندي. تنهنڪري في الحال ايستائين اڪتفا مناسب آهي.

هن ڪان پوءِ (مضمون جي مناسبت سان) ٺهيم قوم جو پيرائتو احوال پيش ڪجي ٿو جو هن ريت آهي تہ: ٺهيم اصل چنن (1) جي قوم مان آهن جيڪي پاڻيءَ جي چشمن وارين پراڻين وسندين(2) جي آسپاس يا آنهن ڪان اڪ ٽيٽ ٿي رهن ٿا. اهي چشما هنن نالن سان مشهور آهن. ڀهارا، ٻڌو، ڪاچري، ساوندي، جهيم ۽ ڪانهري جن جا هي سردار ليکيا وڃن ٿا: ويرو ولد چنو، ٻيهو ولد ٻير، تماچي ولد موٽن، گل ولد راڄيو، ساجو ولد آمر. هنن جي برادري تمام وڏي آهي پر راج پاڪ ٽوڙي لشڪر ۾ بہ هي گهٽائي وارا آهن. سندن پڳدار ويرو ولد چنو هو، جنهن جو مٺڙ ۾ نانءَ چاڻايو ويو. هن وٽ مال ملڪيت جي ڪمي ڪانہ هئي.

جيئن چوڻي آهي تہ ڏاڍي جي لٽ ڪي بہ مٽا هوندا آهن، سو هي بہ پنهنجي آرهہ زوراڻي جي ڪري لشڪر چاڙهي ٻين جا مال هٿندو ۽ مڏيون ڪٽندو ٽي آيو. انهيءَ مارا ماريءَ ۾ شيخ سلامت جي پاڻ سلطان عمر ڪي بہ وڏي آزار ۾ وجهي ڇڏيو هٽائين. سلطان عمر ڪيترا پيرا چڙهائي ڪري هن جي آهج آزار ڪي ٻنجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پڄي نٿي سگهيو. سندس هيٺائي جي ڪري ويرو جو ويتر مٿن وڏي ويو ۽ سڀ ڪنهن سان هيڪاري وڏيڪ هٿ چراند لائي ڏنائين.

---

(1) هن ڪان اڳ سير ملوڪ واري باب ۾ محمود غزنوي جو ذڪر ڪندي مصنف يا مرتب چاڻايو هو تہ محمود غزنوي بني تميم يا ٺهيم يعني عرب قوم مان هو ۽ هتي ليکيل آهي تہ ٺهيم، چنن جي قوم مان آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٺهيم جو تميم سان ڪو تعلق ناهي.

(2) پراڻيون وسنديون. ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

هڪ پيري هن جو لشڪر شيخ سلامت جن جي ڪنهن دنگئي شهر مان مائهن جا ڏور ڏڳا، آڻ مينهون، ڪاهي ويو، جيڪي نائي نالي هڪ مڱٽهارجي ڏيءَ مائي (1) جي ملڪيت هئا. انهيءَ مائي صبح مردان سان اچي شيخ سلامت وٽ واويلا ڪئي. شيخ سلامت حجري ۾ موجود هو، مائيءَ جي دانهن ڪوڪ ٿي رحم ڪائي هڪدم حجري کان باهر آيو. مائي ٻڌايس تہ: شيخ سلامت! اسان غريبن جا ڏور ڏڳا چنن جو لشڪر زوريءَ اسان وٽان ڪاهي اسان سان هاڃا ڪري ويو آهي. تون خدا رسول جي واسطي اسان مسڪينن جي واهر ڪر!

شيخ سلامت پنهنجي پاڻ سلطان عمر کي گهرائي سڏهه پرين تہ سيائي سڄ آيڙڻ کان سڄ لهڻ تائين تون پنهنجي سر چڙهي جيڪي ڪجهه ڪندين تنهن ۾ سوڀارو ٿيندين. جي اوپر کان اولهه تائين به ڪاهيندين تہ به سوپ تنهنجي ٿيندي، چو تہ حضور نبي ڪريم ﷺ جن اسان کي! اهڙي اختياري ڏئي ڇڏي آهي. تون ڪنهن به قسم جي ڪا ڳڻتي نہ ڪر ۽ صبح سوير لشڪر ڪاهي روانو ٿيءُ ۽ وڃي چنن جي قوم کي (جنهن مسڪينن ۽ بيواهن کي حد کان وڌيڪ بي رحمي سان اڏاڻو آهي) ماري مڃائي سڀ ڪنهن جا اهنج آزار دفع ڪري ڇڏ!

شيخ سلامت جو حڪم ٻڌي سلطان عمر نئين سر همت ٻڌي ۽ پي ڏينهن لشڪر سنبرائي وڃي چنن جي قوم تي ڪڙڪيو، هوڏانهن چنن کي به جيئن ڏاهه پئي، تيئن ڏهي سنبري جهم واري تڙ تي پهچي وياء پنهي ڌرين ۾ جبري جنگ شروع ٿي وئي جيڪا ديڙ تائين هلندي رهي، آخر سلطان عمر ولين

---

(1) اصل عبارت ۾ ان مائيءَ جو نالو مسمات ڪهڪا لکيل آهي. والله اعلم.

www.maktabah.org

جي ڪلام جي برڪت سان چنن جي قوم کي شڪست ڏئي سندن مال مڏيون تاراج ڪري زالن، مردن کي قيدي بڻائي هميشہ لاءِ کين مات ڪري ڇڏيو.

اها جنگ ڪٽندي سلطان عمر کي ياد آيو تہ چنن وانگي سومرن جي قوم ۾ موجود آهي جيڪا سدائين ارڏايون، ڪندي رهي ٿي. ڇو نہ ان کي بہ اڄ اهڙي سيکت ڏني وڃي جيئن چنن وانگي انهن جي ميس بہ مري ۽ ڀاڙو آوڙو بہ ڪا سکي گهڙي گذاري سگهي. اهو سوچي سومرن تي چڙهائي ڪرڻ جو سعيو ڪيائين. پنهنجو لشڪر چاڙهي منزلون هٽندو وڃي ماهم طور (1) تائين پهتو. سومرن تي جو هيءَ اوچتي آفت اچي ڪڙڪي تہ سندن وايون ٿي بتال ٿي ويون، ڪهڙيئي حيلا هلايائون پر مُهٻت وري بہ سلطان عمر کي نصيب ٿيو.

سج لهڻ جي وير ٿي تہ پاڻ سانت ۾ اچي، ويجهڙائي مان عبدالوهاب اصحابي عرف پيلم پهلوان جي قبر تان هڪ وڏي چپ ڪٽي اچي حد بندي (دنگ) طور ڪرائي واپس ٿيو. پيلم پهلوان جي اها قبر (هن وقت) مخدوم عاري ڪلال جي مزار جي نزديڪ اولهائين پاسي آهي جتان پٿر جي چپ ڪٽي حد بندي طور ڪتب آندي وئي. چنن ۽ سومرن کي مٽ ۽ سيکت ڏئي سلطان عمر خير سلامتي سان پنهنجي ماڳ موٽي آيو ۽ شيخ سلامت جي قدمبوسي اچي ڪيائين، جنگ مان جيڪي مال ملڪيتون، ڍور ڍڳا، زالون، مرد ۽ ٻار قبضي ۾ آندا هئائين سي حضرت شيخ سلامت جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

شيخ سلامت کيس چيو: هن مان مائي جي مڏي موڙي ڪيي ان کي موڪلي ڏني وڃي. باقي جيڪي قيدي آهن اهي اسان جي ملڪيت رهندا جن کي اسان خدا رسول جي راهہ ۾ آزاد ڪريون تا. اهي اڄ کان پوءِ اسان جي خادمي

---

(1) ماهم طور، ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

۽ تابعداريءَ ۾ هوندا.

مائي کي جيئن پنهنجي ملکيت ملي تہ خوش ٿي دعائون ڪرڻ لڳي. پچاڑيءَ شيخ سلامت پنهنجي پاءُ سلطان عمر هٿان فتح ٽيل قوم ٿي ٿهيم قوم نالو رکيو جيڪا اڄ تائين انهيءَ نالي سان شيخ سلامت شيخ مغل پين جي خدمت ۽ تابعداري ڪندي اچي ٿي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ اتفاق سان هڪ جمعي سڏي ڏينهن کي سادات سڳورا هر هڪ نالي: سيد مرتضيٰ علي، سيد ڪبير محمد، سندس چار پٽ: محمد عارف، حسن علي، غلام حسين ۽ قمرالدين پنهنجي اهل عيال سميت هالار (1) واري علائقي کان (جتي پاڻ رهندا هٿا) ڇڄي هن پاسي آيا ۽ احول ڏنائون تہ ويجهڑائيءَ ۾ سيد حسن علي ۽ راءِ قنوج جي پٽ فتح سنگهہ جو ڪنهن ڳالهہ تان پاڻ ۾ تکرار ٿي پيو جنهن ۾ فتح سنگهہ گهٽي پاڳين ڦٽجڻ ڪري فوت ٿي ويو.

راءِ ڪنوج سرويہ (2) جيڪو هالار جو حاڪم هو. پنهنجي پٽ جي خون ٽيڻ ڪري اچي سيدن تي ڏمريو ۽ ويڙ وڙڻ لاءِ مٿن لشڪر سان چڙهائي ڪرڻ جي تياري ۾ هو تہ سيدن کي ڪڙڪ پٽجي وڃي. اڌ رات جو پار ڇپا ۽ ٽپڙ ٽاڙي اتان کيڙي وڃي پڳا، سڄي واٽ لڪندا ڏکندا انت سلطان عمر جي حد ۾ هليا آيا. انهيءَ خيال سان تہ جيئن پويان ڪاهيندڙ ظالم حاڪم جي قهر ۽ ڪلور کان امن امان ۾ رهن. هتن کان جڏهن پچا ٿي تہ اوهان هيڏو سارو ملڪ لتاڙي هن پاسي ڪيئن اچي ڏڪتا؟ وراڻي ڏنائون تہ اسان هالار سان حيران پريشان ٿي سڏو سنڊ ڏانهن رخ رکيو. پنهنجي بچاءُ لاءِ جتان ڪتان پچائون ڪندا پٺي آياسين، هر هنڌان اهو ٿي

---

(1) هالار، بابت ڏسو تعليقات.

(2) سرويہ ڏسو تعليقات.

www.maktabah.org

جواب ٿي ملیو تہ اسان کي سلطان عمر جي راج ۾ ٿي امن سکون نصیب ٿي سگھندو ان کري جو هتي خدا جا پھتل ۽ پیارا پانھان شیخ سلامت ۽ شیخ مغل رھن ٿا.

شیخ سلامت انھن کي پنھنجي حویليء ۾ پناھ ڏني جیئن دشمن جي لشکر کان محفوظ رھي سگھن حقیقت ۾ ھن لاء امن پناھ واري جاء ۾ اھا ئي ھئي. سادات پنھنجا پار پچا وٹي وڃي حویليء اندر ویھي رھیا، پي ڏینھن جیئن شیخ سلامت! خیر عافیت پچڻ لاء وٹن ویو تہ ھنن کیس منٽ کئي: شیخ سلامت! اسان ھالار جي حاکم راء کنوچ سرویہ جي پٽ کي خون کرڻ جي ڏوھ ۾ آٹان پیڃي اچي اوھان وٽ پناھي ٹیا آھیون، راء کنوچ ضرور پنھنجي پٽ جي ویر وٹڻ لاء اسان جا پیرا کٹي ھیڏانھن ایندو، جنھن کان بچڻ لاء اسان توکي خدا رسول جو پاند ڏئي توکي پنھنجي حفاظت لاء منٽ کریون ٹا، تون پلائي کري اسان کي ھتي پنھنجي حویليء ۾ رھائج جیئن دشمن اسان تائین پھچي نہ سگھي.

شیخ سلامت، اھو ٻڌي پاڻ شیخ مغل ۽ شیخ جیئي سمیت اٹي سیدن کي گل لائي سندن ھٹ چمي مرحبا چئي، عزت آبرو سان حویلي ۾ رھڻ جو آسرو ڏنو. کین دلاسو ڏنائین تہ اوھان بلکل دلجاء کریو خدا جي فضل سان اوھان کي کوبہ ڏک اھنج ڏسٹو نہ پوندو. جیکڏھن راء کنوچ سرویہ اوھان جي باري ۾ اسان سان گالھیون کري صلح جي صورت اختیار کئي تہ واھہ نہ تہ بہ جنگ لاء تیار ٹیو تہ اسان پنھنجا سر ڏئي بہ اوھان جو بچاء کنداسین. اوھان کي پریشان ٹیڻ نہ کپي تہ وري ان لاء کا بہ اوراکورا دل ۾ رکڻ گھرجي.

راء کنوچ سرویہ جیکو پنھنجي پٽ فتح سنگھہ جي ویر وٹڻ لاء کٹڪ سمیت ھیڏانھن وڌندو ٹي آیو، ھٹندي ماریندي اچي شیخ سلامت جن جي شھر تائین پھتو. ماڻھن ھکدم شیخ سلامت کي خبر ڏني تہ اجھو راء کنوچ پنھنجي

www.maktabah.org

لشڪر سان اچي ڪڙڪيو آهي ۽ سڄي شهر کي گهري ۾ آندو اٿائين. هو وڏي واڪي چوي پيو ته اسان کي سيدن جا بازو ورائي ڏيو ته واهه نه ته هڪدم جنگ لاءِ تيار ٿيو.

شيخ سلامت: مخدوم عاري ۽ بين سرڪردن کي صلح صفائي لاءِ راءِ ڪنوج ڏانهن روانو ڪيو. انهيءَ نياپي سان ته اوهان ساداتن جي دشمني کان پاسو ڪريو جيڪي اچي اسان جي پناهه ۾ آهن. اسان هنن تي رحم ڪائي ڪين پاڻ وٽ پناهه ڏني آهي. توهان کي ڪپي ته اسان تي احسان ڪري ساداتن جي دشمنيءَ تان تارو ڪيو. اوهان جي پٽ جي قسمت ۾ ائين خون ٿيڻ لکيل هو. هاڻ ڀلا آن جي ويڑ وٽڻ مان ڇا ورندو؟ ائين ڪرڻ سان هو واپس ته اچي نٿو سگهي. وري به اوهان کي منٽ ڪجي ٿي ته ائين نه ڪريو. جيڪڏهن نه ته اوهان جي رضي آهي!

شيخ سلامت جي نياپي کان پوءِ به راءِ ڪنوج صلح جي لاءِ تيار نه ٿيو ۽ جنگ لاءِ ضد ڪيائين. شيخ سلامت پنهنجي پٽن شيخ مغل ۽ شيخ جيئي کي ڪن چڱن مڙسن سان گڏي پيهر راءِ ڪنوج سروپ ڏانهن آماڻيو ته من صلح جي لاءِ آتو ٿئي پر هو جيئن اڳ ۾ انڌ جي گهوڙي تي سوار هو ٿيئن ڪتو جواب ڏياري موڪلياٿين.

آخرڪار بنهي پاسين جنگ جي تياري ٿي وئي، جڏهن صفون سڌيون ٿيون، شيخ سلامت سامهون اچي راءِ ڪنوج جي لشڪر ڏانهن نهاري پنهنجي آگر (انگشت شهادت) ان جي لشڪر ڏانهن سڌي ڪري اشارو ڏنو: هنن کي الاهي ترار سان قتل ڪريو! ائين چوڻ سان هڪدم راءِ ڪنوج جي لشڪر مان هزارن جا سر ڌڙ کان ڌار ٿي وڃي ڏوڙ ۾ پيا. پوءِ پاڻ همٿ جي اشاري سان منع ڪندي فرمايائون: بابا اسان کي خبر آهي ته هنن کي خداوند ڪريم پنهنجي اسرار سان اسان ڏانهن موڪليو آهي، پي حالت ۾ هنن کي هيڏانهن اڇڻ جي همت ڏي نه ٿئي ها. جنهن جو مالڪ پاڻ مولا پاڪ آهي تنهن جو

www.maktabah.org

ٿي سڀ ڪجهه ليڪيو وڃي ٿو. اسان به ان جي رضا ۾ راضي رهڻ ٿا چاهيون. اسان جي مولا اسان کي اڳواڻ ڪري چٽائي ڇڏيو هو ته اسان کي انت شهادت وارو رتبو حاصل ٿيڻو آهي، سو اڄ اسان کي پنجن تنن جي راهه ۾ شهادت جو پيالو پيڻو پوندو.

نيٺ جنگ شروع ٿي وئي، پنهي پاسن کان ڪي ٿي ماڻهو قتل ٿيندا پٽ ٿي پوندا ويا. اوچتو راءِ ڪنوچ شيخ سلامت جي سامهون آيو ۽ هڪدم متس وار ڪري ڏنائين. شيخ سلامت زخمي ٿي ٻيو. ڪنڌ وراءِ ڪنوچ کي ڏنائين ته ڪلمو پڙهي سانت ٿي ويو. ائين ئي هڪ مؤمن، مسلمان ٿي حجاب جا پردا هٽين تان هٽائي پنهنجي ولايت ٿي پهچي ويو. يعني حضرت شيخ مغل ٻين کي شهادت نصيب ٿي.

هن جنگ ۾ حضرت شيخ مغل ٻين سان گڏ شيخ مغل، شيخ جيئو، مخدوم عاري، ٻيو، واهڻو، عمر، حيدر، عباس، محمد لطيف، مبارڪ، عبدالله، خيرو، خفيف، قاسم، طيب، حامد، سليمان، احمد، الهداد، رڪن الدين، ٻوٽگر، خيرالدين ۽ محمود شهيد ٿيا. ساداتن مان سيد ڪبير محمد، مرتضيٰ علي، حسن علي، قمرالدين، غلام حسين شاهه ۽ ٻيا ڇڳا مڙس چورانوي ڇٽن سميت شهادت کي رسيا. تنهن کان سواءِ شيخ سلامت جي ڏر جا هڪ سؤ چوڏهن ماڻهو زخمي ٿيا. راءِ ڪنوچ جي ماڻهن مان به ستر اسي ڇڻا مٿا ۽ ڪيئي ڦٽجي ٻيا باقي جيڪي بچيا تن ڀاڄ ۾ منهن ڪڍي وڌو. راءِ ڪنوچ جيڪو پاڻ به سخت زخمي ٿي چڪو هو تنهن کي پنهنجن ماڻهن جنگ جي ميدان مان ڪڍي پاڻ سان ڪنيو جيڪي هلندا وڃي ڪاري سمند ڏانئين پهتا جتي دم نڪرڻ کان پوءِ راءِ ڪنوچ کي دفن ڪري ڇڏيائون.

هي واقعو آچر ڏينهن جي پهرين پهر ۾ تاريخ ارڙهين ذوالحج جي سال 601 (ڇهه سو هڪ) هجري ڏاري ٿي چڪو

www.maktabah.org

شيخ سلامت ۽ سندس پوين شيخ مغل ۽ شيخ جيئي بہ ان ئي جنگ ۾ شهادت جو جام چکيو باقي شيخ تاجيو ولد شيخ جيئو حضرت شيخ سلامت جو پوٽو ان کان پوءِ حيات رهيو جنهن مان کيتري اولاد پيدا ٿي.

شيخ سلامت جي چمار ستاسي ورهيہ چار مهينا هئي. شيخ مغل ستاويهن سالن ۽ ڏهن ڏينهن جي عمر جو هو. شيخ جيئي جي چمار چاليها ورهہ ۽ مخدوم عاريءَ جي عمر (71) ايڪهتر سال هئي. وڌيڪ رب کي ڄاڻ آهي.

www.maktabah.org

پچاڑي

هي رسالو "مقصود العارفين" تاريخ پهرين شوال 1224 هـ ڌاري جمعي جي ڏينهن پهرن ٽاڻي فقير ڏيسر، ولد ميان ڏني ذات قريشي فاروقي ويٺل گوٺ شيخ سلامت درياء رحمت شيخ مغل پيٺ عليه الرحمت، هٽان لکجي پورو ٿيو.

○

جيڪو به هي رسالو پڙهندو ٻڌندو تنهن کان دعا طلبيان ٿو چاکاڻ ته آڏون (راقم) هڪ گنهگار بندو آهيان.

○

هرڪا لکت هتي يادگار رهندي
لکندڙ جي حياتي بي پروسي آهي.

○

www.maktabah.org

www.maktabah.org

تعلیقات

www.maktabah.org

تـ لقيلعة

www.maktabah.org

شيخ مغل ٻين يا مگر ٻين: ص 13

اندازو آهي ته اهو نالو مسلم ۽ غير مسلم جذبي جي اثر کان انهن ٻن صورتن ۾ آچاريو وڃي ٿو. مُگر يا مُنگر، اهي ٻئي نالا سنڌ ۾ ملن ٿا: جهڙوڪ مگرمان مشهور ساز ۽ مُنگر هڪ ذات وغيره.

ٻي پاسي "مُغل" مغلن جي اچڻ کان پوءِ واري دور سان تعلق رکي ٿو جيڪو مگر جي صورت بدلائي مغل ٻڌايو ويو آهي. لفظ ٻين، سنڌ ۾ آڪائي زماني کان هلندو اچي ٿو اهڙي قسم جا ڪيئي نالا هيٺينءَ ريت هٿ ڪيا ويا آهن:

پهرين ڳالهه: سومرن جو بادشاهه همير ٺهيمن مان پرٿيو، جيڪي پاڻ ۾ ست پاڙ هئا، انهن مان وڏو نيبو (نيباهو) هو سندن ٻيڙ همیران هئي جيڪا همير سومرو پرٿيو. همير جي گهر همیران مان پٽ جاڏو ته سندس نالو ٻنن رکيو ويو. هو وڏي ڀاڳ وارو هو جيڻ جميو ته مينهن جام وسيا ۽ ملڪ ۾ سڪار ٿي وياه. پچاڙي اهو ٻين سڪاريو سڏجڻ لڳو.

ٻينءَ، ٻيمڻان، ٻنيمڻان. سومرن جو هڪ پڙو آهي. ٻيمڻاڻي سومرا، جهرڪن کان اتر طرف ٿٽي ضلعي ۾ رهن ٿا. پارسل ٻينءَ، ٻيمڻي ٻينءَ.

مرکندو جنهن جو پٽ پونگر جنهن جو پٽ همير جنهن جو پٽ ٻينءَ جنهن جو پٽ پونگر هو.

ٻينءَ، چنيسر ديبل واري جو پٽ جيڪو گاديءَ ڏٺي ٽيو. (1)

شيخ مغل ٻينءَ جي ولادت 527 هـ. وفات 601 هـ ۾ ٿي

(1) سومرن جو دور، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ص 322- کان 375 سنڌي ادبي بورڊ.

www.maktabah.org

هئي. مقصود العارفين جي لکت موجب پاڻ راءِ ڪنوچ سرويم سان لڙندي شهيد ٿيو هو. ستدس چمار ستاسي ورهيم چار مهينا چاڻايل آهي. انهيءَ لکت موجب شيخ مغل ٻينءَ جي وفات جي تاريخ 610 هـ مطابق 1215ع ٿئي ٿي.

مخدوم عاري ص 13

مخدوم عاري پهريون. پنهنجي مرشد شيخ مغل ٻينءَ جو هم عصر ۽ حاضر باش هو. ساڻس گڏ هالار جي حاڪم راءِ ڪنوچ سرويم سان لڙندي شهيد ٿيو.

شيخ مغل ٻينءَ جو رسالو ترتيب ڏيندڙ به اهو ئي مخدوم عاري هو جنهن ستدس سير سلوڪ کان واپس اچڻ تي ان جي ئي زباني سڃو مواد پڌي، قلمبند ڪيو.

لفظ عاري اصل ۾ آري هڻڻ ڪپي جيڪو اڳامن کان سنڌ ۾ رائج آهي، فارسيءَ ۾ عاري جي معنيٰ هتي لکڻ بي ادبي ٿيندي. آر- سنڌيءَ جو نج لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ، هيج ۽ چاهه ليکجي ٿي. آري به انهي آر مان نڪتل آهي. انهيءَ نالي سان شاهه آريءَ پير آر جي نالي سان ڄجهي ٿو. آري پير لس ٻيلي ۾ ۽ آري سراءِ بوبڪن جي ڀرسان آهي. خود شاهه سائين ٻنهون ڪي آري چمام جي نالي سان ڏهرائي ٿو:

آر ياڻي آنسور، ڏڻم جت اڪين سان. (1)

پانڌجي ٿو ته اهو نالو عربي اثر جي ڪري احتيار ڪيل آهي. ليڪن معنيٰ جي لحاظ کان غير معياري آهي، وڌيڪ لاءِ عربي فارسي لغتن جا ڪتاب ڏٺا وڃن.

مخدوم عاري 601 هـ ڌاري راءِ ڪنوچ سرويم جي لشکر

---

(1) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ص 336 سنڌ الاجي، جام شورو.

www.maktabah.org

سان مقابلو ڪندي شيخ مغل پيءُ سان گڏ شهيد ٿيو. هن جي عمر ايڪهتر سال لکي وئي آهي.

مخدوم عاري 1224 هـ ٻيو شخص هو جنهن جو نالو رسالي جي ٽائيٽل تي لکيو ويو آهي. انهيءَ يا تہ ڪنهن پراڻي مسودي تان نقل ڪيو هوندو يا وري ماڳهين سڄي محنت پاڻ ڪئي هوندائين.

سرور سلطان ص 31

سخي سرور سلطان عرف لکـ داتا، خواجہ مودود چشتي 527 هـ ۾ بهاء الدين ذڪريا ملتاني 665 هـ جو مريد هو. پاڻ غزنوي خاندان جي آخري حڪمران خسرو ملڪ جي قتل کان ٽي سال پوءِ 577 هـ ڌاري شهيد ٿيو. (1)

سلطان سخي سرور وفات 1181ع هن جو اصل نالو سيد احمد لقب سخي سرور يا لکـ داتا هو. هي ملتان جي پسگردائي ۾ ڪرسي ڪوٽ نالي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. لاهور مان مولوي محمد اسحاق لاهوري وٽان ظاهري علمن جي تحصيل ڪيائين. تصوف ۾ غوث اعظم دستگير ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي کان فيض ياب ٿيو. اڳتي هلي مختلف هنڌن تان ٽيندو آخر ديري غازي خان جي هڪ ڳوٺ شاهم ڪوٽ ۾ اچي ويٺو ٿوري عرصي ۾ هن جي هٿي ڏاڍي هاڪ ٿي ۽ ملتان جي حاڪم ڪيس پنهنجي ڏيءُ جو سنگـ ڏنو. جا ڳالهہ حاسدن کان برداشت نہ ٿي ۽ هنن ڪيس وجهہ وڻي اهل عيال سميت قتل ڪري ڇڏيو. سندس مزار شاهم ڪوٽ لڳـ آهي. (2)

ڪي چون ٿا تہ هي چور هو. هڪ رات پنهنجي مرشد جي خانقاهہ ۾ وڃي ڪاتـ هنيائين نيٺ گهٽي متا ڪتـ کان پوءِ ڪامياب ٿيو ايتري ۾ سج ٻہ آپري آيو. هوڏانهن سندس

(1) تحقيقات، چشتي، ص 199

(2) آب ڪوثر، شيخ محمد اڪرام، ص 82-83.

www.maktabah.org

مرشد کي ڪنهن ٻڌايو، رات فلاڻو قطب گذاري ويو آهي. سو هن انهيءَ جي جاءِ تي هن کي ڪٽي مقرر ڪيو، جيئن چوندا آهن ته خدا چور جو پورهيو به نٿو وڃائي. ائين سلطان سرور اڏجي ويو ۽ وڏو نالو ڪيڏي وفات ڪيائين(1).

لاهري بندر. ص 31

آڪاڻو بندر آهي. البيروني 1048ع جي لکڻي مطابق هي مهراڻ جي الهندي واري ڇوڙتي ديبل بندر کان پارهن فرسخ (36 ميل) پرتي واقع هو. عام قياس موجب لاهري بندر هاڻوڪي ميرپور ساڪري جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪٽي هو. (2)

ابن بطوطه 778هـ ۾ پاويهن ورهين جي ڇمار ۾ مسلم ملڪن جي سير تي نڪتو، 734هـ ڌاري بکر ۾ آيو، جتان سيوهڻ ۽ لاهري بندر ٿائين وڃي اتان قري ملتان جو پاسو ڏئي دهليءَ پهتو. (3)

مرزا شاهه حسن ارغون جي زماني ۾ لاهري بندر هڪ آباد بندر هو، تنهن کان پوءِ اڪبر جڏهن مرزا جاني بيگ ترخان کي شڪست ڏياري سنڌ غصب ڪئي ته سيوهڻ ۽ لاهري بندر ذاتي ملڪيت ڪري پاڻ وٽ رکيائين. (4)

اهڙيءَ طرح جهانگير، شاهجهان ۽ اورنگزيب هڪ ٻئي پٺيان لاهري بندر پنهنجي ڏاڪ هيٺ رکندا آيا. (5)

آڪاڻي زماني ۾ لاهري بندر سنڌ جي عجيب شهرن مان هڪ هو ۽ وقت جي هاڪارن جو ماڳ رهندو ٿي آيو، هاڻ،

---

(1) دربار ملي. شيخ محمد اڪرام، ڊاڪٽر وحيد قريشي، ص 358.

(2) تعليقات. تاريخ معصومي ص 208-209

(3) جنت سنڌ. مولائي شيدائي، ص 377-378

(4) تاريخ مظهر شاهجهاني، سنڌي ترجمو. نياز همايوني، ص 182

(5) تحفتہ الڪرام. سنڌي ترجمو، ص 549

www.maktabah.org

ڪن ورهين کان 1181ھ کان اڳ هي شهر توڙي بندر ۾ئي گم آهن. (1)

بدر ۽ خيبر ص 32

بدر، مڪي، مدينيءَ جي وچ ۾ تي حجاز جو مشهور ماڳ آهي. جتي مڪي، شام ۽ مدينيءَ جا رستا اچي ملن ٿا. هي مدينيءَ کان اسي ميل پري آهي. (2)

خيبر، مدينيءَ کان سوا سؤ ميلن جي مفاصلي تي اتراهين پاسي، پهاڙي علائقو آهي. جنهن تائين پهچڻ لاءِ لکن مان لنگهڻو پوي ٿو. (3)

سراقہ ص 35

هتي يهودين جي بت جو نالو چاڻايو ويو آهي. ليکن ساڳي نالي سان (سراقہ بن عمرو) حضرت عمر فاروق جي خلافت ۾ اسلامي فوج جو سپهہ سالار هو. جيڪو ايران ۾ جنگين دوران فوت ٿي ويو. (4)

قصر شيرين ص 42

شيرين هڪ عيسائي عورت هئي، جنهن خسرو پرويز ولادت 560 وفات 628ع سان شادي ڪئي. شيرين لاءِ هن ايراني ڪردستان ۾ الوند درياهہ جي ڪناري قصرشيرين نالي محل تيار ڪرايو. محل جي عمارت 278ھ مطابق 891ع عربن جي حملي ۾ تباهہ ٿي وئي. نظامي گنجوي مثنوي خسرو شيرين 576ھ 1180ع ۾ تصنيف ڪئي. (5)

---

(1) تعليقات، تاريخ معصومي، ص 310.
(2) سيرت النبي، شبلي، ص 315.
(4) اردو دائره معارف اسلاميہ، پنجاب يونيورسٽي لاهور، ص 69
(3) عمر فاروق اعظم، محمد حسين هيڪل، ص 305.
(5) اردو دائره معارف اسلاميہ، پنجاب يونيورسٽي لاهور، جلد 2/16، ص 189 ـ 215.

www.maktabah.org

ابو اسحاق گاذروني ص 46

هن جو اصل نالو شهر يار ڪنيت، ابو اسحاق آهي، پاڻ ڪوريءَ جو پٽ هو. بالجتيءَ ۾ سُٽ ويئي ڪتيائين ته شيخ عبدالله خفيف ڏسي ورتس. هن سندس پيشانيءَ ۾ الاجي چا ڏٺو. ابو اسحاق کي چيائين: هلي آءُ ته توکي پنهنجو مريد ڪريان. ابو اسحاق اهو ٻڌي حيران ٿيو ۽ ڪيس چيائين ته پيري مريدي منهنجي سمجهه ڪان ٻاهر آهي، نيٺ ان جو مريد ٿيو ۽ ٿوري وقت ڪان پوءِ شيخ ڪامل ٿي ويو (1). هن جي وفات 427هـ ڏاري ٿي هئي (2).

مدائن ص 49

هن جو پراڻو نالو طيسفون هو، هي شهر قديم زماني ڪان تهذيب تمدن جو مرڪز رهندو ٿي آيو، خاص ڪري خسرو اول جي دور ۾ هن کي وڏي اهميت ملي، هي بغداد ڪان ٿوري پنڌ تي دجلي جي ڪناري تي آباد هو. هتان جي عمارتن مان ايوان ڪسري اڄا تائين مشهور آهي (3).

نوشيروان ۽ حضرت عمر فاروق ص 50

نوشيروان (خسرو اول) ولادت 521ع وفات 579ع حضرت عمر فاروق رضہ ولادت 582ع شهادت 645ع انهي حساب موجب نوشيروان فوت ٿيو تہ حضرت عمر جي ولادت ڏن سالن ڪان پوءِ ٿي، ان حالت ۾ اهو قصو لايقيني آهي. حضرت عمر جي دور ۾ ايران تي يزدگرد جي حڪومت هئي. جنهن کي مسلمانن شڪست ڏني (4).

---

(1) سير الاولياء. تصنيف، اميرخورد، اردو بورڊ، لاهور، ص 630.

(2) حاشيہ ميراث ايران. جي آربري، مترجم: سيد عابد علي، ص 126.

(3) سير الاولياء. مرڪزي اردو بورڊ، لاهور. ص 630.

(4) مترجم: مختلف ڪتابن جي مطالعي موجب.

www.maktabah.org

نورستان ص 50

نورستان، بدخشان افغانستان ۾ آهي. هن جو اوائلي نالو درواز هو. هي فخرالدين مسعود بامياني 540هـ-1146ع فتح ڪيو هو (1).

ابو المعالي ص 50

ابو المعالي عبدالله بن بڪر ميان جي لقب عين القضات همداني ولادت 492هـ (2) هن عين القضات کي پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ اختلاف عقيدي جي بنياد تي جيئري باهه ۾ ساڙيو ويو. چون ٿا ته عشق الاهي ۾ جڏهن منس خاص تجلي واقع ٿي ته عين انهي عالم ۾، اها تمنا ڪيائين ته مون کي باهه ۾ ساڙيو وڃي جيئن محبوب پاڻ مشاهدو ڪري. هن جي انهي خيال کي بدعقيدگي ڪري ليکيو ويو، خواجه احمد غزالي چيس ته پنهنجي عقيدي جي وضاحت ۾ ڪجهه لکي ڏي ته تنهنجي جان بچائڻ جو ڪو حيلو ڪجي! عين القضات وراڻيو: مون ته انهيءَ ڏينهن لاءِ سدائين دعائون ڪئي گهريون. نيٺ ڪيس جيئري باهه ۾ جلايو ويو.

جڏهن سندس جسم کي باهه وکوڙي وئي ته هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳو، ماڻهن پڇيس: هاڻ ڇو پيو چيچلائين؟ آئون سڙڻ تي نڪو چيچلايان پر ڏکب اهو اٿم ته جلدي سڙي رهيو آهيان تنهن تي پيو هاءِ هاءِ ڪريان (3).

همدان ص 50

هي الوند جبل جي دامن ۾ آباد آهي، هتان ڪيئي رستا

---

(1) طبقات ناصري جلد اول، ص 686.
(2) اقباليات. شمارهه پاڪستان (فارسي) اقبال اڪيڈمي لاهور، ص 101.
(3) سيرالاولياء. امير خورد، ص 727.

www.maktabah.org

قزوين، طهران، تبريز ۽ ٻين شهرن ڏانهن وڃن ٿا. انهي جغرافيائي اهميت جي ڪري هي شهر هميشه رونقدار رهندو اچي ٿو. عام طرح چوڻ ۾ اچي ٿو ته هي شهر جمشيد اڏايو هو، پر حقيقت ۾ اهو ڪوروش جو اڏايل آهي جنهن 550 ق- م ان جو بنياد رکيو. هتي بوعلي سينا ۽ بابا طاهر عرياني جا مقبرا آهن(1).

قبرن تان فيض جي ڏي وٺ. ص 51

افلاطون (مشهور فلسفي) بابت ٻه ائين مشهور آهي ته هن جا شاگرد سندس موت کان پوءِ ڪنهن مسئلي ۾ منجهندا هٿا ته افلاطون جي قبر ڏانهن رجوع ڪئي ٿيا. ائين انهن جو مسئلو حل ٿي ويندو هو(2).

شاهه شجاع ڪرماني. ص 52

هي بزرگ ٻي طبقي وارن صوفين مان ليکيو وڃي ٿو. ابوتراب نخشبي ابوعبدالله ذراع بصري ۽ ابوعبيد بصري جي صحبت ۾ رهيو. ابوعثمان خيري جو استاد هو. ڪي چون ٿا 270 هـ 783ع ته ڪن جي چوڻ مطابق 300هـ، 812ع ۾ فوت ٿيو(3).

مهر سليماني. ص 53

حضرت سليمان نبي جي مُهر، جنهن ۾ اسم اعظم آکريل هو. ان جي اثر کان جن ڀوت، پريون ۽ ٻي مخلوق سندس تابع هئي. ـ مترجم

ابراهيم ادهم. ص 53

ابرهيم بن ادهم بن سليمان بن منصور بلخي، ڪنيت

---

(1) حاشيه ميراث ايران، ص 292.
(2) ڪيهان فرهنگي فارسي، نمبر 9، ص 6.
(3) سير الاوليا، امير خورد، اردو ترجمو، اعجاز الحق قدوسي، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1980ع، ص 112.

www.maktabah.org

ابو اسحاق 261ھ، 777ع ڌاري شام ۾ فوت ٿيو. هتي ابراهيم ادهم جي قصي کي هوبهو گوتم ٻڌ جي سوانح واري رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيئن هن بادشاهي ڇڏي فقيري اختيار ڪئي تيئن گوتم ٻڌ به شاهي تخت ڇڏي ويراگ ورتو. ابراهيم ادهم جي اصل بزرگي اها هئي ته پاڻ پوکن ۾ پورهيو ڪري پنهنجي ڪٽي ڪمائي ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو (1). ـ مترجم

پير پٽو ص 65

پير پٽي بابت پهرين گالهه ته:

هي آپلن جي ڪٽم (قبيلي) مان نج سنڌي هو. اهو غلط آهي ته هي ديول (ديبل) يا ڪنهن ٻي هنڌان هتي آيو. سندس نالو راڄپار پٽ گاهو پٽ لاکو پٽ سکيرو ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪو هن آدي بنيادي سنڌي هڻڻ جو ثبوت آهي، پاڻ 665ھ 1248ع فوت ٿيو هو.

انهيءَ پڪ ٿيڻ کان پوءِ ته، ته پير پٽو برابر سنڌ جو رهاڪو ۽ آدي بنيادي سنڌي هو (جيئن متي پيراٿٽي نموني پيڙهين سان پڌرو ڪيو ويو). تاريخي لحاظ کان ابراهيم ادهم سان سندس پيٽ ڪٽي ويندي ته اها پوري ڪانه ٻيهندي. براهيم ادهم 261ھ ۾ فوت ٿيو ۽ پير پٽي 666ھ يا ٽورو اڳ پوءِ وفات ڪئي. هاڻ اها گالهه صدين جي تفاوت جي صورت ۾ ڪيئن صحيح قبول ڪري سگهجي ٿي ته اهي ٻئي پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا؟

اها حقيت وري هيڪاري وڌيڪ حيرت ۾ وجهندڙ آهي ته پير پٽو 666ھ يا ٻي اندازي موجب 680ھ ڌاري فوت ٿيو

---

(1) سير الاولياء، امير خورد، اردو ترجمو، اعجاز الحق قدوسي، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1980ع، ص 112

www.maktabah.org

۽ شيخ مغل ٻين ان کان گھٽو عرصو اڳ 601ھ-1204ع ۾ وفات ڪري چڪو ھو.

ايڏي حد تائين اھا ڏڻي واڻي تاريخي غلطي ٻڌائي ٿي ته رسالي جي اصل مرتب پنھنجي اندازي تي اھو ڪارنامو ڪري ڏيڪاريو آھي. ساڳي وقت سندس ٻيو ڪارنامو، اڃھو ھي آھي جو لڪي ٿو ته پير پٽو ماڻھن کان پاسيرو ٿي وڃي غار ۾ لڪي ويٺو جتان ڪيس شاھ جميل گرناري وفات 642ھ اچي ٻاھر ڪڍيو.

ھن باري ۾ حديقة الاولياء جو بيان آھي ته: پير پٽو قلندر شھباز جو خاص معتقد ۽ سندس ھمعصرن مان ھو، پير پٽي جڏھن وحدت وارو جام نوش ڪيو ته دنيا کي ترڪ ڪري ھڪڙي غار اندر وڃي لڪي ويھي رھيو. ڪنھن ڏينھن قلندر شھباز ۽ شيخ بھاءالدين ملتاني، سير ڪندي اچي انسان لنگھيا ته ھن (پير پٽي) کي ڏسي ورتائون ۽ ڪيس ٻاھر آڻي دنيا کي فيض رسائڻ جي تلقين ڪيائون.

ھن جي وفات قلندر شھباز جي وصال کان ست سال اڳ 666ھ ڌاري ٿي ھئي (1).

شيخ فريد الدين عطار ص 67

ھاڻ وري ھي تاريخي تفاوت وڏيڪ ڏيان ڏيڻ جوڳو آھي. شيخ فريدالدين جي ذڪر ۾ لکيل آھي ته اسان وري رندن واري ولايت ۾ رھياسين جتي شيخ فريدالدين عطار جو روضو آھي.

شيخ فريدالدين عطار جي ولادت 513ھ، 1140ع ۾ ۽ وفات 627ھ 1230ع ڌاري ٿي ھئي. ھي نيشاپور ۾ پيدا ٿيو ۽ سندس مزار ٻ اتيئي آھي.

---

(1) ڏسو حديقة الاولياء، فارسي:
حاشيہ (1) ص 48، حاشيہ (2) ص 48.

www.maktabah.org

شيخ فريدالدين ت 627ھ ۾ هي جهان ڇڏي ڇڪو هو ۽ شيخ مغل ۾ين جنهن پاڻ 601ھ ۾ وفات ڪئي سو ڪهڙي حساب سان ان جو روضو ۾يٽي آيو؟

انهن ايڈين تاريخي غلطين جي ڪابہ چند ڇاڻ ڪانہ ٿيل آهي. جنهن تي جيترو ارمان ڪجي ٿورو ٿيندو. اهو سڄو نتيجو انهيءَ حد ڪان وڌيل عقيدي جو آهي جنهن موجب ڪنهن بزرگ جي قلمي امانت جي ڪا سنڀال نٿي ڪئي وڃي. ان ۾ پوين کي بہ درگذر ڪري نٿو سگهجي جن جي تاريخ جي علم ڪان عدم واقفيت انهن کوتاهين جو ڪارڻ بنجي ٿي. رهيو سوال ڪاتبن جي ڪتابت جو: انهن ٿي ڪنهن هڪ لفظ يا نقطي جي غلطي ڪان وڌيڪ کو ڏوهہ ڏئي نٿو سگهجي، هي ته سڀون سڌو ۽ ڳهين عبارتن جي غلط بياني جو مسئلو آهي ان کي درگذر ڪين ڪيو ويندو. ـ مترجم

۾لي جو ڪشف

ص 67-68

شيخ فريد الدين جي بيان ۾ وري هڪ ۾لي جي ڪشف جو احوال آيل آهي جيڪو ولين وانگي پڻ متي ڪري ميڪائتن سان خانقاهہ تي ايندڙ مسافرن جو تعداد اڳواٽ ٻڌائيندو هو.

۾لي جي ڪشف وارو اهو قصو مولانا جامي هڪ بي بزرگ آخي فرج زنجاني ۽ جي نالي ڌهرائيندي لکيو آهي ته: آخي فرج زنجاني جيڪو شيخ ابو العاس نهاوندي جو مريد هو تنهن جو ۾لو وڏي ڪشف وارو بيان ڪيل آهي. شيخ زنجاني جي درگاهہ تي جڏهن بہ ڪو مهمان ٿي آيو ته اهو ۾لو آن جي مٿان بيهي ميڪات ڪندو هو جنهن کي ٻڌي درگاهہ جا خادم اوترو آن پاڻي ديگ ۾ وجهندا هئا ته جيئن سڀني جي پوراڻي ٿي سگهي.

هڪ ڏينهن درگاهہ جي ديگ ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪاڏو بچي ويو، جنهن تي خادمن کي حيرت لڳي ته اڄ ۾لو ڪين ۾لجي ويو؟ اوڏيءَ مهل ۾لو آڻيو ۽ درگاهہ تي آيل هڪ هڪ

www.maktabah.org

مهمان کي سنگهندو اڳتي وڌندو ويو تان جو هڪ مهمان ٻانهين پهچي ان جي مٿان پيشاب ڪرڻ لڳو. جڏهن جاچ ڪيائون خبر پيئن تہ اهو ماڻهو دين کان ڦريل هو.

انهيءَ ٻلي بابت ٻيو نقل:

مولانا جامي ساڳي بزرگ اخي فرج زنجاني جي ذڪر ۾ لکي ٿو تہ: هڪ دفعي ابو فرج زنجاني جو بورچي مهمانن لاءِ کير ۽ چانور ديگ ۾ وجهي کيرٽي رڌي رهيو هو تہ اوچتو هڪ نانگ اچي نڪتو جيڪو چلهي جي دونهين کان ٻيهلجي ٽپ ڏئي وڃي کيرٽيءَ واري ديگ ۾ پيو. ابو فرج زنجانيءَ جي ٻلي نانگ کي جو ديگ اندر ٽپندي ڏٺو سو ديگ جي چوڌاري ڦرندو ميڪات ڪندو رهيو پر بورچي جو ڌيان انهيءَ پاسي نہ ويو. آخرڪار ٻلي خار مان ٿهڪندڙ ديگ ۾ ٽپو ڏنو ۽ نانگ سان گڏ پساهہ پورا ڪيائين. بورچيءَ ديگ ۾ ڪفگير گهمائيندي ٻلي کي ڏسي ورتو ۽ وڃي ابو فرج زنجانيءَ کي ٻڌايائين، تنهن حڪم ڪيو: ديگ اونڌي ڪري کيرٽي هاري ڇڏيو. کيرٽي هاريندي نانگ ظاهر ٿي پيو ۽ سيني کي خبر پئي تہ ٻلو نانگ جي ڪري ديگ ۾ ٽپي پيو هو.

ابو فرج زنجاني فرمايو تہ اهو ٻلو درويشن جي جان بچائڻ لاءِ شهيد ٿيو آهي، ان کي پوري مٿس مزار تيار ڪئي وڃي جيئن هرڪو اچي اُن جي زيارت ڪري. پڇاڙيءَ مولانا جامي لکي ٿو تہ انهي ٻلي جي قبر اڄا سوڌي موجود آهي ۽ ماڻهون ان جي زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا. اولياءِ ڪرام بابت اهڙا عجيب غريب قصا تحفتہ الڪرام ۾ پڻ آيل آهن. فاعتبروا ياولي الابصار. (1)

---

(1) نفحات الانس. فارسي. مولانا عبدالرحمٰن جامي، بہ تصحيح و مقدمو مهدي توحيد پوري. از انتشارات ڪتاب فروشي محمودي ص 148.

www.maktabah.org

سڪندر ۽ ذوالقرنين ص 68

سڪندر ۽ ذوالقرنين ۾ جدا شخصيتون آهن جن جي باري ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد ترجمان القرآن ۾ وضاحت ڪندي چاڻايو آهي تہ قرآن ۾ جنهن ذوالقرنين جو ذڪر اچي ٿو، اهو الڳ هستي آهي ان جو سڪندر سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. ذوالقرنين آڳاڻي ايران جو پيغمبر هو جنهن کي ڪوروش ۽ سائرس سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ ذوالقرنين قفقاز ۾ منگول ۽ تاتاري قوم جي قرلٽ کان بچڻ لاءِ هڪ ڀڳهي پيٽ اڏرائي هئي جنهن کي پڻ غلطي وچان سيد سڪندري (سڪندر جي ٻنڊ) ڪوٺيو وڃي ٿو (1). ـــ مترجم

حُر بن دعي ص 69

هن جي واڪاڻ ۾ چيو ويو آهي تہ هي وڏي ڪشف ڪرامت جو مالڪ ۽ حضرت امير حمزي جو گهاڻو يار هو، پر شراب سان ڏاڍي رغبت هيس ايتري قدر جو مرڻ کان پوءِ لاءِ بہ وصيت ڪري ويو تہ جيڪو شراب جي ڳگهي يا ڏُنگ ڪٽي اچي منهنجي قبر تي اوتيندو تنهن جي هر مراد پوري ٿيندي وغيره.

خبر ناهي تصوف ۾ شريعت کي طريقت تي ترجيح ڏيڻ واري هڪ پلاري صوفي شيخ مغل پيءَ اهو انڪشاف ڪهڙي اهميت سان ڪيو آهي. اها تہ سنئين سڏي شراب نوشي جي تائيد ٿيندي، جيڪا ڪنهن بہ شرع جي تابعدار لاءِ مباح ڪي نہ ٿي سگهي.

هن بابت اسان فارسي جي هيٺين مصرعي تي اکتفا ڪندي اها ڳالهہ اهل علم جي وڌيڪ وضاحت لاءِ اتيئي ٽا ڇڏيون.

---

(1) وڌيڪ لاءِ ڏسو ترجمان القرآن، مولانا ابوالڪلام آزاد.

www.maktabah.org

بسوخت عقل ز حيرت ڪ اين چہ بوالعجبي است.
(عقل انهي رونشي تي اچرج ۾ آهي).

احمد بن محمد بيابانی ص 70

هي درويش سمنان جي حاڪمن مان هو، پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ وقت جي بادشاهہ وٽ ملازمت شروع ڪيائين. هڪڙي پيري جنگ هلندي جذبو اچي ويس جنهنڪري سڀ ڪجهہ ڇڏي 687 هـ ۾ بغداد وڃي شيخ نورالدين عبدالرحمٰن وٽ پهتو جتان وري حجاز هليو ويو ۽ اذن ارشاد وٺي واپس ٿيو. سندس وفات ستهتر ورهين ۾ ٿي.

هن بزرگ، دين ۽ دنيا کي جنهن نظر سان ڏٺو، ورلي ڪنهن ولي ڏٺو هوندو، هڪ پيري فرمايائين تہ خدا زمين ۽ زمين آباد ڪندڙ انسانن کي انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ جيئن آباد رهي ۽ خاق کي آن سان فائدو رسي، زمين آخر فائدي لاءِ آهي ۽ اها زمين جيڪا هر سال آباد ٿيندي خرارن جا خرار اناج هر سال پيدا ڪندي رهي ٿي تنهن کي ائين غير آباد ڇڏي ڏيڻ ۽ ان ڪاهلي کي دنيا جي ترڪ ۽ زهد جو نالو ڏيڻ شيطان جي تابعداري ۾ شامل آهي، جو تہ ڪوبہ شخص واندي ماڻهوءَ کان وڌيڪ بيڪار نہ آهي. اهڙو ماڻهو دنيا توڙي عاقبت ۾ سرخرو ٿيڻ لائق نہ رهندو.

وري ٿو فرمائي تہ آهي درويش جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل رهن ٿا تن کي ڪپي تہ ڪهڙي بہ بيڪار ۽ نڪمي ماڻهوءَ کي وچ ۾ نہ آڻين، جو تہ هڪ بيڪار ماڻهو هڪ سؤ ڪارائتن ماڻهن جي ڪم ڪار ۾ رڪاوٽ وجهي سگهي ٿو(1).

هن پلاري جا اهي ٻئي ارشاد اڇڪلهہ جي انهن پيرن فقيرن ۽ سندن خادمن خليفن لاءِ هڪ تنبيهہ جي حيثيت رکن ٿا

(1) نفحات الانس، مولانا عبدالرحمان جامي، انتشارات ڪتاب فروشي، محمودي، طهران ايران. ص 439-448

www.maktabah.org

جيڪي ماڻهن کي پنهنجي پاسي ڇڪي ڪين ڪم ڪار کان فرهم ڪري مفت جون مانيون ڪارائي دين توڙي دنيا کان پاسيرو ڪري ٿا ڇڏين. خاص ڪري سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن کي درگاهي لڏي ۾ آڻي فقيريءَ جي نالي کنهن پورهئي پاڙي کان پالهو ڪري ڪين جهڙو بڻائي هزارن خاندانن کي تباهي ۾ آندو وڃي ٿو. اها کيڏي نہ لاغرضي ۽ لاپرواهي آهي. جو خدا جي زمين تي ڇڏيل خدا جي خلق کي بيروزگار بڻائڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي.

اصحاب کهف ص 71

هنن بابت بيان ڪيل روايتن مان هڪ اهم روايت هيءَ ب آهي ته ان قصي جي شروعات شهنشاهه دقيوس 201 - 251 ق. م ۾ ٿي هئي.

مذڪوره شهنشاهه پنهنجي حڪمراني جي دور ۾ ڪوشش ڪئي ته رومين ۾ رائج ٿيل بت پرستي (جيڪا ختم ٿيڻ تي هئي) کي نئين سر عروج تي آڻي عيسائيت کي نابود ڪيو وڃي. انهي خيال سان هن عيسائين تي ڏاڍا ڪيس ۽ ڪلور ڪيا جنهن وڳهي ڪيئي ماڻهون مارجي ويا.

انهي دور ۾ افيسس واري هنڌ تي ڪي عيسائي نوجوان هڪ غار ۾ گهڙي وڃي سمهي پيا. ڪيتري وقت کان پوء جڏهن عيسائيت جو اوج شروع ٿيو تہ ٿيوڊوسس ثاني 408-450ع جي زماني ۾ اهي ننڊ مان سجاڳ ٿي غار ڇڏي ٻاهر آيا (1).

بلعم باعور ص 71

بني اسرائيل جو وڏو عالم ۽ ولي جنهن جي بد دعا

(1) اردو دائره معارف اسلاميه، لاهور. ص 830.

www.maktabah.org

(پيٽ) سان موسيٰ نبي چاليهن ورهين تائين جهنگ جهر ۾ پڪندو رهيو. پوءِ هي يوشع نبي جي پاراتي سان پنهنجي ولايت ڪان نِرهه (محروم) ٿي ويو (1).

شيخ اسماعيل مغربي ص 73

هن بزرگ جو پورو نالو محمد بن اسماعيل لقب ابو عبدالله مغربي هو. سندس وفات 299 هـ ڌاري ٿي هئي. هڪ سو ٻاويهن ورهين جي ڄمار ۾ دنيا ڇڏ ياڻين. هي ابو حسين علي رضوي هروي جو شاگرد ۽ ابراهيم خواص، ابراهيم بن شعبان ڪرمان شاهي جو استاد هو. هن جي استاد ابو حسين جي عمر ويهه سال هئي. جيڪو عبدالواحد زيد بصري جو شاگرد ۽ اهو حسن بصري جو شاگرد هو.

ابو عبدالله جي مزار طورسينا جبل تي پنهنجي استاد ابو حسين جي پرسان آهي. چون ٿا ته هن ڪڏهن اوندهه نه ڏٺي، سدائين روشني ۾ رهندو هو. پاڻ چوندو هو ته خدا مون کان دنيا جون خواهشون کسي وٺي ته مان ان مان بهشت ملڻ کان وڌيڪ خوش ٿيندس (2).

جئن هن رسالي مقصود العارفين ۾ لکيل آهي ته شيخ اسماعيل مغربي جي درگاهه تي ان علاقي جون خوبصورت زالون ۽ چوکريون خاص انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ٿيل آهن ته هتي جيڪو به مسافر اچي ان جي بدن کي رات جو وڃي اهي مالش به ڪنديون آهن ته کيس زور به ڏينديون آهن وغيره. ليڪن مسلم صوفين وٽ اهڙي ڪلهه ڪلا عياشي ڪڏهن به ڪانهي، هر هنڌ خلق زالين مردن برابر ايندي ويندي رهي ٿي، پر

(1) فيروز اللغات، فارسي، مولوي فيروزالدين. ص 156.
(2) نفحات الانس، مولانا جامي، به تصحيح و مقدمه، مهدي توحيد پوري، ص 90.

www.maktabah.org

هينءَ رات جو وڃي ڪنهن کي زور ڏيڻ يا ستدس بدن جي مالش ڪرڻ جو رواج ڪٽي ب نٽو ڏسجي. اها روايت ان قصي کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ گهڙيل ٿي ڏسجي.

حجر ولايت ص 73

هي حجاز، شام ۽ وادي قراء جي وچاڪ ۾ تي آهي هتي ڪنهن زماني ۾ ثمود جي اولاد رهندي هئي. (1)

شيخ سهل صوفي ڪبير ص 75

حضرت شيخ ذوالنون مصري جو شاگرد ۽ مصاحب سهل بن عبد الله تستري وڏن عالمن ۽ صوفين مان نامياروٿي گذريو آهي. سندس رحلت 283 هـ ۾ ٿي هئي. هي وڏو عابد ۽ زاهد هو، سندس ڪيٽي قول وڏي اهميت رکن ٿا: ڪانئس پڇائون، بدبختي جي نشاني ڪهڙي آهي، جواب ڏنائين ته بدبختيءَ جي نشاني اها ئي سمجهڻ ڪپي ته دوست توکي نوازي پر توکي پاڻ وٽ نه گهرائي ۽ نيڪ بختيءَ جي نشاني هيءَ ته دوست توکي پاڻ وٽ گهرائي پوءِ پلي ڪٽي توکي نوازيندو نه هجي. اهو درويش جيڪو ماڻهن سان محبت وارو سلوڪ روا نٽو رکي تنهن وٽان ڪوبه فيض پرائي نه سگهندو. يعني اهو فقير ڏي بي فيض آهي.

روايت آهي ته هن درويش کي هڪ موذي مرض هو پر پاڻ ڪڏهن خدا کان ان جي چٽڻ جي دعا نه گهريائين، حالانڪ هن وٽ گهڻو ڪري مريض ماڻهو ايندا هئا ۽ هن جي دعا سان ڪيئن شفا ملندي هئي.

هن جي استاد شيخ ذوالنون مصري هڪ دفعي بيان ڪيو ته: مون ٽي سفر ڪيا ۽ ٽي علم پاڻ سان آندم هڪ علم اهڙو هو جو خاص ماڻهن پسند ڪيو ۽ عام کي ب وڻيو.

(1) طبقات ناصري، جلد اول، مرڪزي ادبي بورڊ لاهور، ص 51

www.maktabah.org

ٻيو علم اهو جو خاص کي ٻاڻائ ٻيو عام کي ڏکيو لڳو ۽ ٽيون علم اهو جو خاص عام ٻنهي کي پيٽ تي نه پيو. ان جي وضاحت ڪندي شيخ الاسلام اسماعيل عبدالله انصاري چوي ٿو: پهريون علم توبهه هو جو خاص عام کي پسند پيو. ٻيو علم توڪل ۽ محبت هو جنهن کي ڪنهن نه قبوليو ٽيون علم حقيقت هو جيڪو خلق جي علم عقل کان مٿي هو. (1)

هن باري ۾ سامي کهڙو نه چڱو چيو آهي:

سو پريمي پورڻ، سو ساڌو جن سورمون
جو آڻي سيتا سرت کي، ماري من راوڻ.

شيخ نجم الدين ص 75

هن ٻلاري جي ڪنيت ابو النجناب نالو احمد بن عمر ۽ لقب ڪبريٰ هو، هن کي ڪبريٰ ان ڪري ٿي ڪوٿيو ويو جو مناظري ۽ مباحثي وقت هر ڪنهن کي قائل ڪري ٿي ڇڏيائين ان ۾ سندس ثاني ٿي ڪونه ٿي ڏٺو. ڪيس ولي تراش (ولي پيدا ڪندڙ) به سڏيو ٿي ويو، ان لاءِ جو هن جي نظر فيض اثر جنهن بني بشر متان ٿي پئي سو ولايت جي رتبي کي رسي ٿي ويو. هڪڙي ڀيري سندس محفل ۾ اصحاب ڪهف بابت بحث هلي رهيو تہ اتي ويٺل هڪ مصاحب دل ۾ خيال ڪيو، هن امت ۾ اڄ به ڪو اهڙو پهتل شخص آهي جنهن جي صحبت اصحاب ڪيف جي ڪتي وانگي ڪنهن ڪتي کي پنهنجي اثر ۾ آڻي؟ شيخ نجم الدين نوراني راز سان اها ڳالهه صحيح ڪري ورتي ۽ پنهنجي جاءِ تان آڻي باهر آيو تہ ايتري ۾ هڪ ڪتو اچي اتان لنگهيو. شيخ نجم الدين جو مٿس نظر ڪئي تہ حيران ۽ بيخود ٿي شهر جا چڪر ڏيندو قبرستان ڏانهن ڊوڙيو. اتي وڃي پنهنجو مٿو زمين سان هڻڻ لڳو. ائين ڪندي

(1) نفحات الانس. مولانا جامي، ص 32-66.

www.maktabah.org

هتان هتان جا ڪيئي ڪتا اڇي ان جي چوڌاري گڏ ٿيا، جيڪي ادب سان ان جي آڏو بيهي رهيا. آخرڪار ڪتو انهيءَ حالت ۾ مري ويو. شيخ نجم الدين حڪم ڏنو: انهيءَ ڪتي کي پوري مٿس قبر جوڙي وڃي.

چون ٿا تہ جڏهن شيخ نجم الدين جي شهادت جو وقت ويجهو آيو تہ هي پاڻ خوارزم ۾ هو. سندس مصاحبن کيس زور مس ڪري خراسان ۾ آندو، جتي هن جا مخالف بہ پهچي ويا. مصاحبن شيخ نجم الدين کي چيو هنن کي پٺ پاراتو ڪريو تہ دفع ٿين. شيخ جواب ڏنو تہ امر الاهي ائين آهي تہ مان هنن سان مقابلو ڪندي مران ان ڪري ائين ٿي ڪرڻو پوندم.

آخرڪار ڪافري جو جهنڊو هٿ ۾ ڪڻي مخالفن سان مهاڏو اڏكايائين ۽ انهن جي لاڳيتن حملن ۾ شهيد ٿي ويو. مولانا رومي سندس حسب حال هي شعر چيو آهي:

اسان اهي رند آهيون جيڪي هڪ هٿ ۾
شراب جو پيالو تہ پي هٿ ۾ ڪافري جو جهنڊو
ڦڙڪائيندا ميدان ۾ ايندا آهيون. (1)

هن جي شهادت 618 هـ مطابق 1222ع واقع ٿي هئي.

عاشق مرندا ڪينڪي، رهندا ڪين مڪان ۾.

هماءُ پکي ص 87

ايراني تذڪرن ۾ آيل مشهور پکي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن جو پاڇو جنهن تي پوندو سو بادشاهي ماڻيندو. انهيءَ نسبت سان اهو نالو عورتن تي بہ رکيو ويندو آهي.

ايران جي مشهور بادشاهہ بهمن (جنهن جي نالي پٽيان سنڌ ۾ برهمڻ آباد مشهور آهي) تنهن جي ڏيءَ جو نالو پمڻ

(1) نفحات الانس، فارسي مولانا جامي، ص 419 ـ 424.

www.maktabah.org

هماء هو (جنهن هماء جي پيءُ بهمن) پنهنجي انهيءَ ڏيءَ (هماء) سان شادي ڪئي هئي.

قديم ايران ۾ مصر وانگي ٻين ملڪن جا بادشاهه به پنهنجين سڳين ڏيئرن ۽ پينرن سان شاديون ڪندا هئا ته جيئن سندن تخت ۽ تاج جو سلسلو سندن ئي خاندان تائين قائم رهندو اچي (1).

ابرق الغراف (وڻ) ص 97

متن ۾ انهيءَ وڻ جو نالو ابرق الغراف لکيل آهي، ص 223 اڳتي وري 224 صفحي تي انهي وڻ لاءِ وضاحت ڪندي لکيو ويو آهي ته اهو وڻ "درخت خرما" يعني کجيءَ جو هو. اصل ۾ اهو ٻهر جو وڻ هو(2). جنهن جي هيٺان ويهي رسول ڪريم ﷺ جن اصحابين کان عهد ورتو هو جنهن کي بعيت رضوان جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

اهو وڻ حضرت عمر فاروق جي دور خلافت تائين ماڻهن جي پوڄا جو مرڪز بڻجي ويو جنهن جي ڪارڻ ۽ لامن ۾ ڪيئي اڳڙيون، پٽ ۽ دولت، وغيره جي مراد لاءِ ٻڌل هيون، جيئن سنڌ ۾ پيرن فقيرن جي درگاهن ۽ قبرن تي ساڳيو رواج آهي. پوءِ حضرت عمر انهيءَ وڻ کي ٻاڙڻ ٻڌائي ڇڏيو جنهن جو ڪوبه نالو نشان ڪونه رهيو.

هن رسالي ۾ اهو ڪينءَ لکيو ويو ته انهي ئي وڻ جو وجود سندس دور تائين قائم هو.؟ وَماعلينا الا البلاغ.

شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني ص 103

برصغير هندستان پاڪستان جي بزرگن مان مشهور بزرگ

---

(1) حاشيه ميراث ايران، ص 626.

(2) صلح حديبيه، محمد احمد باشميل، اردو ترجمه، ص 189

www.maktabah.org

شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني. سندس ڏاڏو ڪمال الدين علي شاهه قريشي مڪي مان خوارزم هجرت ڪري ويو جتان ٽيندو ملتان ۾ آيو. هن جي فرزند شيخ وجيهه الدين جي گهر ۾ شيخ بهاء الدين زڪريا 27 رمضان 566هه ۾ پيدا ٿيو. ظاهري علمن جي تحصيل کان پوءِ سير سلوڪ ڏانهن مائل ٿيو، انهيءَ سانگي عرب عجم جي ڪيترن ئي ولين وٽان فيض ورتائين.

شيخ بهاء الدين پوءِ بغداد ۾ اچي شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي‌ءَ جي مزارن جي زيارت کان مشرف ٿيو جتان ڪيس ابدي سعادت ۽ سرمدي دولت عطا ٿي. سندس زندگي خلق خدا جي خدمت ۽ رهبري ۾ بسر ٿي، وقت جي ولين، سيد جلال لدين سرخ بخاري ۽ ٻين ڪيترن سان سندس صحبتون رهيون. وقت جي بادشاهن کي پڻ پرپور فيض بخشيندو رهيو سندس وفات 7 صفر 561هه ڏاري ٿي. (1)

قطب الدين دهلوي ص 108

خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي جو تعلق ترڪستان جي هڪ وستي اوش ماوراء النهر سان هو جتي پاڻ پيدا ٿيو. سندس والد سيد ڪمال الدين خواجه معين الدين چشتي جي سنگت ۾ خراسان مان هندستان آيو. تڏهن سلطان شمس الدين ايلتمش دهليءَ جو بادشاهه هو جنهن هن ڪي شهر کان باهر ڪيلوڪريءَ ۾ رهايو پر پوءِ دهليءَ ۾ اچي قيام ڪيائين. هي بزرگ رات ڏينهن استغراق جي عالم ۾ رهندو هو جڏهن به ڪو زيارت لاءِ ايندو هو ته ان سان ٿورو گهڻو گهالهاڻي وري الاهي ذڪر ۽ مستغرق ٿي پئي ويو. 14 ربيع الاول 633هه 1235ع ۾ فوت ٿيو، وفات وقت سندس مٿو خواجه حميد الدين

---

(1) سير العارفين، حامد بن فضل الله جمالي، ترجمو: محمد ايوب قادري، ص 143.

www.maktabah.org

ناگوريءَ جي گوڏي تي رکيل هو. (1) نقل آهي ته شيخ خواجہ حميد الدين ناگوري دنيا کي ترڪ ڏئي وڃي بغداد پهتو ته حضرت شيخ الشيوخ شهاب لدين سهروردي‌ءَ سان ملاقات ٿيس، هي سندس مريد ٿيو ۽ ڪائنس (شهاب الدين سهروردي) وڏان خلافت جي گودڙي ڏيڪيائين، پوءِ هي هڪ سال تائين شيخ شهاب الدين جي خدمت ۾ رهيو جتي شيخ‌المشائخ قطب الدين بہ موجود هو. (2) شيخ مغل بيگ‌ءَ جي رسالي ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني جي ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ وقت جنهن قطب الدين دهلوي جو نالو ورتو ويو آهي سو اهوئي قطب الدين ئي بختيارڪاڪي رحمتہ الله عليہ هو.

مخدوم سهروردي ص 110

شيخ طريقت مطلع الانوار شيخ شهاب الدين ابو الحفص عمر بن محمد البڪري سهروردي، حضرت ابوبڪر جي اولاد مان سهروردي طريقي جو باني هو. شيخ عبدالقادر جيلاني جو مصاحب رهيو جنهن سندس شان ۾ اظهار فرمايو تہ: تون عراق جي آخري مشائخن مان مشهور معروف ٿي رهندين.

پاڻ شيخ المشائخ شيخ عبدالقادر جيلاني کان علاوه بين بہ ڪيترن ولين سان رهاڻيون ڪيائين ۽ ڪيترو وقت ابدالن سان گڏ گذاريائين. هن جون ڪيئي تصنيفون: عوارف ورشف النصائح، اعلام الهدي (التقي) في عقيده ارباب اکتفي وغيره مشهور آهن. عوار جي تڪميل مڪي مبارڪ ۾ ڪئي هيائين، جڏهن ڪيس کو مونجهارو پئي ٿيو تہ خدا ڏانهن

---

(1) تذڪره صوفياء بينگال. اعجاز الحق قدوسي، اردو بورڊ، لاهور. حاشيہ ص 120.

(2) سير العارفين، حامد بن فضل الله جمالي، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور. ص 113.

www.maktabah.org

رجوع (کعبي جو طواف) ٿي ڪيائين ۽ دعا گهرڻ کانپوءِ سندس هر مشڪل مسئلو حل ٿي پئي ويو. (1) وفات 632 هـ. ياد رهي ته سنڌ ۾ به پهريان سهروردي سلسلو رائج هو، لواري وارن بزرگن مان شيخ عبداللطيف متوفي (1149 هـ) ۽ مخدوم آدم ٽٺوي ان سلسلي جو بنياد رکيو پر اڳتي هلي شيخ عبداللطيف مخدوم فيض الله جي صحبت ۽ رغبت ۾ سهروردي سلسلي کي چڏي نقشبندي سلسلي ڏانهن رجوع ٿيو هو. (2)

ڇهه بزرگ

ض 113

انهن بزرگن جو احوال:

شيخ شرف پاڻي پٽ وارو جيڪو بوعلي قلندر جي نالي هند سنڌ ۾ هاڪارو آهي. شيخ شرف الدين بن سالار فخر الدين 605 هـ - 1208ع ڌاري پاڻي پٽ ۾ پيدا ٿيو. علوم ظاهري جي فراغت، کان پوءِ ويهارو سال دهلي ۾ درس ڏيندو رهيو، وقت جا وڏا عالم سندس علم دانش جا معترف هئا. ليڪن جڏهن تصوف ۾ آيو ته سرمستيءَ وچان سڀئي ڪتاب درياهه ۾ لوڙهي وڃي جهنگ جهر وسايائين. عام ماڻهن کان علاوه اڻ دور جا بادشاهه جلال الدين خلجي توڙي علاء الدين خلجي ساڻس گهڻي عقيدت رکندا هئا. سندس وفات 724 هـ 1324ع ۾ ٿي دفن به پاڻي پٽ ۾ ٿيل آهي. هن جون تصنيفون مڪتوبات، حڪم نامه، مثنوي ڪنز الاسرار ۽ رسالو عشقيه

---

(1) نفحات الانس. جامي، ص 472.

(2) ملوڪ الڪلام. ابيات سندي به ترجمه فارسي، سلطان الاولياء خواجه محمد زمان ترجمه سنڌي ۽ ترتيب نيازهمايوني ص 80-81- اشاعت 1977ع.

www.maktabah.org

مشهور آهن. (1) پاڻ قادر الڪلام شاعر ۽ هو. سندس ولادت 602 هـ ۾ ٿي هئي.

منصور حلاج ص 113

ابو المغيث حسين بن منصور حلاج فارس جي شهر بيضا جو هو. ڪيس اناالحق جي نعري ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. دنيا جا عاشق صادق سندس عشق جي اسرار مان سرشار ٿي پاڻ کي يار جي قدمن ۾ فدا ڪندا پاڻ ملهائيندا رهن ٿا. اها ئي هن بزرگ هستيءَ جي ولايت ۽ واکاڻ آهي. شهادت 309 هـ-922ع.

عين القضاة همداني ص 113

ابو المعالي جي نالي سان هن جو ذڪر اڳوات ڪيو ويو آهي.

خواجه احمد غزالي ص 113

امام غزالي جو ياءُ شيخ احمد غزالي، شيخ ابوبڪر نساج جو مصاحب ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف هو، جن مان لمعات شيخ فخر الدين عراقي مشهور آهي. اهو ڪتاب هن شيخ فخر الدين عراقي جي زباني اظهار مطابق لکيو هو، ان ۾ هڪ هنڌ چاڻايو ويو آهي ته معشوق هر حال ۾ معشوق آهي جنهن جي صفت شان تونگري (استغناء) ليکڻ ڪپي. پي پاسي عاشق پنهنجي ليکي عاشق آهي ان جي صفت فقر سمجهي وڃي. عاشق کي جيئن ته معشوق جي ضرورت رهي ٿي ان ڪري فقر سندس صفت چاڻائي وئي ۽ معشوق جڏهن ته هر حاجت کان بي نياز آهي تنهن ڪري ان سان تونگري

---

(1) تذڪره صوفياء سرحد. اعجاز الحق قدوسي، ص 59 ـ 60

www.maktabah.org

جي شان اشتغنا واري صفت ڏهي اچي ٿي.

فخر الدين عراقي عشق ۾ مثالي زندگيءَ جو مالڪ هو جنهن جا ڪي قصا عام طرح مشهور آهن: نفحات الانس جي بيان موجب فخر الدين عراقي ارڙهن سالن جي عمر ۾ جڏهن همدان ۾ پڙهندو هو تہ آني قلندرن جو هڪ ٽولو اچي لٿو جن سان هڪ حسين چوڪرو ساڻ هو. عراقي ان کي ڏسندي مٿس عاشق ٿي پيو ۽ ڏينهن جيئن فقير شهر مان آسهيا تہ هي بہ چوڪري جي ڪري انهن جي ڪيڏ لڳو تان جو ملڪ لتاڙيندو اچي ملتان پهتو ۽ غوث بصاء الحق جو مريد ٿيو، جنهن کيس پنهنجي نياڻيءَ سان شادي ڪرائي، ان مان هن کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو ڪبير الدين رکيو ويو.

ٿوري وقت کان پوء فخر الدين عراقي سفر تي نڪتو، حج تان ٿيندو روم ڏانهن ويو ۽ شيخ صدرالدين قونيوي وٽ رهي پيو. هتي هڪ سهڻي چوڪري حسن قوال سان عشق ٿي پيس. کي ڏينهن ان جي لالانگهري اتي ترسيو جڏهن حسن قوال کانئس موڪلائي پنهنجي گوٺ هليو ويو تہ هي ٻين چوڪرن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هڪ ڏينهن امير معين‌الدين جيڪو قونيہ ۾ سندس مريد ٿيو هو تنهن ڏٺو تہ شيخ عراقي چوڪرن سان ميدان ۾ چوگان راند کيڏي رهيو هو.

امير معين الدين جي وفات کان پوء هي اتان نڪري مصر آيو. مصر جو سلطان سندس مريد ٿيو ۽ شيخ الشيوخ جو لقب ڏنائينس. تڏهن بہ بنا کنهن حجاب جي بازاريون گهمندو گوڙ شور ۾ گهاريندو رهيو. هڪ لڳان گهمندي سوچين جي بازار ۾ پهتو تہ اتي هڪ مهانڊي چوڪري متان مفتون ٿي پيو. گهاڙهي پڏري ٿي پئي تہ مصر ڇڏي شام ڏانهن رخ رکيائين هتي بہ امير، عالمن ۽ مشائخن هن جي چڱي پزيرائي ڪئي.

www.maktabah.org

شام جي هڪ وڏي امير کي هڪ سهڻو سبيتو پٽ هو. جنهن ڏي نظر پوندي شيخ عراقي دل ڦرائي ويٺو، هڪدم کنڊ کڻي ان جي قدمن ڏي رکيائين. ماڻهن جي دل ۾ اچي شڪ شبها جاڳيا پر کيچي کين ڏي سگهيا. آخر اتان هلي دمشق ۾ آيو جتي پٿهنس کبيرالدين ملتان مان کهي اچي کيس واپس وٺڻ آيو، پر هن کي کو عارضو پيدا ڏي پيو جنهن کري کونہ موڏي سگهيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ئي 688هـ ڏاري فوت ڏي ويو. سندس هي شعر مشهور آهي:

چـو خـود کـردند راز خويشتن فاش
عـراقـي را چـرا بـدنـام کـردنـد

جڏهن پنهنجو راز پاڻ فاش (ظاهر) کيائون تہ پوء ويچاري عراقيء ڏي چو بدناميء جو ٽکو (داغ) لاڏائون (1).

شيخ احمد غزالي 517هـ ۾ هي جهان ڇڏيو. سندس قبر قزوين ۾ آهي (2).

شيخ ابوعلي فارمدي ص 113

مقصود العارفين ۾ انهن ڇهن بزرگن مان هڪ جو نالو شيخ ابوعلي سينا لکيو ويو آهي، حقيقت ۾ اهو شيخ ابوعلي سينا نہ پر شيخ ابوعلي فارمدي سمجهڻ کپي. ابوعلي سينا متوفي 428هـ 1037ع هڪ فلاسافر ۽ طب جو اکابر (فلسفي ۽ طبيب) هو. تصوف ۾ ايتري کماڻي کانہ کئي هٿائين.

ابوعلي فارمدي جو نالو فضل بن محمد هو. هن کي خراسان جو شيخ الشيوخ سڏيو وڃي ٿو. علم ۾ سندس استاد ابوالقاسم قشيري هو، تصوف ۾ ابوالقاسم گرگاني طوسي ۽ ابوالحسن خرقاني متوفي 425هـ کان فيضياب ٿيو. وقت جي وڏي عالم

(1) شيخ احمد: نفحات الانس. جامي، ص 374.
(2) شيخ فخرالدين عراقي: نفحات الانس. جامي، ص 601.

www.maktabah.org

۽ صوفي شيخ ابوسعيد ابوالخير سان سندس صحبتون رهيون. پاڻ 477 هـ ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

هن بزرگ پنهنجي زندگي ظاهري باطني علم جا وڏا مرحلا طئ ڪندي ڪيئي منزلون ماڻيون. جنهن ماڻهوءَ مشهور صوفي بزرگ ابوالحسن خرقاني جي خدمت ۾ رهي رياضتون ۽ مجاهدا ڪري تڪميل حاصل ڪئي تنهن جي تعريف ٿورن لفظن ۾ پوري ڪانه ٿي سگهندي (1).

شيخ فريدالدين عطار ص 113

شيخ فريدالدين عطار بابت هڪ بحث مٿي اچي چڪو آهي هتي سندس سوانح تي ٿوري روشني وڌي وڃي ٿي چاڪاڻ ته هن صوفي بزرگ جو سنڌ جي صوفي شاعرن خاص ڪري سچل سرمست تي گهڻو اثر هو، ايتري قدر جو هن سندس لاءِ وڏي عقيدت ۽ ارادت جو اظهار ڪيو آهي. سچل سرمست هڪ فارسي غزل ۾ چوي ٿو:

اي صبا بسا حقيقت شهر نيشاپور ڪن
مي ڪنم قربان بران خاڪ زمين اين جان تن
عرض ڪن از حالت بيچاره عاشق در حضور
ڪز خم ميخانه مي در جام خالي در فگن
خواه از عطار ڪ آن محب در پير مغات است
از ولي الله دعا اي آشڪارا خويشتن.

اي صبا! اسان جي حقيقت وڃي نيشاپور بيان ڪجانءِ، جنهن سرزمين تي منهنجو تن من صدقي آهي. هن بيوس عاشق جو حال ان جي حضور ۾ عرض ڪجانءِ ته پنهنجي ميخاني

(1) شيخ ابوعلي فارمدي: نفحات الانس. جامي، ص 368.

www.maktabah.org

جي مٽ مان منهنجو خالي جام پُر ڪري. پير مغان جي در، جي محب عطار کان جيڪو خدا جو وارث ولي آهي، اي آشڪارا (سچل جو فارسي ۾ تخلص) پنهنجي دعا طلب ڪر!(1)

شيخ فريد الدين عطار، شيخ مجدد الدين بغدادي جو مريد هو، هن جي شان جي جلالت ۽ مرتبي جي بلنديءَ جو اندازو ان مان ٿئي ٿو مولانا روميءَ جهڙي عارف ۽ اهل الله سندس باري ۾ چيو هو: منصور جو نور هڪ سؤ پنجاهه ورهين جي وٽيءَ کان پوءِ فريد الدين عطار جي روح ۾ جهلڪ لڳو آهي. هڪ دفعي هي هڪڙي عطار جي دڪان تي ويٺو هو تہ اتان هڪ درويش اچي لنگهيو، عطار کي ڏسندي چيائين: خبر اٿئي تہ تون ڪيئن مرندين؟ عطار چيو: جيئن تون مرندين، درويش کاڻ جو پيالو مٿي هيٺان رکي ليٽي پيو تہ دم نڪري ويس. ان واقعي کان متاثر ٿي عطار علم باطني ڈانهن رجوع ٿيو.

چون ٿا تہ مولانا رومي بلخ ڈانهن ويندي سائس اڇي ملیو تڏهن عطار وڏي جمار جو ٽي چڪو هو. مولانا روميءَ کي هڪ رسالو "اسرار نامہ" ڈنائين جو هو سدائين پاڻ وٽ رکندو هو. مولانا رومي هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

عطار روح بود، سنائي دو چشم او،
ما از پئي سنائي و عطار آمديم.

عطار روح تہ سنائي (مشهور شاعر ۽ صوفي) ان جون اکيون هو، اسان (مولانا رومي) انهن پٺهي جي پوئواري ۾ آيا آهيون (2).

---

(1) سچل سرمست جو ديوان آشڪارا، ص 65. جلد پيو، چاپل محڪمہ اوقاف، حيدرآباد سنڌ.

(2) عطار: تذڪره صوفياء بينگال. مولانا اعجاز الحق قدوسي، حاشيہ ص 118. اردو سائنس بورڈ، لاهور، 1965ع.

www.maktabah.org

شيخ فريد الدين عطار جيڏو وڏو صوفي هو اوڏي عظمت واري ان جي شاعري هئي، جنهن کان هند سنڌ جا صوفي گهڻي قدر متاثر ٿيندا رهيا. اسان جو سدا حيات صوفي ۽ شاعر حضرت شاهه لطيف فرمائي ٿو:

صوفي صاف کيئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿئو، جيڪري پسڻ پريءَ جو.

شيخ عطار جو هڪ شعر آهي:

تا پاک نم گردي از وجودت،
هر پختگي ک هست، خام است.

جيستائين پنهنجي وجود کي پاک ۽ صاف نم ڪندين،
تيستائين تنهنجي هر پختگي (پڪائي) خام ڪچائي ليکبي.
هن جو ٻيو شعر ٻڌو!

تا روي تو قبلہ اي نظر کردم،
از کوي تو کعبہ دگر کردم.

جڏهن تنهنجو منهن اي محبوب! منهنجي نگاهن جو قبلو بڻيو،
تہ مون تنهنجي گهليءَ مان ڪعبو حاصل ڪري ورتو.

عطار روحاني مسئلن حل ڪرڻ سان گڏ، ماڻهن جي مادي مونجهارن کي دفع ڪرڻ جي به تلقين ڪئي آهي. ڇاڪاڻ تہ دنيا، آخرت جي پوڪ آهي جيستائين آها درست نہ ٿيندي تيستائين آخرت پر به درستي نصيب ڪانہ ٿيندي. هڪ هنڌ فرد کي جمع کان جدا ٿيڻ تي ۽ جائيتي انسان کي وطن ڇڏي بي وطن يا گهر ڇڏي بي گهر ٿيڻ تي ٽو چوي:

اي دُر از دريا چرا تنها شدي، از چنان دريا کسي تنها شود
اي موتي تون درياهہ کان الڳ ڇو ٿئين، پلا درياهہ کان جدا ٿيڻ جڳائي ٿو؟

هر ڪ دور افتم ز جاي از طلب، مي دود تا زود ڪہ آن جا شود

جيڪو هڪ دفعو ڪتان نڪتو، وري اتي وڃڻ لاءِ سڄي ڄمار ٻيو هاڃا هٿندو. بي هنڌ ٽو چوي:

www.maktabah.org

هر کے امروز معا بینم رخ یار مدید
طفل را هست اگر منتظر فردا شد

جنهن دنيا ۾ يار کيس نہ ڏٺو، سو ٻارن وانگي پيو سيان جو اوسيئڙو ڪندو، وري ٿو چوي:

ميان مسجد و ميخانه را هـــي اســـت
بجو ئيد اي عـزيـزان آن کـدام است

مسجد ۽ ميخاني جي وچ تي به ڪا! وات آهي
پر اي پيارو! ڳوليو ته اها ڪٿي ٿي سگهي ٿي!

شيخ عطار عشق (خدا ۽ خلق سان محبت) کي سڀني ڳالهين کان مٿي ٿو سمجهي:

عشق بالا ي کـــفـــر و ديـــن ديدم
بـــي نشات از شـــک و يقين ديـدم

عشق ڪفر ۽ دين کان مٿي آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونهي.

عطار جو عشق عالم آشڪار آهي، هـو ان ۾ ڪوبہ لڪ لڪاء پسند نٿو ڪري.

ترک قلندر مـــن، دوش در آمد از درم
بوسہ کشاد بر لبم، تنگ کشيد دربدم
در لب لعل ترک من، آب حيات خضر بود
لب چو نهاد بر لبم گفتم (ک) خضر ديگرم

منهنجو محبوب ڪالهہ منهنجي دران لنگهي آيو
مون ڪيس چمي ڏني ته زور سان پاڪر پاتائين
منهنجي يار جي ڳاڙهن چپن ۾ آب حيات هو
منهنجي چپن تي چپ رکيائين تہ مون پاڻ
کي خضر سمجهيو!

شيخ عطار جي رندي ۽ لا اُبالي واري حالت ظاهر پرستن جي اندر ۾ ڪنڌو ٿي چڙ لڳي، ان ڪري وڏو مڙ مچي ويو: چئي هن ڪافر، بيدين مان دين ڏرم کي خطرو آهي

www.maktabah.org

هن کي ختم ڪيو وڃي نہ تہ محراب، ممبر جو خير ڪونهي،
عطار کي جڏهن اها کڙڪ پئي تہ وڏي واڪي للڪاريائين:

منم آن گبر ديرينہ ڪ بتخانہ بنا ڪردم
شدم بر بام بتخانہ، در اين عالم ندا ڪردم
صـــداي ڪفر دردادم، شمارا اي مسلمانان
ڪ من آن ڪهنہ بت هارا دگر باره جلا ڪردم

آڏون اهو پراڏو پاڻي آهيان جنهن جو ٻهر
بتخانو اڏيو اٿم
ان جي چت تي چڙهي، سيني ڪي پيو
للڪارون ڪريان
مسلمانو! اوهان کي ڪفر جي صدا ٻيو ڏيان
تہ مون پراڻا بت خانا وري ناهي جوڙي تيار
ڪيا آهن.

پڇاڙي سنڌس هي شعر پيش ڪجي ٿو:

چو از ڪونين آزادم، نگويم سر خود باڪ ست
مرا آن بس ڪ در سينہ بيان سر فگن دارم

مان ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان ٻنهنجو راز ڪنهن سان ڪونہ سليندس، مون لاءِ اهو ڪافي آهي تہ سر لڪائڻ جي بازي وارو اهو راز سيني ۾ ئي سانڊيان! (1)

نوٽ:

هن ڇهن بزرگن جو احوال پيش ڪندي جڏهن سندن وفات جي تاريخن بابت تحقيق ڪئي وئي تہ انهن سان گڏ ٻين بزرگن جون تاريخون بہ معلوم ٿيون جن بابت ڪي گالهيون هتي پيش ڪجن ٿيون:

---

(1) ديوان فريدالدين عطار نيشاپوري، باتصحيح مقابلہ و مقدمہ سعيد نفيسي. چاپ سوئم از انتشارات ڪتاب خانہ سنائي تهران، ايران.

www.maktabah.org

1- شيخ شرف بوعلي قلندر 602 هـ ۾ پيدا ٿيو ۽ شيخ مغل ۾ين 601 هـ ۾ فوت ٿي ويو. انهيءَ حساب سان شيخ مغل ۾ين ڪهڙي نموني شيخ شرف بابت بيان ڪيل پنهنجي زباني مخدوم عاري کي قلمبند ڪرايو؟ جڏهن شيخ مغل ۾ين 601 ۾ فوت ٿيو ۽ شيخ شرف جي ولادت ان کان پوءِ 602هـ ۾ ٿي.

2- شيخ شهاب الدين سهروردي 539 هـ ۾ پيدا ٿيو ۽ شيخ مغل ۾ينءَ جي ولادت 523 هـ ٿي، شيخ مغل ۾ين ڇوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ سفر تي نڪتو ته پوءِ بغداد ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي‌ءَ کي ڪينءَ ڏٺائين جيڪو ڪانڌس اتي وڃڻ کان ٻه سال پوءِ جائو هو.

3- هن کان اڳ متي ٻڌايو ويو آهي ته شيخ مغل ۾ينءَ 601 هـ ۾ فوت ٿيو ۽ پير پٽي جي وفات 666 هـ يا پي اندازي موجب 680 هـ ۾ ٿي هئي، تڏهن ٻه شيخ مغل ۾ينءَ جي زباني ان جو بيان تحرير ڪيل آهي، خبر ناهي ايڏي تاريخي ڪوتاهي ڇو ڪئي وئي.

4- شاهه جميل گرناري لاءِ پڻ ياد ڏيارجي ٿو ته سندس وفات 642 هـ ۾ ٿي ۽ شيخ مغل ۾ينءَ (جيئن ڪيئي دفعا ٻڌايو ويو) 601 هـ ۾ وفات ڪري ويو، شيخ مغل ۾ينءَ کي ڪينءَ اها خبر پئي ته شاهه جميل پير پٽي کي اچي غار مان ٻاهر ڪڍيو هو.

5- اهڙيءَ طرح انهن تاريخن جي ڀيٽ هن کان اڳ شيخ فريد الدين عطار جي ذڪر ۾ ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته شيخ مغل ۾ينءَ جي اتي پهچڻ تي شيخ عطار اڳ جيئرو هو پر هن کي رسالي ۾ فوت ٿيل چاڻايو ويو آهي.

ن ـ هـ

پراڻيون وسنديون ص 147

مقصود العارفين ۾ ڪن پراڻين وسندين جو ذڪر ملي ٿو،

www.maktabah.org

جيڪي ماهر طور (محمد طور) سومرن جي اوائلي گاديءَ جي هنڌ واري شهر جي آسپاس هيون، جتان ڪن قومن جا ماڻهو ٺهيرو، چنا ۽ سومرا شيخ مغل پيڻ جن سان تڪراري رهندا ٿي آيا. انهن وسندين جا نالا، آملاڻي، ٻڌارا، پڏو، ڪاچري، سماوندي، جهر ۽ ڪانهري پڌايا ويا آهن.

انهن مان ٻهارا اڄا تائين ميرپور ساڪري جي پريان ننڍي وستيءَ جي صورت ۾ موجود آهي، (جتي 1950ع ڌاري راقم جو وڃڻ ٿيو هو.) ٻهارا ڪان جهور ملوڪ ۽ رافوڻين ڳوٺ رستي، نيم خشڪي (اڌ درياهي) پنڌ هڻي ڪيڏي بندر ۽ سوڪي بندر تائين وڃي سگهجي ٿو. هتي درياهه ڪيترين شاخن ۾ ورهايل آهي، جيڪي اڳتي وڃي هيڪاندي ٿي سمنڊ ۾ ڇوڙڪن ٿيون.

هي وسنديءَ جو نالو جهر آهي، اها وسندي ڪنهن زماني ساڳري درياهه جي ڪپ تي ٺنڍي الهيار تعلقي ۾ ڪرهل جي پرسان هئي ۽ اڄ به هڪ ننڍي ڳوٺ جي صورت ۾ اتي موجود آهي.(1) اهو پڻ چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي قديم دور جي نقشن ۾ جيڪي 500 ق-م ڪان وٺي ٽالپرن جي دور تائين ملن ٿا، تن مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم دور ۾ سيوهڻ، ٻانڀاهه، ٺورڪي، نصرپور ۽ جهر وٽان درياهه جو جيڪو وهڪرو ڏکڻ طرف ويندو هو، تنهن مان هڪ ننڍڙو وهڪرو اولهه طرف نڪري قديم ٻانڀاهه يعني ڪاڪ ٻانڀڻ وٽان وهندو جابلو علائقي ۽ ڪينجهر ڍنڍ جي ڏکڻ طرف ڪان هلندو ٿئي جي ويجهو ٺورو اڀر طرف مڙي ساموئي واري ايراضيءَ مان اولهه پاسي نڪري، سڌو وهندو ٽيپور وٽ پهچندو هو.(2)

---

(1) تاريخ مظهر شاهجهاني: ميرڪ يوسف، سنڌي ترجمو: نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص 38

(2) ٽيپور ۽ ديبل: (مضمون) ٽيپور جا آثار. ڊاڪٽر غلام علي الانا. ٽيپور نيشنل سيمينار. ص 173.

www.maktabah.org

ٿلهي ليکي اهي وسنديون (محمد طور جي آسپاس هڻڻ جي حالت ۾) اڳوڻي درک پرڳڻي ۾ هيون جيئن تاريخي طرح ڄاڻايل آهي ته: سومرن جو جهونو تخت گاهه محمد طور شهر هو جيڪو درک پرڳڻي ۾ هوندو هو، درک پرڳڻو هاڻوڪي چاچري ۽ بدين تعلقن واري هنڌ تي، يعني پارکر ۽ ونگا بازار جي وچ ۾ ٿر جي وارياسي ميدان ۾ هوندو هو. اهو درک پرڳڻو ٿرجي وارياسي ميدان کان وٺي هاڻوڪي ڏڪي شهر تائين ليکيو ٿي ويو. (1)

کانهريءَ جا سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ٻه نالا ملن ٿا هڪ کانهري ٻيلو جيڪو ٻيپور کان ڪيڇ ڏانهن ويندڙ واٽ جي وچاڪ تي آهي. (2) ٻيو کانهري قلعو جيڪو سيوهڻ کان پرتي جبلن واري ايراضيءَ ۾ اڃا سوڌو ڦٽل حالت ۾ موجود آهي. (3) ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو نالو ان زماني ۾ گهڻي قدر رائج هو جنهن جو نالو ٻيلي، قلعي ۽ وسنديءَ تي رکيل نظر ٿو اچي.

ذاتين مان راهمو ذات سمن جي نڪ مان آهي جيئن ٻيون ذاتيو، سهتا، اونا، لاکا، جکريا، نوتيار، لنجار، هنگورجا ۽ جوٽيجا انهن مان آهن. (4) ماڻهن جي نالن مان ٻيپور جي راجا جو نالو هو جنهن اهو شهر ٻڌايو. (5) راهو نالو اڄ تائين رکيو

---

(1) تاريخ سنڌ: ياگو ٽيون. عبدالغني عبدالله، ادارو سنڌ الاجي، جام شورو. ص 72.

(2) ٻيپور ۽ ديبل: (مضمون) آرياڻي انور، معمور يوسفاڻي. ٻيپور نيشنل سيمينار. ص 618.

(3) تاريخ مظهر شاهجهاني: حاشيه ۽ ص 159.

(4) تاريخ سنڌ: ياگو ٽيون. ص 147.

(5) ٻيپور ۽ ديبل: (مضمون) ٻيپور. تاج صحرائي، ص 163.

www.maktabah.org

وڃي ٿو، خود راهو هڪ ذات به آهي. تنهن کان سواءِ ڪراهو جام لاکي جي پيءُ ۽ جام جوئي جي پٽ جو نالو هو. (1) اهڙيءَ ريت ٻيا، نالا به اهڙا آهن جن مان ڪي اڄ ٿائين ماڻهن ۾ رکيا وڃن ٿا جهڙوڪ: ٽماچي، ٻير، پونگر، نيماهو وغيره.

هن باري ۾ محترم تاج صحرائي جي راءِ وزنائتي ليکيندي هٿي ورجائي وڃي ٿي. جنهن صاحب ٽنهور ۽ ديبل (ڪتاب) ۾ پنهنجي تاريخي مضمون ٽنهور تاريخ جي آئيني ۾ لکيو آهي: اڄ کان ڇهه سٽ صديون اڳ (ٽنهور واري پاسي) بندر بازاريون هيون، جن ۾ تنهن سمي وڏي رونق هوندي هئي. انهن مان ڪن جو واپار مغرب ۾ ايران، عراق، عربستان، يونان ۽ مصر سان. مشرق ۾ جاوا، سوماترا ۽ چين ولايت سان هلندو هو. ليڪن سمنڊ جي پري هٿي وڃڻ ڪري اهي بندر بازاريون پورجي تباهه ۽ برباد ٿي ويون، جن مان ڪن جا ڪي نشان ملن ٿا تہ ڪي ڪولينديو به ڪين ٿا لين، جهڙوڪ: ديبل، لاهري بندر، داراج، رحمڪي بازار، ڪلان ڪوٽ، ٽنهور ۽ مگر ٻين (مغل ٻين) حجامڙو واهه، واڳهودر وغيره.

سڪي ڏور ڏيلون ٿيو، ڪنڊيءَ ڏنو ڪاڏو
سو پاڻي پٽيهل ۾، اڳيون نه آيو
ماڙهن ميڙاڏو، ڪنهين ڪنهين ڪنڊ ڏين.

ماهم طور ص 149

محمد طور نالي هي شهر درڪ پرڳڻي ۾ سومرن جي گاديءَ جو هنڌ هو، جيڪو علاءُ الدين جي جنگ ڪان پوءِ برباد (پينگ) ٿي ويو.

سومرن کان پوءِ جڏهن سمن جو دور آيو. هنن شهر محمد طور (ماهم طور) کي منحوس چاڻي چڏي ڏنو ۽ ان

(1) سندي هوليءَ جي لساني جاگرافي: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌ الاجي، جام شورو. ص 49.

www.maktabah.org

جي بدران ساموئي آباد ڪيائون. (1)

ص 150

هالار

ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ جو الهنديون ساموندي ڪناري وارو پاڳو ويندي جام ننگر ۽ جهوناگڙهه تائين هالار سڏجي ٿو. چون ٿا ته اهو (خاص طرح ڪچ جو ڏاکڻيون، الهنديون ۽ جام ننگر وارو پاسو) هالن (قوم) جو ملڪ هو انهيءَ ڪري هالار سڏيو ٿي ويو.

دودي چنيسر جي ڪالهه جي ڪن روايتن ۾ (نامياري سورهيه ۽ سومرين جي سام جهليندڙ، ابڙي کي هالار جو بادشاهه ۽ ابڙي جو شهر هالار ڪري چاڻايو ويو آهي.

وڌيڪ ڪوٽ مان سومريون ۽ ڪچ ڏانهن انهي هالار واري پاسي کان روانيون ٿيون هيون:

ڪر رکيائون ڪچ تي هليون پٽ هالار (2)

ص 150

سرويه

سرويه راجپوتن جي چٽيهن ونسن مان آهن. مسلمانن جي اچڻ تائين هتان جا راجائون ڪتري سڏائيندا هئا، جيڪي پوءِ راجپوت ٿيا. نالي جي پٺيان سنگهه لفظ جو عام رواج سکن جي ڏهين پيشوا گرو گوبند سنگهه وٽان ٻارهين صدي عيسوي ڏاري شروع ٿيو. (3)

---

(1) سومرن جو دور: ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص 182.

(2) سومرن جو دور: ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص 83.

(3) تاريخ ريگستان: جلد پهريون. رائچند، سنڌي ادبي بورڊ. حيدرآباد، سنڌ. ص 29-30.

www.maktabah.org

پلنامو

صفحہ	سٹ	غلط	صحیح
1	10	افعانستان	افغانستان
2	24	جئن	جیئن
2	24	تئن	تیئن
2	25	لاثو	لاثو
2	27	تعلیات	تعلیقات
3	12	شیح	شیخ
4	2	نتجي	نتیجي
4	حاشیي	قران	القرآن
6	5	جئن	جیئن
6	10	سب	سي
6	15	فرماٹي	فرمائي
6	19	مقمولیت	مقبولیت
7	18	سندّ یاران	سند یاران
7	18	سندّ مدح	سند مدح
8	2	حنهن	جهنن
8	10	حن	جن
9	19	1907ع	1207ع
11	20	سجي	سچي
13	1	اللعالمین	العالمین
13	1	والعاقبتہ	والعاقبة
13	حاشیي	تعلیمات	تعلیقات

www.maktabah.org

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
16	23	الخضاب	الخطاب
16	23	حضرت المرتظي	حضرت علي المرتظي
17	3	گالھ	گالھ
19	9	جئن	جيئن
20	6	يجن	يجئ
21	23	لاشريک لئہ	لاشريک له
22	23	شيح	شيخ
24	10	ابراهيير	ابراهيم
24	15	مقر	مضر
24	16	هزيمہ	هزيمة
24	17	جو پٹ لوئي	جو پٹ لوي"
24	20	عبدالماف	عبدالمناف
25	27	ابوژو	ابوژو
29	1	ذينهن	ڈينهن
29	12	تواضح	تواضع
32	9	(جنگين)	(جنگين)
34	28	سعد معاض	سعد معاذ
34	9	سپ	سپ
37	17	عطبہ	عتبه
38	12	سعد معاص	سعد معاذ
38	19	تي	ڈي
39	11	قعلي	قلعي

www.maktabah.org

صفحو	ست	غلط	صحيح
39	17	كيثرا	كيترا
40	12	هن حي	هن جي
41	11	حضرت عليء	حضرت علي
41	19	فوت	هت
45	20	ئي هت	ٿي هت
47	23	م ن	مون
51	24	رياض	رياضت
53	23	ابراهم اد هم	ابراهيم اد هم
55	27	چا حي	چا جي
58	23	كيائين	كيائون
59	1	جئن	جيئن
61	4	حاء	جاء
64	24	حورون	حورن
66	17	امرن هي	امرنهي
68	15	سندن	سندس
69	1	بعيت	بيعت
70	23	غثبي	غيبي
74	10	بدايائين	بڌايائين
74	13	بعيت	بيعت
76	5	اسماعيل مغربي	اسماعيل مغربي (1)
77	10	ياجوج ماجوج واري جبل (اصل متن)	طور جبل
77	61	غثب	غيب
79	23	هتي	هٽي
80	20	عاشورت	عاشوراء
80	23	مرشا	مرثيه
81	6	بد لجي ئي ويا	بد لجي ٿي ويا

www.maktabah.org

صفحو	ست	غلط	صحيح
83	6	وبهيءُ	وبهي
89	12	اسان جي	اسان انهن جي
90	8	بئي	بي
98	24	مظهرهم	مظهرات
99	21	هئن	هتن
100	21	طئي	طئم
103	26	منهنجا حبيب، منهنجا حبيب	منهنجا حبيب، منهنجا محبوب
104	2-1	ڏاکي ڏاکي تان	ڏاکي تان
113	5	جمائڻ	جاڻڻ
116	2	حاشيي يوفو	يـُـوفُ
116	10	حاشيي لله خير	لا فيه
117	22	خلقنا لانسان	خلقنا الانسان
118	5	آمنو او عملوا الصحلت	آمنو و عـَـملـُـوالصلحت
120	13	لا الا الا الله	لا اله الا اللّٰه
121	7	لا الا	لا اللّٰه
121	9	لا الله	لا اله
122	14	مزو فکري	مند فکري
123	2	حيقل	صيقل
123	4	(حيقل)	(صيقل)
125	9-8	کنهن جي جي	کنهن جي
126	16	تر ٽي	ترقي
126	17	اتفراق	افتراق
127	11	قوم	قدم
187	19	لم	نم
187	24	حدا	جدا

www.maktabah.org

صفحہ	سطر	غلط	صحیح
19	13	ربي بربي (اصل متن)	ربي ربي
130	1	آدٗعٗونيي	آدعوذٗي
131	8	رويت	رؤيت
131	9	رويت	رؤيت
131	16	وچ تہ	وچ ہ
123	12	مارد عالم	مادر عالم
134	2	بقا بہ الله	بقا با الله
137	1	آحر	آخر
137	3	حن	جن
139	4	مجاتو	سجاتو
141	16	مقامٗ	مقامن
145	3	ڈمي	ڈسي
145	20-19	خدمت ہ ہ	خدمت ہ
146	23-22	نتي ڈہ پٹي	ٹي نہ پٹي
150	7	سنڈي	سدي
150	1	راء قنوچ	راء کنوچ
152	1	گهري	گهيري
154	7	چاليها ورهہ	چاليهارو ورهہ
167	13	هن آدي بنيادي	هن جي آدي بنيادي
168	24	نيتاپور	نيشاپور
171	9	سيد	سدہ
174	9	عمر ويهہ سال	عمر هڪ سؤ ويهہ سال
176	16	اثر	اڏر
178	13	بعيت	بيعت
191	13	605 هـ	602 هـ
183	06	حمن قوال	حسن قوال
183	07	ڈينهن	ڈينهن

www.maktabah.org

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ جا ڇپايل ڪجهه ڪتاب

سنڌيءَ ۾ ڇپيل،	مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا	10.00
ديني ادب جو ڪيٽالاگ.		
قلمي نسخن جو تشريحي ڪيٽالاگ.	مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا	35.00
دائري وارن جي سنڌي (مصلح المفتاح)	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. (ختم ٿيل)	
شاه ولي الله جي تعليم.	پروفيسر غلام حسين جلباڻي	"
سيرت طيبه.	پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي	"
جهانيان خاندان.	وي - جي - مڏائي	
مشاهير الاسلام.	مولوي عبدالرحيم منگسي	20.00
سيرت النبي. (پارن لاءِ)	ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ	7.00
غمرت الزيجات.	عربي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	100.00
(ڪرانا ٿلڪ)		
Seerat-al-Nabi	100.00 Prof: Mohmad Brelwi.	

ڪتابن جي مڪمل فهرست ۽ وڌيڪ معلومات لاءِ لکو:

ڊڊريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄام شورو سنڌ
فون: 71125

www.maktabah.org



www.maktabah.org



www.maktabah.org

www.maktabah.org

بود و کرامت و اشیخ هرکه با عقاد خالص نزد او
تعلق مرید می شد او را بیک نظر و توجه و صاحب
سفائی و اصل بحق شاهد می رسانیدی و بوقت
موت نصیحت فرمود که مرا غسل با شراب
بدهید و بسوزان هرکه را کاری و مدعا بود با
او یک سراحی پر از شراب کرده بر قبر
منه ریخته می رود تا کاری او بفضل
خویش حاصل خواهد کرد منوز هرکه را کاری
و مدعا باشد او یک سراحی پر از شراب خوب
کرده بر قبر حرجه برد عی میریزد و مدعا خود است

(مقصود العارفين جي فارسي متن جو عکس)

www.maktabah.org

Maktabah Mujaddidiyah
www.maktabah.org

This book has been digitized by Maktabah Mujaddidiyah (www.maktabah.org).

Maktabah Mujaddidiyah does not hold the copyrights of this book. All the copyrights are held by the copyright holders, as mentioned in the book.

Digitized by Maktabah Mujaddidiyah, 2012

Files hosted at Internet Archive [www.archive.org]

We accept donations solely for the purpose of digitizing valuable and rare Islamic books and making them easily accessible through the Internet. If you like this cause and can afford to donate a little money, you can do so through Paypal. Send the money to ghaffari@maktabah.org, or go to the website and click the Donate link at the top.